

واچوڙن ۾ لاٽ
قمر شهباز

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# واچوڙن ۾ لاٽ

(ريڊيو ٽي وي ڊراما)

قمر شهباز

سنگم پبليڪيشنز
پوسٽ باڪس نمبر ١٢٧١
ڪراچي - ٨

## سنگم پبليڪيشنس جو 27 نمبر ڪتاب

ڪتاب : واچوڙن ۾ لاٽ
ليکڪ : قمر شهباز
صنف : ريڊيو – ٽي - وي ڊراما
چونڊ ۽ ترتيب : ڪرم الاهي چنا
پبلشر : سنگم پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر 13071 ڪراچي-8
ڪمپوز : علمي پريس، ڪراچي
پرنٽر : واحد آرٽ پريس، ڪراچي
ٽائيٽل : فتاح هاليپوٽو
ڇاپو پهريون : جنوري 1987
قيمت : معياري ايڊيشن -/30
ڊيلڪس ايڊيشن -/50

---

Title : Wachooran Me Lat
Author : Qamar Sbahbaz
Subject : Radio & TV. Plays
Compiled by : Karam Illahi Channa
Published by : M/s Sangam Publications
P.O.Box No:13071, Karachi
Composed by: Ilmi Press, Karachi
Printed by : Wahid Art Press, Karachi
First Edition : January 1987
Price : Standard Edition Rs: 30/=
Deluxe Edition Rs: 50/=

راجا، منهنجو اڪيلو پٽ ئي نہ ،
منهنجو پاڇو پڻ آهي؛
حصو آهي منهنجي وجود جو.

جڏهن مان نہ رهندس،
تڏهن بہ جيئندس؛
سندس روپ ۾ ،
سندس ئي رنگ ۾،

شل اهو روپ سروپ ٿئي !

— قمر شهباز

# فهرست


قمر شهباز جي باري ۾ — خواجه امداد
ڊرامي جو سماجي ڪارج — ف-م-لاشاري


## ريڊيو ڊراما


o واچوڙن ۾ لاٽ 20
o ڪاري 53
o قرض مرض فرض 81
o رشتا 105
o تنهنجون ڳالهيون سچن 133
o مان ۽ منهنجو ساٿي 159


## ٽيليويزن ڊراما


o راهون جدا جدا 185
o واريءَ سندو ڪوٽ 215
o شڪست 259

# پبلشر نوٽ

- اداري سنگم پبليڪيشنس پاران، سنڌيءَ جي مشهور ڊرامہ نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر محترم قمر شهباز جي ڪجهہ شاهڪار ريڊيو- ٽي وي ڊرامن کي چونڊي ڇاپي پيش ڪري رهيا آهيون. ان کان اڳ اداري کي ”قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون“ ڇاپڻ جو پڻ اعزاز حاصل آهي.
- هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ ڪجهہ ڊرامن جا ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي پڻ پنهنجي اهميت رکن ٿا. پر هن ڪتاب ۾ اسان خاص طور تي ڊرامن جي لکڻيءَ جي ڏانءَ/هدايتن تي توجهہ ڏنو آهي. ان سان اسان جي نون / سيکڙاٽ ليکڪ سائين کي چڱي رهنمائي ملندي.
- هن ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۾ ريڊيو پاڪستان جي محترم شيخ محمد ابراهيم، خواجہ امداد ۽ نثار ميمڻ وڏي مدد ڪئي- ۽ ليکڪ جو رنگين فوٽو محترم اياز راشديءَ ڏنو. ادارو سندن ٿورائتو آهي. ان کان علاوه ڇپائيءَ جي ڪم ۾ علمي پريس جي محترم حافظ محمد صديق ميمڻ ۽ ۽ محمد حسن بلوچ صاحب جن تمام گهڻو تعاون ڪيو، ادارو سندن ٿورائتو آهي.

— پبلشر

خواجا امداد

# قمر شهباز جي باري ۾

قمر شهباز جي سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيڪار ۽ شاعر جي حيثيت سان شهرت ڪيتري آهي؟ اهو ته خير ادب جا پارکو ۽ اديب ئي فيصلو ڪري سگهن ٿا، باقي جيتري قدر منهنجي چاڻ جو تعلق آهي ته، جديد سنڌي ادب ۾ قمر شهباز هڪ منفرد افسانه نگار ۽ شاعر جي حيثيت سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو.

قمر شهباز سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ريڊيو ڊرامي جي پروڊيوسر جي ناتي سان ٿي. ۽ پوءِ اهو ناتو هوريان هوريان دوستيءَ جي بندڻن ۾ منتقل ٿيندو ويو ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مون تي آها ڳالهه به Discover ٿي ته هو هڪ ڪل مک، مخلص ۽ پيار ڪندڙ دوست پڻ آهي.

قمر شهباز جي بنيادي شهرت بيشڪ ادب ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان هوندي، پر سڄي سنڌ جا ماڻهو آئيرندڙ قمر کي جنهن حوالي سان پنهنجو فيورٽ ليکڪ محسوس ڪندا آهن، اهو آهي سندس ڊرامه نويس وارو روپ. ريڊيو ڊرامي جي ليکڪ واري حيثيت سان، قمر کي جيڪا سڃاڻپ ۽ رسپانس ٻڌندڙن وٽان ملي آهي، اهڙي سڃاڻپ، قمر شهباز کان اڳ شايد ئي سندس ڪنهن ٻئي هم‌عصر ڊرامه نويس کي ملي هوندي.

قمر جي ان پاپولرٽي جا به ڪي سبب آهن ۽ تحقيق ته آهن ــــ ڪهڙا؟ آهي هي ته، ڊرامي ۾ اڪثر ماڻهو (ٻڌندڙ) پنهنجا ڏک، سک، اهنج، ايذاءَ مسرتون، نامراديون ، ناڪاميون، ڪاميابيون ۽ پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌڻ جا متمني هوندا آهن، ۽

ان ڏس ۾ قمر جي قلم جي جڪڙ سدائين ماڻهن جي نبض تي رهي آهي ۽ ان ڏس ۾ هن زندگيءَ جي ايڏو قريب تر ٿي ڊراما لکيا آهن جو انهن تي حقيقت جو گمان گذرندو آهي. قمر جي ڊرامن جا ڪردار ايڏا ته، اوريجنل ۽ جيئرا جاڳندا هوندا آهن جو، اهي مجسم آهي ٿي ڪردار هوندا آهن جيئن آهي حقيقي زندگي ۾ هوندا آهن. مثال طور هن جي ڊرامي ۾ ماءُ جو ڪردار آهي ته، اهو ڪردار پنهنجن سمورين محبتن، شفقتن ۽ قربانين سميت هڪ ماءُ جو ئي ڪردار هوندو آهي. پيءُ آهي ته، اهو سمورين سچاين سميت پيءُ ئي هوندي آهي. محبوبه آهي ته، مڙني ادائن، وفائن ۽ جفائن سميت محبوبه ئي نظر ايندي آهي. هيرو آهي ته، اهو هر حالت ۾ هڪ آئيڊيل هيرو ئي هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن ائين چئجي ته، قمر جي ڊرامن ۾ سندس هر ڪردار پنهنجي شخصيت پاڻ تعين ڪندو ۽ پنهنجي شمع پاڻ ٻاريندو نظر ايندو آهي. وڏي ڳالهه ته، قمر، ڊرامي ۾ مقصد جي 'مام' رکڻ به ڪڏهن ناهي وساريندو. هن جي هر ڊرامي ٻڌڻ سان ٻڌندڙ جي ذهن ۾ شعور جون ڪئي چٽنگون روشن ٿي پونديون آهن. مسئلن جي حل جون ڪئي واٽون نڪري نروار ٿي پونديون آهن ذهن ۾ جاڳرتا جا ڪئي گل ٽڙي سرهاڻ پکيڙڻ لڳندا آهن ۽ اها به حقيقت آهي ته، انهيءَ لفظي جادوگريءَ ۾ هو اهڙيون اهڙيون ته چڀيندڙ ۽ ڇهندڙيون پائيندڙ ڳالهيون ڪري وڃڻ جي صلاحيت رکي ٿو، جيڪي هوند ريڊيو ڊرامي جي ذريعي سنئين سڌي انداز ۾ ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هونديون آهن.

ريڊيو ڊرامي جو تعلق آواز سان آهي، پوءِ اهو آواز مڪالمن جو هجي، پس منظر موسيقيءَ جو يا صوتي اثراتن جو، ريڊيو جي لاءِ لکڻ وقت انهن سڀني شين جو خاص ڌيان رکيو ويندو آهي، خاص ڪري لفظن جي چونڊ ڪرڻ تي ته ٻنهه خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي، ۽ ان ڏس ۾ ته قمر شهباز مڪمل سامري جادوگر آهي. جيڪڏهن هتي اهو چئجي ته، وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته

آهي. انهن خوبين ڪي آڏو رکي قمر جي، سندس ڪن ٻين همعصر ڊراما نويسن سان ڀيٽ ڪبي ته، پنجن آڱرين مان اڌ ڪان وڌيڪ آڱريون خالي ڇڏيون پونديون.

سٺي ريڊيو ڊرامي جي هڪ خوبي هيءَ به سمجهي ويندي آهي ته ڪردار جيترا ٿورا هوندا، ڊرامو ٻڌندڙن جي لاءِ اوترو قابل قبول ۽ دلچسپ تصور ڪيو ويندو آهي. اِن پرک تي قمر جي ڊرامن ڪي جانچبو ته هن وٽ هن ڏس ۾ به احتياط نظر ايندو ۽ هن وٽ ڊرامن ۾ ڪردارن جو ڪرائوڊ نظر نه ايندو. جيڪڏهن ڪنهن ڊرامي ۾ هن ڪردارن جي 'گهڻ' به رکي آهي ته آهي ڪردار ڊرامي ۾ پنهنجي پوري Justification سان موجود نظر ايندا. قمر جا ڪردار ڊرامن ۾ ٻولي اُها ڳالهائيندا آهن، جنهن طبقي سان سندن واسطو هوندو آهي. ڪردارن جي ورائٽي ڊرامن ۾ رکڻ سان گڏوگڏ قمر وٽ ڊرامن جي موضوعن جي به رنگارنگي آهي. ڇا تاريخي، ڇا سماجي، ڇا ميلو، ڇا ٽريجڊي، ڇا ڪاميڊي هن هر طرح ۽ هر ٽائيپ جا ڊراما لکيا آهن ۽ انهن سان پليءَ پيت انصاف به ڪيو آهي. ڪاميڊي ڊرامن لکڻ جو تـه، قمر وٽ ڏانءُ ئي مختلف آهي. ان ڏس ۾ هو ايترو ته وڻي ۽ شارپ آهي جو چڻ سندس اندر ۾ مزاح جا ڪارخانا لکيا پيا آهن. ڏٺو وڃي ته مـزاح لکڻ سولو ڪم ڪونهي، صرف ڪجهه مزاحيه اسڪرپٽس لکڻ ڪان پوءِ، مزاحيه لکندڙ ليکڪ ٿڪجي ساٺو تي پوندو آهـي ۽ غريب جي خالي کيسي وانگر ٿي ويندو آهي.

قمر مسلسل ريڊيو لاءِ مزاحيه شيون لکيون آهن ۽ سالن تائين متواتر لکيون آهن. پـر مجال آهي جو هـن ڪڏهن ڪو سنگل ٽوٽڪو ڪڏهن ريپيٽ ڪيو هجي. قمر جـي اِنهن مزاحيه انــداز ۾ لکيل اسڪرپٽس جـي نمايان خوبي هـي به آهي تـه، هو محض مسخري ناهي لکندو، ان مسخريءَ ۾ هـو طنز جا تير ۽ مقصد جا نوڪدار نشتر رکڻ ڪڏهن به ناهي وساريندو.

جو 'زير و بم' ڏئي امر بنائي ڇڏيو آهي. ان ڏس ۾ خاص ڪري مرحوم غزاله رفيق، قربان جيلاني، نورمحمد لاشاري، گل بانو، اي آر بلوچ وغيره وغيره جا نالا نمايان آهن.

قمر جي ڊرامن جي پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان آخر ۾ جا ڳالهه چوڻ چاهيان پيو، آها هيءَ ته قمر شهباز جي فن ۾ مسلسل ارتقا آهي. شروع شروع ۾ هن جيڪي ڊراما لکيا ۽ ان کان پوءِ هو جئين جئين ڏيهي ۽ پرڏيهي ڊرامن جو مطالعو ڪندو ويو، تيئن تيئن هن جي لکڻ ۾ وڌيڪ پختگي ۽ اسلوب ۾ وڌيڪ نواڻ ۽ ارتقا پنهنجو پاڻ ايندي وئي، ۽ اهائي اهڙي فني صلاحيت آهي جنهن قمر کي نت نوان موضوع هٿ ڪري نئين نئين انداز نئين اسٽائيل ۽ ٽيڪنيڪ ۽ ٽريٽمينٽ سان لکڻ جي اتساهه ڏني آهي ۽ کيس جديد ڊراما نويسن جي انڊيڪس ۾ نمايان نالو ڏئي ڇڏيو آهي.

مون کي خوشي آهي ته مون قمر شهباز جي ڊرامن بابت هي ڪجهه اکر لکيا آهن. مٿي جيڪي ڪجهه به لکيو اٿم، اهو دراصل ڪجهه به ڪونهي- ڇو؟ ان ڪري جو منهنجو قلم اهو قلم ڪونهي جهڙو قمر شهباز جو آهي، هي ته بس محض جذبن جو اظهار ۽ دل جو آواز آهي، جيڪو مون اوهان جي آڏو ڪيڏي ظاهر ڪيو آهي ۽ ان کان وڌيڪ پيو ڪجهه به نه!

—※—

ف - م - لاشاري

# ڊراميجوسماجيڪارج

حڪم ٿيو آهي تہ آءٌ محترم قمر شهباز جي هنن ڊرامن جي سماجي ڪارج متعلق لکان، ڇو تہ انهن جي فني پهلوئن تي ماهرن ڪان ڌار لکرايو ويو آهي. ڪنهن بہ شيءِ جي سماجي ڪارج کي ڪٿڻ ڏاڍو اوکو ڪم آهي، ڇو تہ هن دور جون گهرجون، نهايت نڪيون ۽ ٽڪڙيون آهن ۽ هڪدم ڪجهہ نہ ڪجهہ نتيجا گهرن ٿيون. انسان دشمن قوتن جو دٻاءُ ايڏو وڏي ويو آهي، جو مزاحمت اوس ۽ اٿتر تي وئي آهي. سوال اهو آهي، تہ جيڪڏهن سڄي جي سڄي قوم مٿان هٿيار کڻي ڪو اچي بيهي رهي، تہ آن مهل ماڻهو ڇا ڪن؟ پيش پون يا منهن ڏين. اهي ٻئي بہ صورتون آهن، ٽين ڪا بہ ناهي. سياستدان لاءِ، عام ماڻهو لاءِ ۽ اديب لاءِ بہ. اديب ڇاڪاڻ تہ انساني شعور جي اڳيري وات جي فهم رکڻ جو ذميوار آهي، تنهن ڪري سندس فرض نباهڻ جو ڪم پڻ ٻين کان وڌيڪ اهم آهي. پر ان جي اهميت تڏهن آهي، جڏهن هو تبديلي جي عمل لاءِ ڪم ڪندڙ قوتن جي ساٿ سان هلي. ٿيو وري ائين آهي، جو تبديلي لاءِ ڪم ڪندڙ قوتن ۾ ڳانڍاپو ناهي، جنهن ڪري تبديليءَ جون طرفدار قوتون ٽڙيل پکڙيل جزن وانگر آهن ۽ ان ئي طرح ڪم ڪن ٿيون. انهن سڀني جزن جي ميڙ چوند ڪري ملائڻ لاءِ چقمق جي ضرورت آهي. اهو ڪم ٿيڻو بهرحال ضرور آهي، پر تڏهن بہ ذميدار اديب ذميواري کي محسوس ڪندي لکن ٿا.

هاڻي واري ڳالهہ تي اچي، تہ ذميوار اديب کي سياسي ضرورتن لاءِ بہ لکڻو آهي ۽ پنهنجي سماج جي کوٽ ڏسائڻ پاسن لاءِ بہ. قمر شهباز جا ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ لکيل هي ناٽڪ ستر واري

ڪري پيو يانه، پر هو پوري سچائي سان ناٽڪ ڪري ٿو. ڇو ته شيڪسپيئر چوائي، دنيا اسٽيج آهي. ناڪام ماڻهو ناڪام ائڪٽر آهن ۽ ڪامياب ماڻهو ڪامياب ائڪٽر. سماجي رشتو ان ناٽڪ جو هدايتڪار آهي. فرق رڳو اهو آهي ته مٿيان پرماري طبقا ڪوڙا ناٽڪ ڪري سڀڪجهه هضم ڪيو وڃن ۽ جيڪي ڪوڙا هٿ نات نتا ڪري سگهن سي، ايڪسٽرائن وانگر وقت ڪاٽي رهيا آهن. آرٽسٽ جو اصل ڪم ڪوڙي ناٽڪ جو خاتمو ڪري زندگيءَ کي ان جي اصليت ڏانهن موٽائڻ آهي.

اصل ۾ ڊرامو فطرت جي ماڊلن ۾ موجود آهي. ڪڪر، گجگوڙيون، ڪنوٽيون ۽ درياه جا گهوگهاٽ، سمنڊ جي مستي ۽ ماناڻي، اونداهي ۽ چانڊوڪي، سڀ پاڻ ۾ ڊرامي جون خوبيون رکن ٿا. قديم ڏندڪٿائي، توڙي هرقسم جي تخليقي شين ۾ ان ڊرامي جا عڪس موجود آهن. انسان ته وري عجب مخلوق آهي. هو فطرت جي سڄي وايو منڊل جو نهايت ڪامياب نقال آهي. فطرت جي ممتا ۽ تباهي وارا گڻ به منجهس ڏي آهن. ائين ڊرامو ازل کان موجود حقيقت آهي. خود دنيا جي اهم مذهبن ۽ فرقن ۾ نقالي ۽ ڊرامي جون اڄ ڏينهن تائين جيئريون حقيقتون موجود آهن. اهي سڀ ڳالهيون انساني اظهار جي وسيلي طور ڊرامي جي اهميت جي تصديق ڪن ٿيون.

ان ڪري ڊرامو، ادب جي اهم صنف جي حيثيت سان دنيا جي سمورين سڌريل، توڙي پوئتي پيل ٻولين ۾ موجود ملندو. اديب، ڊرامي جي ان بنيادي اهميت کان واقف هئڻ جي ناتي پنهنجي تخليقي ذميداري کي سمجهي ٿو. هو ڊرامي کي سماجي ڪارج لائق بنائڻ لاءِ، معاملن کي چٽو، واضح ڪري فوڪس ۾ آڻي پنهنجي موضوع ڏانهن خلق جو ڌيان ڇڪائي ٿو. شيڪسپيئر، چيخوف، گورڪي، برٽولٽ بريخت، آسڪروائلڊ ۽ ٻين تمام گهڻن اديبن ڊرامي ذريعي انقلابي صورتحال تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏني آهي.

طبقي جي شهري ماڻهوءَ جي نمائندگي ڪري ٿي.

ٽائيٽل ڊرامو "واچوڙن ۾ لاٽ" بنيادي ڪيا ڏيندڙ پرپور ڊرامو آهي. سياسي پارٽين اجا سنجيدگيءَ سان ان ڳالهه تي نه سوچيو آهي، ته عوام کي سنڌي طرح سندس مسئلن جي بنياد تي ڪيئن منظم ڪري انقلابي جذبي سان پري سگهجي ٿو. هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار شهرڪان پڙهي، سماجي شعور حاصل ڪري ڳوٺ موٽي آيل نوجوان يوسف آهي. هو پيار، پنهنجائپ، سرن ۽ سات جو اهڃاڻ آهي ، ان ڪري ڳوٺ ۾ پنهنجا ڪافي ساٿي ۽ همدرد پيدا ڪري ٿو وٺي. سندس پيدا ڪيل شعور ذريعي ڳوٺاڻا قرباني ۽ اجتماعيت سان فائدو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿـي، خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، ۽ مڪاني نوعيت جـي جدوجهد ۾ سوڀارا ٿين ٿا. هن ڊرامي جو موضوع ۽ ان جو نباهه سنڌي سماج لاءِ بنيادي اهميت جو نياپو رکي ٿو.

قمر صاحب جي ڊرامـن جي ڪاميابي کي ڏسندي، اهـا آس رکڻ اجائي نه ٿينديءَ، ته هن پائي جو ليکڪ اڳتي هلي عوام جي انقلاب کي پنهنجي ڊرامي جو موضوع بڻائي.

# واچوڙن ۾ لاٽ

## سين پهريون

[ درياءَ جي لهرن جو آواز - ٻيڙي ۾ ناکئو ۽ هاشم درياءَ اُکري رهيا آهن - ٻيڙي هلڻ جو آواز— ]

هاشم - ناکئا! اڄ دريا شاهه جي دهشت ڏسڻ وٽان آهي. لهرن جي لوڏ ۾ ايندڙ ٻوڏ جا آثار ٿا ڀانئجن.

ناکئو - هاشم خان، سنڌو اسان جو ساهه پساهه آهي. هن جي اٿاهه مان ئي اسان جي اَجايل ڌرتي پنهنجي پياس ٻجهائيندي آهي. سوڪهڙي تي ساوڪ ائين ايري ايندي آهي، جيئن چونيءَ تي چٽ. صدين کان وٺي هي دادلو درياءَ اسانجي درد جو درمان ٿيئي رهيو آهي.

هاشم - پر ناکئا! هيل مون کي سنڌوءَ جي سير ۾ ڪروڌ جا ڪن ٿا ڏيکارجن. خبر ناهي ڇو؛ هن کان اڳ مون ڪڏهن به درياءَ کان ايڏو خوف نه کاڌو آهي.

ناکئو - هاشم خان، تون تہ پاڻيءَ جو پُونئرو آهين. ڪنڌيون ڪڏندي پريا پيا اٿئي. تون پاڻيءَ جي پيٽ کان ذري پرزي واقف آهين. هن کان اڳ به ڪئي دفعا سنڌوءَ جي سَٽَ، سائيهه کي ساٺو ڪري ڇُڪي آهي، پر هربار اُونهي جي آٿل، امڙ ڌرتيءَ لاءِ امرت بنجي وئي. تو کي ياد آهي، ڏهاڪو سال اڳ—

هاشم - (ڪنيندي) ها ناکئا. مون کي ياد آهي. تنهن سال دريا شاهه ڪنڌيون ڪوري؛ مست اَٿ جيان گجندو، رڙندو، راڙو ڪندو، اَيري آيو هو. چولين جي ڇاڇ ڳوٺ جي

ڪُوپن جا ڪنڌ نوائي ڇڏيا هئا! وستيون ويران ۽ واهڻ ويرون تار تي ويا هئا. ان ٻوڏ ۾ منهنجو سڀڪجهه لڙهي ويو هو. رڳو پنهنجا سر بچائي نڪتا هئاسين.

ناڪئو - هن ساڳيءَ دنگيءَ تي مون توهان کي درياءَ اُڪاريو هو. مون کي هنيلي درياءَ جي هيبت اڄ به ياد آهي هاشم خان. ائين پئي لڳو ڄڻ سنڌو اسان سان سڀ سڱ ٽوڙي ڇڏيا هئا.

هاشم - سنڌوءَ سان اسان جا سئو سڱ آهن ناڪئا! هن نديءَ سان اسان جا درد جا رشتا آهن. سک جا سوانگ آهن. صدين کان هيءَ سرزمين دريا شاهه کي پنهنجي سينڌ جو سنڌور سمجهندي پئي آئي آهي.

ناڪئو - اسان پاڻيءَ جا پٽ آهيون. پاڻي اسان جي زندگيءَ جو سهارو آهي هاشم خان. جڏهن سياري ۾ دريا شاهه اپرو ٿي ويندو آهي، تڏهن اسان جي من جو موتيو ڪومائجي ويندو آهي. ائين لڳندو آهي، ڄڻ پنهنجوئي ڪو ڪٽس ۾ ڪٽڪي رهيو هجيم. مان انهن ڏينهن ۾ دريا جو ڏک ڏسي ڪونه سگهندو آهيان. اسان ميربحر ته سنڌوءَ کي سبز ڏسڻ جا خواب لهندا آهيون ۽ پوءِ جڏهن ساوڻ ايندو آهي ۽ مٿي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾ پاڻي پالوٽ ڪري پوندو آهي، تڏهن سنڌوءَ ۾ ساهه پئجي ويندو آهي—۽ پالڪ جوان ٿي ڪر موڙي اٿندو آهي. سندس انگ انگ ۾ امنگ ڊوڙي ويندا آهن ۽ مستي موٽي ايندي آهي. تڏهن لهرن جي لوهه ڏسي منهنجو من جهومي اٿندو آهي. مون کي ڇولين جي ڇر تي ڇلڻ ۾ خوشي ملندي آهي.

هاشم - سچ ٿو چوين ناڪئا. دريا جون دادلايون ئي اسان جي حياتيءَ جو اهڃاڻ آهن. ڪيترن ورهين کان ڪچو ڪونه ٻڏو آهي. ٻه چار داڻا، جي مينهن وسنديءَ لاءِ

## سين ٽيون

[يوسف پنهنجي ساٿين سان ـــ]

يوسف ـ ساٿيو! ڪالهه اسان آزاديءَ جي باري ۾ ڳالهايو هئو.
اڄ مان توهان کي ”همت“ جي متعلق ڪجهه ٻڌائيندس.
”همت“ اها وصف آهي، جا آزاديءَ کي جنم ڏئي ٿي،
۽ خوشحالي کي پالي ٿي.
همت سچائيءَ جي سهيلي ۽ سورهيائيءَ جي ساٿي
آهي. ارڏا ڏونگر، اوچا پهاڙ، عميق سمنڊ ۽ پرخطر پيچرا
همت جي هٿيار اڳيان هيچ ۽ ڪمزور آهن. انسان صدين
کان ڌرتيءَ جي سيني تي هر ڪاهيندو پئي رهيو آهي.
زمين جا لڪل خزانا ڳولڻ لاءِ هن اونهي ۾ اهري ڏٺو
آهي. آڀ تائين آڏامي آڪاس ۾ جهاتي پائي نهاريو آهي.
۽ اڄ جيڪڏهن انسان عظيم آهي ته صرف ان ئي هڪڙي
ڳڻ سبب. اڄ اسان کي گڏجي اهو عهد ڪرڻو آهي ته
پنهنجي پياري وطن خاطر، آزاديءَ جي اوج خاطر، خوشي
۽ خوشحاليءَ خاطر، ڪڏهن به، ڪنهن به موڙ تي اسانکي
پنهنجي حياتيءَ جو داءُ لڳائڻو پيو ته ڪلندي جان ڏيندا سين
۽ همت ۽ بهادريءَ جو بي مثال باب دنيا وارن لاءِ
ڇڏي ويندا سين.

جانو ـ يوسف! تنهنجي سهڻن خيالن اسان ڳوٺائن ۾ نئين زندگي
پيدا ڪري ڇڏي آهي. هڪ نئين سوچ اسان جي ساهه
۾ سمائي ڇڏي آهي. هن کان اڳ اسان راهه جا پٿر
هئاسين، بيٺل پاڻي هئاسين، خاموش خواب هئاسين، پر
تنهنجي علم اسان جي عمل ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي، هاڻي
اسان ڪهڙو ڪجهه سڪي ۽ سمجهي چڪا آهيون.

يوسف ـ جانو، منهنجا يار، مون ڪجهه به نه ڪيو آهي. اهو ته
فرض جو سڏ هو جو صدين کان صحرائن ۾ گونجندو

يوسف ـ نہ شهزادي! اها ڳالهہ ناهي. در اصل..........

شهزادي۔ مونکي ڀلائڻ جي ڪوشش نہ ڪر يوسف! تون مون ڪان نظرون ڦيري ويو آهين. منهنجي محبت رڻ جي رڃ ۾ ازل جي اُڃ مٽائڻ لاءِ ڀٽڪي رهي آهي ۽ تون ماڳر مٿي هليو بہ وئين.

يوسف ـ شهزادي !

شهزادي۔ مان ڪيڏي نہ ڀوري هيس. تنهنجي مرڪ کي سڪ جي سرڪ سمجهي اندر ۾ اوتي ڇڏيم. تنهنجي چاهہ کي ساهہ ۾ سمائي، زندگي کي زنجير پهرائي ڇڏيم. تنهنجي پيار کي سار سمجهي مَن ۾ مڙهي رکيم. پر تون تہ ڪنهن ٻيءَ مَڌ جو متوالو هئين. جڏهن نينهن نڀائڻ جي ويل آئي، تڏهن دل ۾ درد سمائي منهن موڙي وئين—!

يوسف ـ شهزادي! مونکي غلط سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪر— منهنجي پريت ڪنهن ريت جي محتاج ناهي. نيڻن جي محبت من ۾ ميخون ٺڪي وئي آهي. مان تو کي وسارڻ موت کان وڌ اذيتناڪ ٿو سمجهان. منهنجي مجبورين کي بيوفائيءَ جو الزام نہ ڏي شهزادي.

شهزادي۔ آخر ڪهڙي مجبوري آهي يوسف! ڪجهہ مان بہ تہ ٻڌان. مان تنهنجي مڱيندي آهيان - ڇا مونکي اهو سڀڪجهہ ڄاڻڻ جو ڪوبہ حق ناهي؟

يوسف ـ شهزادي! فرض ڪڏهن پيءُ بنجي پڪاريندو آهي، ڪڏهن ماءُ بنجي مدد لاءِ سڏيندو آهي، ڪڏهن جوت بنجي جرڪندو آهي، ڪڏهن جوالا بنجي جلائيندو آهي. توسان منهنجو پيار لازوال آهي، منهنجي محبت امر آهي، منهنجي چاهت چري آهي ۽ منهنجي پريت پاڳل آهي. پر—! منهنجي نبل ڪلهن تي ڪي پيا بہ بار آهن.

شهزادي۔ پر تو ڪڏهن بہ اڳ اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪئي هئي يوسف!

يوسف ـ ڪلهہ ۽ اڄ ۾ وڏو فرق هوندو آهي شهزادي! ڪلهہ

منهنجي سوچ سانيتڪي هئي. اڄ منهنجي من ۾ مهراڻ موجون ماري رهيو آهي. ڪلهه احساس جي آڏام اڌوري ۽ اڻپوري هئي. اڄ چاڻ جا ٻاڻ اونداهين ۾ آڏري هليا آهن.

شهزادي- مونکي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي! تون — تون ايترو ڏاريو ڇو ٿي ويو آهين يوسف! تومان پيار ۽ پنهنجائپ ڪيڏانهن غائب ٿي وئي؟

يوسف - شهزادي! هيءَ ڌرتي منهنجي ماءُ آهي. جنهن مٿيءَ مان اُسريا ۽ اُپريا آهيون ۽ جنهن مٿيءَ ۾ مرڻ پڇاڙان موٽي ويندا سين؛ سا مهربان ماءُ ڏکن ۾ هجي ۽ اسان خودغرض پنهنجا نندڙا سک ڳوليندا وتون — اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ منهنجي وطن کي منهنجي خدمت ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي. علم جي روشنيءَ مون کي اهو ئي سيکاريو آهي. مون فيصلو ڪيو آهي ته مان هنن مسڪين غريب انسانن جي دکي زندگيءَ ۾ خوشيءَ جي جوت جلائڻ لاءِ زنده رهندس.

شهزادي- پر يوسف منهنجو پيار؟ منهنجي پريت؟ ڇاتون سڀڪجهه ڀلائي ڇڏيندين؟

يوسف - نه شهزادي! مان توکي ڪيئن ڀلائي سگهندس! تون منهنجي سيني ۾ ساهه بنجي رهندينءَ؛ نيڻن ۾ نير بنجي ڇُلندينءَ؛ دل ۾ درد بنجي جيئندينءَ — ! مان پنهنجي محبت جي موهه تي مگن، حالتن جون سختيون سهندو رهندس! ۽ پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن اميدن جو سورج اُپري ايندو، تڏهن مان ڇپ ڇاپ تنهنجي قدمن ۾ پنهنجو سيس نوائي ڇڏيندس. ڇئه شهزادي — ڇئه ته تون منهنجو انتظار ڪندينءَ؟

شهزادي- (روئندي) يوسف! هي توکي ڇا ٿي ويو آهي! تون ايترو بدلجي ڇو ويو آهين؟ منهنجو پنهنجو يوسف ڪاڏي

ويو—؟ ڪاڏي ويو ؟ (سڏڪا).

يوسف – مون تي ڀروسو رک شهزادي، مان تنهنجو آهيان؛ تنهنجوئي رهندس. منهنجي حياتيءَ جي پل پل تي تنهنجي يادن جا پاڇولا ڇانيل آهن. مون کي صرف ٿوري مهلت ڏي. مونکي پنهنجي وطن سان ڪيل وچن نڀائڻ ڏي.

شهزادي– (سڏڪندي) جيڪڏهن تون منهنجي محبت جو ايڏو سخت امتحان وٺڻ ٿو چاهين ته پوءِ مون کي به ثابت قدم ڏسندين.

يوسف – ڇگو شهزادي! هاڻي تون وڃ، دير ٿي وئي آهي؛ خدا حافظ.

شهزادي– خدا حافظ —.

## سين چوٿون

[هاشم جو گهر– در تي ڪڙڪو– جنت جي پيرن جو آواز– در کلڻ جو آواز—]

جنت – توهان موٽي آيا—؟ جلدي اندر اچو! گرميءَ ۾ ڪهڙو نه حال ٿيو آهي اوهان جو!

[پنهي جي قدمن جو آواز ويجهو اچي ٿو—]

جنت – رئيس وٽان ٿي آيئو—؟

هاشم – ( اداس لهجي ۾) ها جنت، رئيس وٽان ٿي پيو اچان.

جنت – چو خير ته آهي نه ؟ ڇا چيو رئيس؟ توهان ڪجهه ملول پيا ڏسجو!

هاشم – ( ٿڌو ساهه) ها جنت! جڏهن قسمت ساٿ ڇڏي ڏئي تڏهن پنهنجا به پراوا ٿي بيهندا آهن! رئيس صفا جواب ڏئي ڇڏيو.

جنت – جواب ڏئي ڇڏيو! پر— پر توهان ته چيو هو ته....

هاشم – مون غلط چيو هو جنت؛ خبر ناهي ڇو مون سڄي عمر غلط فيصلا ئي ڪيا آهن.

جنت – اوهان نا امید نہ ٿيو. خدا مڙئي چڱي ڪندو. رئيس آخر چا چيو؟

هاشم – رئيس اڳھ ئي پريو ويٺو هو. مونکي ڏسي مچرجي ويو! يوسف کي تمام گھٽ وڌ ڳالهايائين. چي، ”يوسف نڪمو آهي، بيروزگار آهي. غندن ۽ بدمعاشن جو ٽولو وٺي وتي ٿو ماڻهن کي گمراه ڪندو“.

جنت – پر توهان کيس سمجھايو چو ڪونہ؟

هاشم – مون وسان ڪين گھٽايو. چيم، ”يوسف اڃان ٻار آهي، انگريزي تعليم مٿس خراب اثر ڪيو آهي! جوابدارين جا بار پوندس تہ سيڪجھہ وسري ويندس.“ پر هن هڪ بہ نہ مڃي!

جنت – هڪ بہ نہ مڃي—؟ چا چيائين؟

هاشم – چيائين تہ هو شهزاديءَ کي هڪ ڪنگال ۽ ذهني بيمار جي پلئہ سان هرگز ڪونہ ٻڌندو. هو سندس شادي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪري ڇڏيندو. مون گھٽوئي چيومانس. پر هن کي منهنجي اڃي مٿي جو بہ شرم نہ پيو. هو چند خوشامدڙين جي هٿ ۾ رانديڪو بنجي ڪيڏي رهيو آهي.

جنت – پر ائين ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟ شهزادي ۽ يوسف هڪٻئي کانسواءِ رهي ڪونہ سگھندا. مان ماءُ آهيان، مون کي چاڻ آهي تہ منهنجي يوسف جي نس نس ۾ شهزادي سمايل آهي. هو ڪيڏو بہ ارڏو سهي، پر شهزاديءَ جو پيار هن جي هر فيصلي تي ڇانيل رهندو.

هاشم – اهو تہ مان بہ ڄاڻان ٿو. پر رئيس دولتمند ماڻهو آهي. دولت جو نشو دنيا جا سڀ رشتا ڀلائي ڇڏيندو آهي جنت!

جنت – يوسف کي اها ڄاڻ پوندي تہ هو ڪٿي ڪو غلط ڪم نہ ڪري وجهي! توهان ڪنهن نموني في الحال يوسف کان اها ڳالھہ لڪايو. منهنجو ٻچڙو اهو غم برداشت ڪري نہ سگھندو. هن جي دل ٽٽي پوندي.

( يوسف ﻻچي ٿو-.)

يوسف ـ امان! تون ڪو بہ غم نہ ڪر! يوسف پنهنجي پيار جي صدقي هڪ ڇا، هزار شهزادين جي جدائيءَ جو غم بہ سهي ويندو.

جنت ـ يوسف! هي تون ڇا چئي رهيو آهين-؟

يوسف ـ ها امان! منهنجو نئون پيار!

جنت ـ نئون پيار-؟

يوسف ـ منهنجو اٿاهہ پيار! منهنجي وطن جي پونءَ سان! هر مٽيءَ سان؛ جنهن مون کي، تو کي، اسان سڀني کي جنم جنم ڏنو! جا اسان لاءِ سون ورنا سنگ ڪڍي ٿي ۽ ننگ ڍڪي ٿي. جا صدين کان اسان جي جيجل آهي ۽ قيامت تائين پنهنجو جهول پنهنجي ٻچڙن لاءِ پريل رکندي! مون پيار ڪيو آهي امان؛ هن جيجل ماءُ جي ڏتڙيل اولاد، انسان سان! مان محبت ڪئي آهي مزدور ۽ محنت ڪش هاريءَ سان! مون پريت ڪئي آهي پيڙهيل طبقي سان! مان دنيا جي هر آسائش ان پيار جي شمشان ۾ اوتي ڇڏيندس.

جنت ـ يوسف! پٽ تو کي ڇا ٿي ويو آهي-؟ شهزاديءَ جي جدائيءَ جو غم نہ اٿئي؟

يوسف ـ امان! مون شهزاديءَ سان امر ۽ لازوال محبت ڪئي آهي. هوءَ منهنجي روح جي راڻي آهي؛ دنيا جي ڪابہ طاقت هن کي مون کان جدا ڪري نہ سگهندي. پر فرض جو قرض لاهڻ کانسواءِ مان هن سان لائون ڪيئن تہ لهي سگهان!

جنت ـ ٻچا! ڪجهہ تہ اسان جي عزت جو بہ خيال ڪر! ماڻهو ڇا چوندا؟ لوڪ آڱريون کڻندا! جيترا وات اوتريون ڳالهيون! اسان تہ ڪنهن کي بہ منهن ڏيکارڻ جي قابل نہ رهنداسين.

يوسف ــ تون ڪو بہ فڪر نہ ڪر امان ! هڪ نہ هڪ ڏينهن
توکي ضرور مونتي فخر ٿيندو. مان توکي يقين ٿو ڏياريان
امان، تہ منهنجو ڪو بہ ڪم اهڙو نہ هوندو جنهن سان
اوهانجي مون ۾ اعتماد کي ٺيس پهچي. مون پنهنجون
راهون ۽ منزلون تمام خبرداريءَ سان چونڊيون آهن.
منهنجو ڪو بہ قدم پڇتاءَ جي پيچري ڏانهن نہ ويندو امان.

جنت ــ ابا شل جواني مائين. شل وار بہ ونگو نہ ٿيئي. مون
ماءُ جون دعائون هميشہ توسان ساڻ رهنديون. تون
جو ڪجهہ بہ چاهين ٿو؛ شل خدا توکي پنهنجي نيڪ
مقصدن ۾ ڪاميابي عطا ڪري.

يوسف ــ منهنجي مٺڙي امان !

جنت ــ شل دشمن دفع ٿيني بچا.

هاشم ــ يوسف نيڪ ٿو چئي جنت! مون سندس خيالن کي پروڙي
ورتو آهي. هو ڏتڙيل انسان جو واهرو ٿي ميدان ۾ آيو
آهي. اسان کي گهرجي تہ سندس نيڪ ڪم ۾ ساٿ ڏيون.

يوسف ــ بابا !

هاشم ــ ها ! پٽ! پنهنجي ٻڍڙي ۽ ناتوان پيءَ کي تون هميشہ
پنهنجو مددگار پسندين. رئيس دولت جي نشي ۾ چور
آهي. هن کي اها بہ ڄاڻ نہ پئجي سگهي آهي تہ وقت
ڪيترو نہ بدلجي چڪو آهي. اڄ جو انسان دولت جو
نہ، انسانيت جو ڳولائو آهي.

يوسف ــ بابا ! توهان جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو تہ روح جهومي
اٿيو آهي. مان ــ مان هي خواب تہ نہ ڏسي رهيو آهيان!

هاشم ــ يوسف! پٽ، تو ڳوٺاڻن کي تعليم ڏئي ، هن قوم جي
وڏي خدمت سر انجام ڏني آهي . جنت! يوسف پنهنجي
ساٿين جي مدد سان ڪچي وارو رستو ٺاهي راس ڪيو
آهي. ان رستي ٺهڻ ڪري خبر اٿئي ڳوٺاڻن کي ڪيڏو
سک ٿي پيو آهي. هرڪو هٿ کڻيون پيو يوسف کي

يوسف – رئيس کي ان جو ڪڏهن به احساس نه ٿيو آهي، ته هو هميشه خوشامدڙين جي گهيري ۾ گهريل رهندو آهي ۽ هن کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو ويهي ڳوٺ وارن جي ڳڻتي ڪري.
هاشم – جيڪڏهن ٻوڏ آئي ته رئيس جو فصل تباهه ٿي ويندو! سندس ڪوٺ ٻڏي ويندو! آخر هو سمجهي ڇو نه ٿو!
يوسف – اهڙن ماڻهن جسي اکين تي انڌ جا پردا چڙهيل هوندا آهن. هو صرف حال لاءِ جيئندا آهن. مستقبل هنن جي لاءِ ڪا به معنيٰ نه رکندو آهي! ۽ پوءِ جڏهن ڪا آپدا اوچتو اچي ڪڙڪندي آهي، تڏهن سندن غرور ڪچي ڪچ جيان چور چور ٿي اچي پٽ پوندو آهي.
هاشم – پر تڏهن به پٽ، اسان جو فرض آهي ته رئيس کي ايندڙ خطري کان آگاهه ڪيون ۽ مدد جو هٿ ڊگهيريون.
يوسف – مون پاڻ اهوئي سوچيو آهي بابا! مان اڄ ئي رئيس ڏانهن وڃان ٿو. ڏسان ته هو ڇا ٿو چئي!
جنت – يوسف پٽ، رئيس اٿئي مڙئي کهرو ماڻهو. ڀلا نرميءَ سان ڳالهائجانس. چوندا آهن ته جي مڙيا سي جڙيا.
يوسف – تون ڪو به خيال نه ڪر امان! مان پنهنجي راهه پاڻ ڳولي چالان. چڱو امان هاڻي دعا ڪج.
جنت – ابا شل خدا ويرون وير وڌائيندئي.

## سين پنجون

[ رئيس جي اوطاق —]

رئيس – هون، ته اها ڳالهه آهي- چئبو ته هاشم خان موڪليو اٿئي؟
يوسف – چاچا، مان پاڻ تو هان سان ملڻ لاءِ آيو هوس. دراصل مونکي توهان سان ڪي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن.
رئيس – يوسف! مان توکي صاف صاف ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته مون جيڪو فيصلو ڪيو آهي، ان تان هرگز ڪونه هٽندس.

[خوشين جا آواز — نعرا —]

[گجگوڙ ۽ سخت مينهن جو تاثر — پيچ پيچ جا آواز]

جانو - يوسف! سخت مينهن لهي پيو آهي! اسان کي هاڻي موٽي هلڻ گهرجي.

يوسف - ترسو! مونکي مينهوڳيءَ جي پيني خوشبو سنگهڻ تہ ڏيو! آزاديءَ جو احساس منهنجي روح ۾ اترڻ تہ ڏيو!

جانو - برسات وڌندي ٿي وڃي!

گلڻ - وڏڦڙو وسي رهيو آهي.

حيدر - مولا پنهنجي مهر ڪئي آهي.

[مليل جليل خوشين جا آواز — برسات ۽ گوڙ جو آواز جاري]

ڪڙو - (پري ڪان) يوسف — يوسف —!

يوسف - ٻڌو! شايد ڪو سڏي رهيو آهي!

جانو - ها —! پريان هڙهيءَ سان ڪو سڏي رهيو آهي! او هو ڪو همراه هيڏانهن ڊوڙندو پيو اچي!

گلڻ - ڪير ٿي سگهي ٿو —!

حيدر - شايد ڪڙو آهي! رئيس احمد خان جو نوڪر.

يوسف - ڪڙو —! هن وقت هتي —! ضرور ڪا ڳالهہ آهي!

[ڪڙو سهڪندو اچي ٿو —]

ڪڙو - سائين غضب ٿي ويو —! ظلم ٿي ويو —! بغداد ٿي ويو!

يوسف - ڇا ڳالهہ آهي ڪڙو —؟ تون ايترو پريشان ڇو آهين —؟

ڪڙو - ڇا ٻڌايان سائين! اسان سان نسورو ناحق ٿي ويو.

جانو - همٿ ڪر ڪڙو! ڪجهہ تہ ٻڌاءِ —؟

ڪڙو - (روئندي) سائين رئيس جي ڳوٺ ۾ درياءَ پاڻي آيو آهي! سڄو ڳوٺ ٻڏي ويو.

يوسف - هي تون ڇا چئي رهيو آهين ڪڙو؟ رئيس ڪٿي آهي؟

ڪڙو - سائين رئيس نشي ۾ چور پنهنجي ماڙيءَ ۾ ستو پيو هو جو پاڻي ڳوٺ ۾ ڪاهي آيو! سڀ ڳوٺاڻا ڳوٺ ڇڏي آيا آهن! رئيس جا سڀ خوشامدڙيا دوست بہ ڪيس اڪيلو

چڙي پنهنجي جان بچائي وٺي ڀڳا ـــ!
يوسف ـ شهزادي ڪٿي آهي ؟
ڪرو ـ آها رئيس ڪانسواءِ هلڻ تي راضي نہ ٿي! شهزادي ڏيڍ
بہ رئيس سان گڏ ماڙيءَ ۾ اڪيلي آهي.
يوسف ـ آف! خدايا هاڻي ڇا ٿيندو ـــ؟
ڪرو ـ سائين! رئيس ماڙيءَ مٿان ٻيهي مدد لاءِ سڏي رهيو آهي
پر ڪنهن ڪي بہ ايتري همٿ ناهي جو درياءَ جي موجن
جو مقابلو ڪري سگهي.
يوسف ـ رئيس منهنجو چوڻ نہ ڪيو، هاڻي پاڻ سان گڏ بيگناه
شهزاديءَ جي زندگي بہ خطري ۾ وجهي ڇڏيائين.
ڪرو ـ سائين، وقت نهايت قيمتي آهي! ڀلائي ڪري جلدي
ڪيو! خبر ناهي هوڏانهن ڇا ٿيو هوندو!
يوسف ـ تون دل نہ لاهہ ڪرو! مان هر قيمت تي رئيس ۽ شهزاديءَ
کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندس. آئو ساٿيو! اسان کي
اڃا ڪم ڪرڻو آهي.
[ماڻهن جو آواز ـــ]

## سين اٺون

[مينهن جو آواز ـــ گوڙ جا ٺڪاءَ ـــ درياءَ جو شور ـــ
ماڻهن جا آواز مڪس ـــ]

رئيس ـ (پري کان) يوسف ـــ يوسف ـــ مونکي بچايو ـــ بچايو ـــ !
شهزادي ـ (پري کان) يوسف ـــ يوسف ـــ!
يوسف ـ (زور سان) مان اچي رهيو آهيان شهزادي ـــ! مان اچي
رهيو آهيان.
جانو ـ سياڻو ٿيءُ يوسف! درياءَ ۾ زور آهي ـــ! طوفان ۽ بارش
ويتر پاڻيءَ ۾ جوش پيدا ڪري ڇڏيو آهي! اهڙي وقت
تنهنجو درياءَ ۾ ٽپي پوڻ خطري کان خالي ناهي !
يوسف ـ جانو! منهنجو فرض اڃان پورو ناهي ٿيو! هي تہ طوفان

رئيس – مان هاشم خان جو ٻه ڏوهاري آهيان! پر چڱو ٿيو جو موقعو مليم! اڄ مان سندس امانت کيس هٿن سان هلي پهچائي ايندس.

يوسف – مان توهانجو مطلب نه سمجهيو چاچا!

رئيس – (کلندي) اڃان ننڍو آهين! مطلب ڇا سمجهندين! آئي ڏيءُ شهزادي ته چاچا هاشم خان جن وٽ هلون!

شهزادي– جي بابا!

يوسف – شهزادي!

شهزادي– مان توسان نه ڳالهائيندس.

يوسف – ڇـــو؟

شهزادي– بابا کان پڇ!

يوسف – اڇا! ته اها ڳالهه آهي!

رئيس – (کلندي) اڙي! توهان ته هاڻي ٺي ٿا وڙهو! سڄي زندگي ڪيئن گڏ گذاريندؤ ـــ؟

(ٺهڪ).

[موسيقي اوچي ٿئي ٿي ـــ ۽ ٺهڪ ان ۾ گم ٿي ٿا وڃن ـــ]

# ڪاري

## سين پهريون

[ رئيس جي اوطاق ــــ گهڻن ماڻهن جي ڪلڻ، ڳالهائڻ جو آواز ــــ ڪتن جي ڀؤنڪار وغيره ــــ]

رجو ـ خوش رهه ڙي جاڙا تنهنجي ويڙهه. هٽي وڏيري پنهل جي ڪڪڙ جا باڙداڻا ٿي ڪڍي وڌئي.

مجو ـ بابا، بادشاهي ڪڪڙ آهي! ڪو چرچو آهي ڇا؟

رجو ـ چرچو ته پنهل خان سمجهيو هو. هاڻي پتو پيو هوندس! جڏهن اڌ مئو ڪڪڙ رات ڪُهي ٻوڙ کائيندو!

[ سڀ کلن ٿا ــ]

خانو ـ اڙي! اسان جي موتيءَ کي شاباس نٽا ڏيو!

رجو ـ ڪتا هجن ته اهڙا! اصل هٽ پريءَ!

خانو ـ اڙي ڪتو تو چوينس! رئيس جـون اٽس ٻنيهه دليون. لئه ته ڏسينس! جهڙوڪ رئيس پاڻ ويٺو آهي!

رئيس ـ (ڪجهه ڪاوڙ ۾) چپ ڪر ڙي خانو! ڳالهائڻ اچئي ڪونه، رڳو پيو ڳف ڪرين!

خانو ـ بابا ڪاوڙ نه ڪر رئيس! مون ته رڳو ائين ٿي......

رئيس ـ (کتيندي) چڱو چڱو، گهڻو ٿيو. وڃ، وڃي موتيءَ کي آرام ڪراءِ، ٿڪجي پيو هوندو.

خانو ـ حڪم سائين! ٻانهو آهيان! مڙئي مهرجي نظر ڪجانءِ پوتار.

رئيس ـ هان وٺ پنهنجي خرچي! لاهه لُڙ! ها رجو! تون ڪر

---

واچوڙن ۾ لات

[ڦوڻو اچي ٿو—]

ڦوڻو — سلاماليڪم.

رئيس — ڀلي ڪري آيو. ڀريون احوال ڪر.

ڦوڻو — ساهي ته ڀتيان رئيس! ويهڻ ته ڏينم.

رئيس — ڀريون ٽڪڙ ۾ ڪا خير جي خبر ٻڌاءِ.

ڦوڻو — خبرون به پيون ٿينديون. ڀڪهر ته سڪايان.

رئيس — چيومانءِ ته بڪ.

ڦوڻو — چا بڪان؟

رئيس — هي رجو چا ٿو چوي؟

ڦوڻو — چا ٿو چوي؟

رجو — چوين ڪونه پيو ته رئيس لاءِ سوڪڙي گهولي اٿم.

ڦوڻو — اهي گالهيون ڪي راڄن ۾ ڪبيون آهن چلــ؟ وائڪا ٿيون ته پاڻهي ٿا ڳلون.

رئيس — اڙي آٿو هتان، هلو ٻاهر. وڃي ڪتن جي سار سنڀار لهو!

[سيٽي جي وڄڻ جو آواز — ]

رئيس — ها ڦوڻا، هاڻي ٻڌاءِ.

ڦوڻو — احوال خير جا!

رئيس — اڙي ڦات به ڪٿي؟ يا ڏيانءِ ڪتن کي؟

ڦوڻو — منهنجي لاءِ ته پوتار تون ئي ڪوڙ آهين!

رئيس — ڪير آهي؟

ڦوڻو — جڙيل جي ڌيءُ.

رئيس — نالو ڇاهيس؟

ڦوڻو — جنت.

رئيس — پرٽيل آهي؟

ڦوڻو — مڱيل آهي.

رئيس — ڪنهن سان؟

ڦوڻو — جانوءَ سان.

رئيس — جانو!

ڦوٽو — پنهنجو ڪڙمي ! واهه واري زمين تي .
رئيس — ڇا تي ڇوي ؟
ڦوٽو — رکو جواب !
رئيس — ڇو ؟
ڦوٽو — نياڳ جي نشاني !
رئيس — ٻيو ڪجهه ؟
ڦوٽو — جانوءَ جي ليڪ اٿس.
رئيس — هون !
ڦوٽو — ماڻهو ناهوڪو آهي !
رئيس — تل ڪر !
ڦوٽو — اهو ڪم مون تي .
رئيس — دير نه پوي.
ڦوٽو — تڪڙ ڪم شيطان جو.
رئيس — نصيحتون ڇڏ.
ڦوٽو — (ڪلنڊي) رک مولا تي رئيس ! پراڻا پاپي آهيون! ڪو گهاٽ گهڙي وٺنداسين .
رئيس — شاباس — !

[موسيقي جو آواز—]

## سين ٻيو

[رات جو وقت — ڪتن جو ڀونڪڻ— جڙيل جو اچڻ—]

جنت — توهان اچي ويا بابا ! اڄ ته ڏاڍي دير ڪيو. مونکي ته اڪيلي ۾ ڏاڍو ڊپ پيو ٿئي .
جڙيل— ڇري آهين! توکي ڪيترو چيو اٿم ته پريشان نه ٿيندي ڪر! دنيا جا ڪم ڪار آهن. ڪڏهن اوير ته ڪڏهن سوير!
جنت — پوءِ به بابا! خبر ناهي مونکي ڇو خوف ٿيندو آهي ! توهان ويهو ته مان ماني کڻي تي اچان. (وڃي ٿي—)
جڙيل— وڏيري جي ڇيڙ تي ويو هوس! ڇا ڪيون ڏيءَ، جنهن

جڙيل – عزت ۽ ذلت خدا جي هٿ آهي رئيس.
رئيس – تنهنجي ڳالهين مان ارڏائي جي بو اچي رهي آهي! مان اهو برداشت ڪري نٿو سگهان.
ڦوٽو – ٺڏو ٿيءُ رئيس! هن ڪراڙي جو عقل ڪانئس موڪلائي ويو آهي. عمر سان گڏ سندس سمجهه به سراپجي وئي آهي! غيرت جي دعويدار ڪي اها به خبر ناهي ته سندس ئي اکين آڏو بي غيرتيءَ جو ناٽڪ ٿي رهيو آهي!
جڙيل – ڇا ٿو چوڻ چاهين—؟ ڪولي چئه!
ڦوٽو – ته پوءِ ڪن کولي ٻڌ! تنهنجي ڌيءَ جنت! تنهنجو ۽ تنهنجي خاندان جو نالو روشن ڪرڻ خاطر جانوءَ سان هر رات محفلون مچائيندي ٿي وتي! هائي ٻُڌءِ—
جڙيل – اِهو ڪوڙ آهي! جنت اهڙيءَ ناهي!
ڦوٽو – هر پيءُ پنهنجي ڌيءَ لاءِ ائين ئي چوندو آهي.
جڙيل – جنت منهنجي عزت جو اهڃاڻ آهي.
ڦوٽو – جنت آهي اهڃاڻ ڪڏهوڪو مٽائي ميساري ڇڏيا پوڙها! اکيون پٽي ڏس ته توکي پنهنجي عزت پنهنجي ئي در تي نيلام ٿيندي نظر ايندي! (ڪلي ٿو—)

## سين چوٿون

[ رات جو ٽائر—]

جنت – ڇا ٿو سوچين جانو؟
جانو – اهو ئي ته سرنهن ڪڏهن ڦولاربي!
جنت – ڇو—؟
جانو – اِهو به نٿي سمجهين چري —!
جنت – اونهون!
جانو – جڏهن سرنهن ڦولاربي، تڏهن اسان جي اندر ۾ اميدن جا گل ٽڙندا.
جنت – پوءِ ڇا ٿيندو—؟

جانو – پوءِ وستيءَ ۾ شرنايون وڄنديون؛ خوشيون ٿينديون، جهمريون پونديون، چيچ ٿيندا ۽ سريلا سهرا ڳونجندا.

جنت – ڇو ڀلا –؟

جانو – ان لاءِ جو تون ڪنهبو اوڏيندينءَ ۽ مان موڙ ٻڌي تو کي ڪنوار بنائي پنهنجي گهر وٺي ويندس.

جنت – (شرمائي) هل مان توسان نٿي ڳالهايان!

جانو – نه ڳالهاءِ؛ مري ٿوروئي ويندس.

جنت – تون وڏو بي ايمان آهين! اڇا تورو اگر ٿي نه چوين پيو تـ........

جانو – (کٽيندي) نه مان تو ريءَ مرجهائجي مري ويندس! ائين نه –؟

جنت – پيو ڇا –؟

جانو – ڪوڙ پئي ڪيم! ڀلا ڪنهن ڪان سواءِ ڪو مري ٿوروئي ويندو آهي؟

جنت – نه!

جانو – نه!

جنت – وڏو مڪريل آهين؛ مان وڃان ٿي.

جانو – ايترو سولو نه ڪونه ڇڏيندو مانءَ!

جنت – نه پوءِ ويهي جک مار، مان چپ ڪري ويهي ٿي رهان.

جانو – رسي وئينءَ –؟

جنت – مان ڪير ٿيندي آهيان رسڻ واري –؟

جانو – تون نه منهنجو ساهه پساهه آهين چري!

جنت – اهي پٽيون ڪنهن ٻئي کي پڙهاءِ.

جانو – تون منهنجي زندگي آهين! اعتبار نه اچئي نه منهنجي اکين ۾ جهاتي پائي ڏس!

جنت – اونهون.

جانو – سچ ٿو چوانءَ جنت، منهنجي دل ۾ تو سواءِ ٻي ڪا به مورت ناهي.

جنت ـ سچ جانو؟
جانو ـ تنهنجي سر جو سنهن.
(خاموشي).
جنت ـ جانو.
جانو ـ جي.
جنت ـ مون کي ڊپ ٿو ٿئي جانو!
جانو ـ ڪنهن کان؟
جنت ـ رئيس کان؛ اڄ بابا کي پاڻ گهرايو هئائين! پر بابا کيس رکو جواب ڏئي ڇڏيو.
جانو ـ ٿورو انتظار ڪر جنت. باقي ٿورا ڏينهن. پوءِ تون ۽ مان هميشه هميشه جي لاءِ هڪ ٻئي جا ٿي وينداسين.
جنت ـ وڏيرو ظالم آهي جانو.
جانو ـ مان ظالم تي قهر بڻجي ڪڙڪندس.
جنت ـ هو وڏو مڪار آهي.
جانو ـ مان مڪار جو موت ٿي ورندس.
جنت ـ هو ڏاڍو آهي.
جانو ـ مان ڏاڍي کي ڏاري ڇڏيندس.
جنت ـ جانو!
جانو ـ ها جنت! اسان ٻئي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪنداسين.
[رئيس جو ٺهڪ گونجي ٿو! جنت ۽ جانوءَ جي ڇرڪڻ جو تاثر]
جانو ـ رئيس تون!
رئيس ـ ها، مان. مان پنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺڻ آيو آهيان! موت لاءِ تيار ٿي جانو.
جانو ـ اڳتي نه وڌجانءِ رئيس!
رئيس ـ رئيس جو چاهيندو آهي سو ضرور حاصل ڪندو آهي؛ جنت جي ٻانهن منهنجي حوالي ڪر.
جانو ـ اهو ناممڪن آهي.
رئيس ـ ته پوءِ ٻڌي ڇڏ. تون ڪارو آهين! ڏسو ڇا ٿا شڪاري؛

وهايو ڪهاڙي.

جنت – نه نه! ائين نه ڪيو، ائين نه ڪيو! تون هڪ ذليل وحشي ڪتو آهين رئيس.

رئيس – تون زبان بند رک ڪاري! شڪاري مهل اِها اٿو، ڪڙڪايو ڪهاڙي.

[ڪهاڙين هڻڻ جو تاثر. جنت جون دانهون. جانوءَ جي آخري دانهن. رئيس جا ٽهڪ!]

رئيس – شاباس جوانو. موڙي ماريو اٿو، جنت ڪيڏانهن وئي؟ ڦـوٽا، جنت ڪيڏانهن وئي–؟ جـواب ڏي ڪاري ڪيڏانهن وئي–؟

ڦوٽو – پيچي وئي رئيس.

رئيس – خاموش! هوءَ منهنجي چنبي کان بچي ڪيڏانهن ويندي؟ ڪيڏانهن ويندي–؟ ڪيڏانهن ويندي–؟

## سين پنجون

جڙيل – (دانهن ڪري) اِهو ڪوڙ آهي.

رئيس – اهو سچ آهي.

جڙيل – منهنجي جنت اهڙي ٿي نٿي سگهي.

رئيس – هوءَ ڪاري آهي.

جڙيل – وڏيرا، زبـان سنڀالي ڳالهاءِ. حسد، سـاڙ ۽ ناڪاميءَ تنهنجي زبان ۾ زهر ڀري ڇڏيو آهي.

رئيس – ڀـيءُ جـو ڀيار ۽ ڀڏاڀي جــي ضعيفيءَ تو کي ڪمزور، بزدل ۽ ڪانئر بنائي ڇڏيو آهي.

جڙيل – ٽراڙ وهائي ڪيڏ رئيس، طعنو نه ڏجانءِ.

رئيس – مهڻو مڙس کي ميار ٿي لڳندو آهي جڙيل خان!

جڙيل – غريب ضرور آهيان رئيس، بي غيرت ناهيان.

رئيس – (ٽوڪ مان) غيرت–؟ غيرت جا ڳهاءَ سهڻ جو تـو ۾ تاب ڪٿي–؟ عزت جو احساس انهن کي هوندو جي

جي تلاش ۾ پريشان آهي. اِجهو هو اچي ويو.
[ جڙيل اندر اچي ٿو— آهستي آهستي ٽڪل قدمن سان]
رئيس – ڪر خبر جڙيل خان. ڪاريءَ جو پتو پيو—؟
جڙيل– نه رئيس.
رئيس – تو ڪيس ڳوليو—؟
جڙيل– مون سڄو تر اٿلائي ڇڏيو آهي.
رئيس – (ٽوڪ) ڏيءَ سان ڏاڍو پيار اٿئي جڙيل خان—؟
جڙيل– ڪاري چئه رئيس.
رئيس – اوهه ! غيرت مند ٻه آهين—!
جڙيل– مُڏيءَ ڇريءَ سان نه ڪُهه پوتار ! مارڻو ئي اٿئي، ته دونالي وهائي ڪيڏ.
رئيس – جو مٺي سان نه مئو ! تنهن کي دونالي ڇا ڪندي جڙيل خان !
جڙيل– لوڪ ته پوک آهي وڏيرا ! اندر جو ڦٽ ڪنهن ڦولهي ڏٺو آهي—؟
رئيس – پيريءَ ٽڪائي وڌو اٿئي، نه ته ماڻهو مندو ناهين.
ڦوٽو – جڙيل خان آڻ مڃي رئيس.
جڙيل– وڏيرا........!
رئيس – اهو ڪم اسان کي ئي ڪرڻو پوندو ڦوٽا !
ڦوٽو – جو حڪم رئيس !
رئيس – ته پوءِ وارو ڪر. تر پار جي ڪنڊ ڪڙڇ ڳولي ڦولي ڪاري هٿ ڪر! اسان جي عزت جو سوال آهي.
ڦوڏو – ائين ئي ٿيندو رئيس، اڄ رات ماڻهو توهانجي در تي هوندو.

## سين اڏون

[ جنت جي سڏڪن جو آواز—]
جانل– نه روءَ ڏيءَ نه رو ! روئڻ سان ڇا ورندو—.؟
[ جنت جا سڏڪا—]

جانل — ڪي داغ ڳوڙهن سان بہ ڌوئي نہ سگهبا آهن ڌيءَ !
جنت — امان ؛ مان بي قصور آهيان ؛ مان بي ڏوهي آهيان.
رمون — (ٽهڪ) هوءَ بہ بيڏوهي هئي. پر وٺي.... وٺي .... رئيس
کيس ماري وڌو ! (ٽهڪ) ڪاري هئي ڪاري ! مري وئي
مان ڪارو ناهيان ! رئيس ڪارو ناهي ! امان ٻئي جيئرا
آهيون —! (ٽهڪ)
ربو — رمون؛ هوش ڪر پٽ !
رمون — هوش —؟ (ٽهڪ) هوش وارا مري ويندا آهن بابا —!
ساران سيائي هئي ! وٺي — وٺي—!
جانل — اهي ڳالهيون دل سان نہ لاءِ چريا !
رمون — مان چريو ناهيان — مان چريو ناهيان ! هي سڀ چريا
آهن—! (ٽهڪ).
ربو — وڃ وڃي سمهي رهہ، رات لڙي وئي آهي.
رمون — نہ سمهندس ! اڄ نہ سمهندس بابا ، اڄوڪي رات ڏاڍي
خطرناڪ آهي بابا . ٻاهر اونداهي آهي ؛ ٻاٽ اونداهي —.
اڄ رات سڀ گڏجي جاڳنداسين، ڏاڍو مزو ايندو— (ٽهڪ)
جنت — رمون——
رمون — مونکي ڪنهن سڏ ڪيو —؟ تو سڏيو ساران؟ مون کي
تو سڏيو—؟
جنت — مان جنت آهيان ادا .
رمون — نہ نہ، تون ساران آهين، تون ساران آهين .
جنت — ساران تہ مري وئي ادا .
[ گهوڙن جي هڻڪار—]
رمون — تہ پوءِ تون بہ مري ويندينءَ ، تون بہ مري ويندينءَ —.
(ٽهڪ) ٻڌئي، ٻڌئي —؟ تو ٻڌو بابا—؟ تو ٻڌو امان—؟
ڪنهن ٻڌو—؟
ربو — ڇا آهي پٽ —؟
[گهوڙن جي هڻڪڻ ۽ اچڻ جو آواز—]

خيال آهي-؟

جڙيل- مونکي ڪاري گهرجي.

رئيس - ۽ هوءَ هٿ نه آئي ته پوءِ—؟

جڙيل- مان ڪيس پاڻهي ڳولهي هٿ ڪندس.

رئيس - ۽ پوءِ—؟

جڙيل- سندس رت سان پنهنجي پيشانيءَ تان بي عزتيءَ جو داغ ڌوئندس.

رئيس - (ڪلي ٿو-)

[گهوڙن جو آواز ويجهو اچي بند ٿي وڃي ٿو-]

ها، اهي ٿي آهن؛ ڪاري ماي وٺي جڙيل خان!

جڙيل- (بيچينيءَ مان) ڪٿي آهي—؟

رئيس - آهي ته ٿي جهونا! هو هيڏانهن ٿي اچي رهيا آهن.

[ڦوٽي ۽ ساٿين جي اندر اچڻ جو آواز—.]

ڦوٽو - هيءَ وٺ ڪاري رئيس.

رئيس - شاباس ڦوٽا.

جنت - بابا!

جڙيل- خاموش رهه.

جنت - بابا! مان تنهنجي ڌيءَ آهيان بابا؛ مان تنهنجي جنت آهيان!

جڙيل- تون ڪاري آهين ۽ ڪاريءَ جو ڪو به رشتو ناتو نه هوندو آهي.

جنت - بابا.

جڙيل- مون ۾ وڌيڪ صبر جي طاقت ناهي ؛ منهنجي ڪهاڙي منهنجي عزت جيان اُجايل آهي:

رئيس - ترس جڙيل خان.

جڙيل- مونکي نه روڪ رئيس، واسينگ مارڻ ڏي.

رئيس - نه هيءَ نه مرندي!

جڙيل- ڇو—؟

رئيس - هيءَ منهنجي سام آهي.

جڙيل – هيءَ ڪاري آهي.
رئيس – هوندي!
جڙيل – هي ڇا تو چوين رئيس –؟
رئيس – اهو ئي جو هميشه چوندو آهيان.
جڙيل – ڇا مطلب –؟
رئيس – منهنجي ڪوٽ ۾ ڪيترين ئي ڪارين سام جهلي وينيون آهن، مان راڄ جو وڏو آهيان جڙيل خان، جنت اڄ کان منهنجي ڪوٽ ۾ رهندي.
جڙيل – تون مڪار آهين، ڪوڙو دغاباز آهين.
رئيس – بس، ٻيو ڪجهه –؟
جڙيل – تو منهنجي نياڻيءَ تي ڪوڙو الزام هڻي ڪيس ڪاري ڪيو ۽ هاڻي پناهه جي بهاني منهنجي عزت سان کيڏڻ تو چاهين –؟
رئيس – سام ڏيڻ اسان جي ريت آهي.
جڙيل – مان توسان گڏ ان ريت کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندس.
ڦولو – خبردار جڙيل، متان اڳتي وڌيو آهين.
جنت – بابا.
جڙيل – منهنجي ڌيءَ، منهنجي جنت.
جنت – بابا، مان بي ڏوهي آهيان بابا.
جڙيل – مان تنهنجي اڏو ڪنڌ ڪٽي نٿو سگهان ڌيءَ، مان گنهگار آهيان بچا! پر ترس، مان هن شيطان کي نه ڇڏيندس.
رئيس – ڦوٽا، ڏسين ڇا ٿو؟ ڪڍينس ٻاهر!
جڙيل – ڇڏي ڏيو مون کي! مان چوان ٿو ڇڏيو مون کي.
(آواز پري وڃي ٿو).
جنت – بابا – بابا!
رئيس – تون ڪيڏانهن ٿي وڃين منهنجي بلبل! مس مس ته هٿ آئي آهين.
جنت – مونکي هٿ نه لاءِ! مان چوان ٿي منهنجي ويجهو نه آ.

رئيس – (ٽهڪ) اوه –! ايڏو غرور–! هاڻي توکي هت، منهنجي
حويليءَ ۾ منهنجي دل جي راڻي ٿي رهڻو پوندو.
جنت – پري رهه مون کان! مان چوان ٿــي پري رهه مون کان؛
ظالم، مڪار، منهنجي ويجهو نه اچجانءِ.
رئيس – ڏسان ته مون کي ڪير ٿو روڪي.
جنت – اهو ڏي جنهن ماروئيءَ جو ست سيل بچايو هو. جنهن
سسئيءَ جي صدا تي ڏرتي به اڌ ڪٿي هئي، جنهن لهرن
وچ ۾ سهڻيءَ کي ميهر ملايو هو!
رئيس – (ٽهڪ) بڪواس بند ڪر.
جنت، – خبردار رئيس، هڪ قدم اڳتي نه وڌجانءِ.
رئيس – (چرڪي!) پستول–؟ منهنجو پستول!
جنت – هڪ قدم اڳتي وڌايو اٿئي ته مان گولي هلائي پاڻ کي
ماري ڇڏيندس.
رئيس – (ٽهڪ) اهي ڌمڪيون مون اڳ به ٻڌيون آهن! پاڻ کي
مارڻ ايترو آسان ناهي!
جنت – مان چوان ٿي بيهي رهه!
رئيس – (ٽهڪ).
[گوليءَ جو آواز ۔ جنت جي رڙ ۽ ڪرڻ جو آواز–]
رئيس – جنت! جنت! تو هي ڇا ڪيو– تو هي ڇا ڪيو جنت.
رمون – (ٽهڪ).
رئيس – (خوف) تون–؟
رمون – ها– مان– چريو! (ٽهڪ)
رئيس – تون هت ڇو آيو آهين–؟
رمون – آيو آهيان، پنهنجيءَ مرضيءَ سان! (ٽهڪ) مري وئي–؟
ساران ٻيهر مري وئي–؟ تو– تو کيس ماري ڇڏيو!
(ٽهڪ).
رئيس – نڪري وڃ هتان.
رمون – تو کيس ماري ڇڏيو!

رئيس – ڪو آهي—؟

رمون – مان توکي نہ ڇڏيندس! (ٺهڪ) مان توکي ماري ڇڏيندس هيءَ ڪهاڙي ڏسين ٿو—؟ سٺي آهي نہ—؟ (ٺهڪ).

رئيس – نہ نہ–! تون ائين نہ ڪندين–! ڏس رمون مان توکان معافي ٿو وٺان؛ هٿ ٿو ٻڌان؛ پيرين ٿو پوان؛ مون کي نہ مار—!

رمون – ڪوڙو، ڪوڙو! (ٺهڪ) تون ڪوڙو آهين؛ تون هميشہ ڪوڙ ڳالهائيندو آهين—! هميشہ خون ڪندو آهين–! هميشہ معافي وٺندو آهين—!

رئيس – رمون .......

رمون – تيار ٿي؛ اچي ٿو؛ هيءَ وٺ، هيءَ وٺ هيءَ وٺ—!

[ڌڪن جا آواز— رئيس جون دانهون— پوءِ خاموشي—]

ويو؛ ويو؛ ويو (ٺهڪ) ويو هليو! اجان بہ آهين—! اجان بہ گهٽا آهين—! نہ بچندا؛ مون کان بچي ڪاڏي ويندا—! (ٺهڪ) ويو، ويو؛ ويو—! ساران موذي مري ويو—. (ٺهڪ).

رمون – (ڏکاري آواز ۾) تون ڪاري ناهين، تون ڪاري ناهين، ڪارو مري ويو—! ڪارو مري ويو ساران ....! ڪارو مرى ويو........!

—✱—

# قرض مرض فرض

## سين پهريون

[رات جو وقت – آچر ۽ عيدو جي ڪونگهرن جا آواز—]

آچر – عيدو – او عيدو !

عيدو – چاهي—؟

آچر – جاڳين ٿو—؟

عيدو – جاڳان ته ڪونه ٿو، ننڊ پيو هوس.

آچر – ننڊ پيو هئين ته جواب ڪيئن ڏنئي سوالي—؟ استادن سان به استادي ٿو ڪرين—؟

عيدو – يار ننڊ نه ڦٽاءِ، چپ ڪري سمهي رهه.

آچر – ننڊ نٿي اچي.

عيدو – نٿي اچئي ته ڏيانءِ معجون نري! او هتي پئي اٿئي منهنجي صدريءَ جي کيسي ۾، کڻي کائي ڇڏ، منٽن ۾ پرستان جا سير ڪندي پرستان جا، نور جو سنهن.

آچر – آهين نه چرسي، اڙي اٺ، هيڏانهن نهار.

عيدو – ايڏانهن نهاري ڇا ڪندس، تنهنجو واڳون جهڙو ٻوٿ ڏسي ڏسي ته حياتي گذري وئي، نه شادي ٿي ۽ نه گهرگهاٽ ٿي ٿيو.

آچر – شادي وري ڏوڙ ٿي ٿيندئي—؟ سڄا توکي کهڙو ڇڱو مڙس ڌيءَ ڏيندو—؟

عيدو – اڙي جڏهن جوان هئاسين تڏهن وڏا وڏا پئسي وارا عيدوءَ

---

واچوڙن ۾ لاٽ

عيدو - ڪوڙي.
آچر - نہ پيلي، مون ڪيس پاڻ روئندو ڏٺو!
عيدو - تون چوين ٿو تہ هوندو؛ جهيڙي لاء ماڻهو نہ ملندو هوندس، تڏهن روئندي هوندي ---!
آچر - ڇا بہ هجي، اڃا تہ جوان ٻيٺي آهي! هاڻي بہ شادي ڪري تہ جيڪر........
عيدو - نہ ابا؛ ڪنهن کي ڪُتيء ڪنيو آهي جو هن عزرائيل سان شادي ڪندو---؟ سڄو ملڪ ٿو هن جي نالي ڪان ڪنبي---! ڪيترن ماڻهن تہ پڻ ڪان هي رستوئي ڇڏي ڏنو آهي---!
آچر - مهينو کن ٿيو تہ وڏيري جانوء جي ٿي ڦيٽي! سو ٿو هن گهٽيء مان لنگهيس؛ بيگر صاحب ڪٿي جو ڪتو پٺيان ڇڏيس، تہ همراه جي اچي پٺي پوي! ٿي ميل يڪ ساهي ڊوڙندو ويو؛ ڪنڌون ڪوٻا، دڙا ڍڪيون، ناليون ناڙا سڀ اُئين ٽپي ويو؛ چڱ چوڏهن سالن جو جوان هجي.
عيدو - ۽ هن شاهو پساريء کي جو ڏندو مغز وارو هنيو هٿائين.
آچر توبهہ سائين توبهہ؛ الله پناهہ ڏيندو دشمن کي بہ.
عيدو - يار ڳالهہ ٻڌ.
آچر - ڇئہ.
عيدو - بابا کهڙي هڇا جون ڳالهيون ڪئي ويٺو آهين؛ اڌ رات جو؛ ڇڏ تہ ٿوري دير آرام ڪيون؛ چاڻ صبح ٿيو.
آچر (اوٻاسي ڏيندي) چوين سچ ٿو. آچر خان هاڻي سمهي رهہ پيلي.

## سين پهريو

[آچر ۽ عيدو گهر جي صفائي ڪري رهيا آهن---]

آچر - عيدو؛ او عيدو.

آچر – تہ پوءِ ٺيڪ آهي.
عيدو – ڇا ٺيڪ آهي—؟
آچر – ٺيڪ اِهو آهي تہ اسان هن ماڻهوءَ کي رستي تان هٽائڻ لاءِ سندس شادي بيگم صاحبہ سان ڪرائينداسين، اڪيلي کوه ۾ ٽپو ڏيڻ سندس ڪم آهي! ڇا خيال آهي—؟
عيدو – خيال تہ سٺو آهي، پر جي کوه ۾ ٽپو نہ ڏنائين تہ پوءِ ڇا ٿيندو—؟
آچر– ڦاهو کائي مرندو.
عيدو – پر جي ائين بہ نہ ڪيائين تہ پوءِ—؟
آچر – تہ پوءِ دنيا ۾ ئي دوزخ ڏسي وٺندو! اشراف هوندو تہ پاڻ کي ماريندو ضرور.
عيدو – پر اِها شادي ڪرائيندين ڪيئن—؟
آچر – اهو ڪم سولو آهي، ٿوري عقل ۽ عمل جي ضرورت آهي ۽ پوءِ........
عيدو – (کلندي) وه واه ڏاڍو مزو ايندو! اصل زهر کي زهر ماريندو!
[ پري کان راجا جو آواز اچي ٿو—]
راجا – اڙي ٽيڙو، ٽيڙو— ڪاٿي مري وئين—؟
آچر – وري الائي ڇا ٿيس!
عيدو – لڳي هوندس بک، ٻيو ڇا ٿيو هوندس. هفتي ۾ ٽن هزارن جي تہ ماني کائي ويندو. ان کان تہ چڱو هو پئسا ڏئي جان ڇڏائجي ها—!
راجا – (پري کان) اڙي ڪو آهي يا سڀ جا سڀ ويا هليا—؟
آچر – آيو سائين (آهستي) مان وڃي ٿو پنهنجي ڪم سان لڳان! تون بہ اچي لاڳ وٺائجانءِ.
[آچر جي وڃڻ جو آواز—]
جي سائين حڪم ڪيو—؟
راجا – اڙي هيءُ گهر آهي يا وٿاڻ آهي—؟
آچر – سائين في الحال تہ وٿاڻ ٿو لڳي. توهان هليا ويندا تہ پوءِ....

بيگم – هان— تہ پيو ڇا پيو چوي اهو ڊور—؟
عيدو – چوي پيو تہ مون اهڙي خوبصورت عورت زندگيءَ ۾ ڪٿي نہ ڏٺي آهي.
بيگم – الا—؟ ائين پيو چوي اهو بي شرم—؟
عيدو – نور پٽاري؛ بلڪل ائين پيو چوي اهو بي حيا!
بيگم – اڙي مٺا مهمان ڪي گھٽ وڌ تہ نہ ڳالهاءِ! ڀلا ٻيو ڇا پيو چوي؟
عيدو – بس بيگم صاحب؛ رڳو تو تعريف ڪري توهان جي—! مون ڪي تہ اهڙي تي ڪاوڙ لڳي، اهڙي تي ڪاوڙ لڳي جو جيڪر رت پي ڇڏيانس.
بيگم – نهيو نهيو، گھٽو ڳالهائي؛ رت تو پٽيس؛ (شرمائيندي) ڀلا ٻيو ڇا پيو چوي؟
عيدو – بيگم صاحب، توهان تہ خواه مخواه مون تي ناراض ٿيون ٿيو؛ مان نہ ٻڌائيندس.
بيگم – مان چوان ٿي ٻڌاءِ.
عيدو – نہ بيگم صاحب؛ توهان ڪاوڙ ڪندا!
بيگم – (خوشامدائي انداز ۾) ٻڌاءِ عيدو!
عيدو – چوي پيو تہ توهان جي مالڪياڻي ڏاڍي خوبصورت آهي! هونهہ؛ گوريلو ڪنهن جاءِ جو! مونکي تہ اهڙي پٽي ڪاوڙ اچي جو........
بيگم – شرم ڪر عيدو؛ ويچارو مهمان آهي. هونئن بہ ايترو برو تہ ناهي جيترو تون سمجهين ٿو! ڏسڻ وائسڻ جو بہ چڱو آهي.
عيدو – چڱو وري ڏوڙ آهي! چار مڻ تہ وزن آهيس؛ منهن اٿس گھوڙي جهڙو! ڳالهائي تو چڻ پاڏو ٿو رڙي....
بيگم – وڏبڪ بڪ نہ ڪر؛ وڃ وڃي مهمان لاءِ مانيءَ جو بندوبست ڪر! هل.
[آچر جي اچڻ جو آواز—]

آچر – بيگم صاحب.
بيگم – تون وري ڇو آيو آهين—؟
آچر – بيگم صاحب هو مهمان .آهي نه.......!
بيگم – ها ها؛ ڇا ٿيو هن کي—؟
آچر – ٿيندس وري ڇا! هو توهان سان ملڻ ٿو چاهي—!
بيگم – ماڻ ٿو چاهي—! پر .... پر .... منهنجا ته لٽا ڪپڙا به ٺيڪ ناهن. حال به فقيرن جهڙا لڳا پيا اٿم! هاڻي ڇا ڪيان—؟ ڇئينس ته ڪلاڪن رڪي پوء اچي مونسان گڏ چانهه پيئي.
آچر – جو حڪم.
بيگم – ۽ ها ڇئجانس ته.... پر خير.... مان پاڻ ٿي ڇئي ڇڏيندي مانس! تون وڃ.

## سين چوٿون

[پري ڪان بيگم ۽ راجا جي ڪلڻ ڳالهائڻ ۽ چانهه جي ڪوپن جو آواز—]

آچر – عيدو....
عيدو – ڇاهي آچر—؟
آچر – ڪجهه ٻڌين ٿو—؟
عيدو – ٻڌان ٿو!
آچر – ڇا ٿو ٻڌين موالي—؟
عيدو – شادي۽ جون شرنايون ٿو ٻڌان—! پنهنجي مالڪياڻي ۽ مهمان راجا جي شادي!
آچر – ڪا تبديلي ڏٺئي ٻنهي ۾—؟
عيدو – ٻئي ماڻهو ٿـي پيا آهن؛ ٻنهي جـي ڳالهائڻ ۾ ڏاڍي نرمي اچي وئي آهي؛ ڳالهه ڳالهه تي ڪاٺڻ ننا اچن!
بيگم – (نرم آواز ۾ پري کان) آچر.... او آچر....!
عيدو – سڏئي ٿي،

محسوس ڪيو هو تہ تون ئي منهنجي خوابن جي راڻي
آهين! جنهن جو مونکي ورهن کان انتظار هو.
بيگم – هل ڪوڙا—!
راجا – مونکي تنهنجي سونهن جو قسم.
بيگم – ڳالهيون ناهن تہ ڪو توکان سکي!
راجا – اکيون پيار جي زبان هونديون آهن؛ اعتبار نہ اچئي تہ
منهنجي نگاهن ۾ پيار جو پيغام پڙهي وٺ.
بيگم – ڇڏ نہ؛ تنگ نہ ڪر—!
راجا – شادي تي وڃڻ ڏي؛ پوءِ ڏسجانءِ ويهي تماشا.
بيگم – شادي—؛ ڪنهن جي شادي—؟
راجا– پاڻ ٻنهي جي شادي! محبت جو آخري انجام شادي ئي تہ
هوندو آهي رشيده—!
بيگم – ڪوڙ تہ نٿو ڳالهائيں راجا—؟
راجا – نہ ڇري! پنهنجي ضمير سان بہ ڪوڙ ڳالهائبو آهي—؟
بيگم – شاديءَ کانپوءِ اسان هي جاءِ ۽ ملڪيت وڪڻي هليا
وينداسين! ڪنهن ٻئي هنڌ نئين دنيا آباد ڪنداسين!
راجا – ها رشيده؛ پر هنن نوڪرن جو ڇا ٿيندو....؟ اهي تہ
تنهنجا خانداني ملازم آهن!
بيگم – اهي ٻئي وڃي ڪو ٻيو بندوبست ڪندا؛ اسان ٻڌل تہ
ناهيون هنن سان!
راجا – اِهو بہ ٺيڪ آهي؛ مان بہ پنهنجو نوڪر ڪڍي ڇڏيندس!
اسان ٻئي هڪ جدا ۽ اڪيلي زندگي گذاريندا سين.
[ ٻئي ڪلن ٿا ....]
[ ڪال بيل جو آواز اچي ٿو—]
بيگم – آچر.... او آچر .... ڏس در تي ڪير آهي—؟
آچر – ( پري کان) ڏسان ٿو بيگم صاحبہ .
بيگم – خبر ناهي ڪير آيو آهي؟ اسان وٽ تہ ڪيتري عرصي
کان ڪو بہ ماڻهو نہ آيو آهي—!

عيدو – بيگم صاحبه، ڪير وارو آيو هوندو ٻل ونڻ.
بيگم – اهو مڻو ته اسپتال ۾ پيو آهي؛ بيٺ ۾ لڦلي جسو هنگي هٿي مانس.
عيدو – ته پوءِ جعفر ڪاسائي هوندو.
بيگم – ڪاٿـي ضرورت ناهي در کولڻ جي، توهان گهر جسو ڪم ڪيو؛ جي پهاڻ ۾ ڳالهايو اٿو تـه تنگون پڄي چڙهنديون ماڻ؛ سمجهيو.
ٻئي – جي بيگم صاحبه

## سين پنجون

[عيدو گهر جو ڪم ڪندي ڳالهائي رهيو آهي–
ڪير وارو آهستي ڪمي سڏي ٿو–]

ڪير وارو– عيدو.... او عيدو....
عـيـدو – اڙي ڪهڙو آهين–؟
ڪير وارو– هيڏي ڏس عيدو؛ مان آهيان جانو ڪير وارو–!
عـيـدو – جانو تون؟ اڙي تون ته اسپتال ۾ هئين! هت ڪيئن آيو آهين–؟
ڪير وارو– مان اسپتال مـان پڄي نڪتو آهيان! هيڏي ڏس، هي ڇا آهي–؟
عـيـدو – خنجر–!
ڪير وارو– ها خنجر! ڏس! هن جي ڌار ڪيڏي نه تيز آهي–! هن جو هڪ ئي وار ڪنهن به ماڻهوءَ جو ڳلو ڪٽڻ لاءِ ڪافي آهي. آهي نه–؟ (کلي ٿو).
عيدو – جانو ڪير وارا، تنهنجو پڪ مٿو خراب ٿي ويو آهي–!
ڪير وارو– ها منهنجو مٿو خراب ٿي ويو آهي.
عيدو – پر جانو پاڻ تـه ٻئي يار آهيون نه–؟ تون مونکي نه نه مارينديـن–؟
ڪير وارو– توکي نه مارينديس! تنهنجي انهيءَ مغرڙي بيگم صاحبه

# رشتا

## سين پهريون

[خيرو ڪنگهندو اچي ٿو— موسو حقو پي رهيو آهي—]

خيرو – موسيٰ خان، ادا ويٺو آهين—؟ هاڻو ٻيلي حقي جو گڙڪاٽ پيو ٿو پوي، مان به چوان ته پوڙهو مڙس سانجهيءَ ڪان پوءِ ويندو ڪيڏانهن—؟

موسو – خير محمد آهين—؟ هليو آ، مان پاڻ ٿوپي سائي ڪري ويٺو چوان ته ٻيلي اڄ الائي ڇو يار ڪونه آيو—؟ هونئن ته سج لٿي ساڻ اچي سلام ورائيندو آهي.

خيرو – اوير ته هاڻي به ڪونه ٿي آهي، ويو هوس عيسي جي گهر مائي سنلس مس آهي چاڪ ڪان، چيم ته وڃي پڇي اچانس ۽ چار چونڪ ڳالهين جا به ڪري اچان.

موسو – مائي آهي ته پڙ نه—؟

خيرو – ها، بچي ويندي، پر پيريءَ جو پنڌ آهي، نيت ته ماڻهو ڪرندو. باقي واه ڙي عيسيٰ واه تنهنجي سچائي. ٻانهن ڏيئي ويٺو ٿي ٻيٺو آهي. مائيءَ جي اها سار لڌي اٿئين جو جيڪر سڳو پٽ به نه لهيس.

موسو – ادا چوندا آهن ته ”جن ادب تن نصيب“؛ مولا پوءِ ڀاڳ به اهڙو ٿي ڪيو اٿس؛ مٽيءَ ۾ ٿو هٿ وجهي ته سون ٿيو پوي! فصل پلئون پلا پيا ٿينس—! ٻين ڪي ماڪڙ مهلو ڇڏي ٿي ڪون؛ هن همراه جي ٻڌل به

رمون – ممون ٽانگي وارو؟

موسو – تون سڃاڻين ڇوڪرا؟

رمون – ها ڏاڏا، ممون کي ته سڀ سڃاڻن. ننڍڙي اسٽيشن آهي، هتي هرڪو هڪ ٻئي کي سڃاڻندو آهي. پر تون ته اوپرو ٿو ڏسجين ڏاڏا!

موسو – ها پٽ، مان پري کان آيو آهيان.

رمون – ڪاڏي وڃڻو اٿئي ڏاڏا؟

موسو – نه.

رمرن – ته پوءِ ڇو آيو آهين ڏاڏا؟

موسو – ڪو اچڻو اٿم.

رمون – هتي ڪير ٿو اچئي ڏاڏا؟

موسو – منهنجو پٽ ماڻڪ، ڪراچي کان ٿو اچي منهنجو ماڻڪ. ڇوڪرا تو ڪراچي ڏٺي آهي؟

رمون – نه ڏاڏا، اسان غريب ماڻهو ڪراچي ڪٿان ڏسنداسين!

موسو – ڪراچي تمام وڏو شهر اٿئي ڇوڪرا! وڏيون وڏيون جايون، دڪيون دڪيون، وڏا وڏا رستا! ڇون ٿا ته اتان جا ماڻهو سال ۾ رڳو هڪ دفعو سج ڏسندا آهن!

رمون – هڪ دفعو، هان! هڪ دفعو! ڇو ڏاڏا؟

موسو – وڏيون جايون آهن؛ دڪيون جايون سج کي ڪاٿي ڇڏينديون. هونديون ۽ ها آتي بي انتها موٽرون، لاريون، لوڊنگ ۽ پيو الائي ڇا ڇا آهي؛

رمون – تو ڪڏهن ڪراچي ڏٺي آهي ڏاڏا؟

موسو – نه پٽ.

رمون – ته پوءِ توکي ڪيئن خبر پيئي؟

موسو – مونکي خبر آهي؛ منهنجو ساهه آني چار سال اٽڪيل هو پٽ!

رمون – ساهه ڪراچيءَ ۾ اٽڪيل هيئي ڏاڏا! پلا ساهه ڪيئن اٽڪندو آهي؟

اوسيئڙي ۽ انتظار جي علامت آهي. منهنجي بي انتها پيار جو اِهڃاڻ آهي هي رِيل گاڏي—!

ممون – پر تنهنجا ڏِڳا تہ بگ مري ويندا موسو.

موسو – جناور پنهنجي مالڪ جو ڏک سک سولائيءَ سان سمجهي ويندو آهي ممون! انهن جي ڳڻتي نہ ڪر؛ تون وڃ ڪرت ڪي لڳ! وڃ؛ سڀ وڃو. مونکي اڪيلو ڇڏي ڏيو؛ اڪيلو ڇڏي ڏيو.

[ ڪافي دير تائين ڏکايل ميوزڪ

آهستي آهستي ان ۾ طوفان جو تاثر بہ شامل ٿي رهي ٿو ۽ پوءِ رات جو تاثر پڻ—]

رمون – ڏاڏا —!

موسو – رمون آهين—؟

رمون – ها ڏاڏا.

موسو – ڇو آيو آهين—؟

رمون – ڪاڏي وڃان—؟

موسو – پنهنجي گهر.

رمون – مونکي ڪو گهر ڪونهي ڏاڏا.

موسو – ڪٿي سمهندو آهين—؟

رمون – اتي ٿي ٽيشڻ جي ڪنهن ڪنڌ پاسي ۾. (خاموشي) بک لڳي اٿئي ڏاڏا—؟ ڏس، مون تنهنجي لاءِ ماني آندي آهي! هان، وٺ، کاءُ.

موسو – مونکي بک ناهي رمون.

رمون – سڄو ڏينهن نہ ڪجهہ کاڌو اٿئي نہ پيتو اٿئي! هڪ ٿي هنڌ ويٺي ويٺي رات ٿي وئي اٿئي! ڪجهہ تہ کاءُ.

موسو – نہ رمون، مونکي بک ناهي.

رمون – هڪڙي ڳالهہ پڇان ڏاڏا —؟

موسو – پڇ—!

رمون – سيني ماءُ پيءُ جو پنهنجي اولاد سان ايترو پيار هوندو

آهي ڏاڏا—؟

موسو — تون ڇا ٿو سمجھين—؟

رمون — مان.... مان ته يتيم آهيان!

موسو — توکي ڪجھ به ياد ناهي—؟

رمون — نه.

موسو — ڪڏهن ڪنهن توکي پيار ڪيو آهي رمون—؟

رمون — نه.

موسو—ڪڏهين به نه—؟

رمون — ڪڏهن به نه!

موسو — ڪنهن به نه—؟

رمون — ڪنهن به نه.

موسو — ته پوءِ توکي ڪهڙي خبر ته پيار ڇا ٿيندو آهي—؟

رمون — تون ٻڌاءِ ڏاڏا!

موسو — مون ڏانهن نهار پٽ، منهنجي گهنجيل منهن ۾ ڏس، هنن اڇن وارن کي تڪ، منهنجي پوڙهين اکين ۾ گهور رمون، ڪجھ نظر اچئي ٿو—؟

رمون — ها—!

موسو — ڇا—؟

رمون — تڪ، انتظار، اوسيئڙو—!

موسو — ان کي پيار چوندا آهن پٽ—!

رمون — ته پوءِ.... ته پوءِ منهنجي لاءِ ڪو انتظار ڇو نٿو ڪري ڏاڏا—؟ منهنجو ته اڄ تائين ڪنهن اوسيئڙو نه ڪيو آهي ڏاڏا—!

موسو — ڪيو هوندو، ضرور ڪيو هوندو، توکي ياد نه رهيو آهي شايد.

رمون — شايد مونکي ياد نه آهي.

موسو — ها ائين ئي هوندو، ائين ئي هوندو! تون به ڪنهن جو مائٽ هوندين.

رمون – پوءِ ڇا ٿيو ڏاڏا؟

موسو – مون مالڪ تي پنهنجي روح جو سمورو پيار اوتي ڇڏيو. ڪيس اڻميو پيار ۽ پاڀوءِ ڏنم پٽ؛ سندس هر انگل منهنجي لاءِ حڪم هوندو هو! سندس هرڪ مرڪ منهنجو جياپو هئي ۽ هر لڙڪ موت ڪان وڌيڪ ڏکوئيندڙ هو.

رمون – تو ڪيس پڙهايو ڏاڏا؟

موسو – مون ڪيس پڙهايو، پاليو، نپايو، وڏو ڪيو ۽ پوءِ ڪيس شهر موڪلي ڏنم. سندس ڀلائيءَ لاءِ، سندس خوشيءَ لاءِ ۽ سندس مرضيءَ موجب.

رمون – هو به توسان پيار ڪندو هوندو ڏاڏا؟

موسو – هن جو مونسان بيحد پيار آهي پٽ! اسانجي محبت جو ڪو ڇالو ناهي؛ ڪو ماڻ ڪو ماپو ناهي؛ بي حساب قرب آهي پيءُ پٽ ۾!

رمون – ته پوءِ هو ضرور ايندو ڏاڏا؛ صبح ٿيڻ ڏي، هو ضرور ايندو.

(Sad Music ڪجهه دير)

موسو – رمون.

رمون – جيءُ.

موسو – جاڳين ٿو رمون؟

رمون – ها ڏاڏا.

موسو – ڇو؟

رمون – ننڊ نٿي اچي.

موسو – ڪجهه سوچيندو هوندين؟

رمون – نه ائين ئي.

موسو – تون ضرور ڪجهه سوچيندو هوندين؟

رمون – ها ڏاڏا.

موسو – ڇا ٿو سوچين رمون؟

رمون – اِهو ئي ڏاڏا ته ڪن ماڻهن جي نصيب ۾ ايترو پيار ڇو لکيل هوندو آهي ۽ ڪن جي قسمت ۾.... (خاموشي)
موسو – مان تنهنجي ڏک کي سمجهان ٿو رمون.
رمون – مونکي ڪو ڏک ناهي.
موسو – اها تنهنجي ڀل آهي–! محرومي کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏک ٿي سگهي ٿو–؟
رمون – مون چيو مون کي ڪو ڏک ناهي؛ شڪايت آهي.
موسو – ڪنهن کان–؟
رمون – خبر ناهي–! شايد سڄي دنيا کان، پر ان ۾ دنيا جو ڪهڙو ڏوهه–! منهنجي يتيم ٿيڻ ۾ ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهه–؟
موسو – پٽ–!
رمون – مونسان همدردي نه ڪر ڏاڏا.
موسو – هيءَ همدردي ناهي رمون.
رمون – مونکي همدرديءَ کان نفرت آهي–! مونکي دلداريءَ کان چڙ آهي–! جيڪڏهن مان يتيم آهيان ته آهيان. تون مونکي منهنجو ماءُ پيءُ موٽائي ڏيئي نه سگهندين مونکي منهنجون خوشيون ورائي نه سگهندين.
موسو – رمون! رمون–!
رمون – تون پنهنجي ماڻڪ جو انتظار ڪر ڏاڏا، مونکي ماڻڪ ڇوڻ وارا مري ويا– مري ويا–! هو موٽي نه ايندا– ڏاڏا، هو موٽي نه ايندا (سڏڪا)
موسو – رمون.
رمون – مري ويا، هو مري ويا (سڏڪا)
موسو – رمون! رمون–!

(Sad Music up)

رمون – موسو؛ موسو! تون سڄي رات اتي ئي ويٺو هئين–؟ تو ننڊ نه ڪئي آهي–؟

هجين. دبر مدار ته دنيا ۾ آهي ئي آهي.

ممون - توهان هن جي دل کي سمجهي نه سگهندا سائين. هو ڏاڍو اُداس آهي. توهان خدا جي واسطي کنهن کان پڇائي ڏيو.

ا. م - کنهن کان پڇائي ڏيان.

ممون - کنهن کان به پڇائي وٺو صاحب، رڳو اِها خبر پوي ته هو خيريت سان آهي.

ا. م - ڪو ڏس پتو.

ممون - نه سائين.

ا. م - عجيب ڳالهه آهي، ڏس پتو به ڪونهي، پڇائي به ڏيو. ممون هوش ۾ ته آهين؟

ممون - موسي جي ڪٽنيءَ ڪاري چٺيو اٿس سائين. مون کان هن جو اوسيئڙو ڏٺو نٿو ٿئي.

ا. م - پر ان جو ڪو علاج مون وٽ ته ناهي.

ممون - توهان حاڪم آهيو، توهان جا هٿ وڏا آهن سائين. توهان سڀڪجهه ڪري سگهو ٿا. (فون وڄي ٿي)

ا. م - ڇڱو ترس، ڏسان ڪير آهي؟ (فون کڻي ٿو) هلو، هلو؛ ڪراچي؟ فريد صاحب ٿا ڳالهايو؟ (ممون کي) ڪراچي کان فون آهي؛ (زور سان) جي جي سائين؛ حڪم ٿئي؛ ڪهڙي ٽرين تي اچي؟ اسپيشل؟ جي سائين؛ لائين ڪليئر رکندا سين. سائين جي سائين؛ ٻيو سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي. اوهان جي مهرباني آهي. سائين هڪ عرض ڪرڻو آهي. مون سان هت هڪ عجيب اُلجهن آهي؛ ها ها - ٻيو خير آهي، ڪو ڳوٺاڻو آهي، جنهن جو پٽ ڪلهه ڪراچي کان هت پهچڻو هو. نالو -؟ (ممون کي) نالو ڇا اٿس -؟

ممون - مـاڻڪ، سائين، ماڻـڪ پٽ محمد موسيٰ.

ا. م - (فون ۾) نالو ماڻڪ ٿا چون. ڪاليج ۾ پڙهندو آهي، جي، جي (ممون کي) رنگ جو سانورو آهي -؟

ممون – جي، جي ها سائين.

ا. م – (فون ۾) ها سائين سانورو آهي (ممون کي) مٿي تي زخم جو نشان اٿس—؟

ممون – ها سائين هـا. ننڍي هوندي ڪِري پيو هو ڪٽ ٿان.

ا. م – جي ها، اهي ڏي پار پتا اٿس – جي؟ (آداس) جي – جي ڪڏهين—؟ ڪلهه—؟ يس سر؛ يس سر آءِ انڊر اسٽئنڊ سر ٿينڪ يو سر. (فون رکي ٿو)

ممون – ڇا ٿا چون سائين، ڪجهه پتو پيو سائين—؟ اوهان ڇپ ڇو ٿي ويا؟ ڇا ڳالهه آهي سائين—؟

ا. م – ممون، ڏاڍي خراب خبر آهي.

ممون – مولا خير ڪجانءِ.

ا. م – ماڻڪ ڪلهه تڪڙ ۾ ٽرين ۾ چڙهندي گاڏي هيٺان اچي ويو—۽ ....

ممون – سائين....

ا. م – ڪٽجي مري ويو.

ممون – يا خدا.

ا. م – هنن سندس وارثن جي ڳولا ڪئي، پر پوءِ نا اميد ٿـي ڪيس دفن ڪري ڇڏيائون.

ممون – دفن ڪري ڇڏيائون—؟

ا. م – ها ممون —

ممون – هائي ڇا ٿيندو صاحب! موسيٰ تہ بي موت مري ويندو؛ سندس هنيانءَ ڦاٽي پوندو.

ا. م – ڪيس اِها خبر جلديءَ ۾ نہ ٻڌائجانءِ.

ممون – مان ڪيئن ٻڌايانس تہ سندس ماڻڪ مـري ويو؛ ڪيئن چوانس تہ سندس سڄي عمر جو پورهيو برباد ٿـي ويو. سندس پيار دفن ٿي ويـو. سندس عبادت ڪانءِ اگهاڻـي صاحب! سندس عبادت ڪانءِ اگهاڻي—!

ا. م – همٿ ڪر ممون؛ اِهو سڀ ڪم توکي ڪرڻو آهي!

رمون ـ ڪيڏانهن—؟
موسو ـ پنهنجي گهر—!
رمون ـ منهنجو ته ڪوئي گهر ناهي.
موسو ـ تنهنجو گهر آهي پٽ! منهنجي جهوپڙي تنهنجوگهر آهي
ڳوٺ وارا اسان جي انتظار ۾ هوندا، مان کين ٻڌائيندس
ته ماڻڪ اچي ويو—! ماڻڪ اچي ويو—! هي ڏسو—!
منهنجو ماڻڪ موٽي آيو آهي—!!

—Sad Music—

# تنهنجون ڳالهيون سڄڻ

## سين پهريون

[ پکين جا آواز— پهاڙي موسيقي فيڊ اِن ٿئي ٿي — موسيقي فيڊ آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ مالهيءَ جي ڇپر ڪٽڻ جو آواز اچي ٿو— چوڪيدار جي لٺ زمين تي لڳڻ جو آواز پري کان ويجهو اچي بيهي ٿو رهي—]

مالهي — چوڪيدار اڄ هن وقت هت پيو ڏسجين—؟

چوڪيدار— ها مالهي، اڄ ڊاڪ بنگلي ۾ ڪجهه مهمان آيا آهن.

مالهي — مهمان—!؟

چوڪيدار— حيران ٿي وئين مالهي —؟ (ٿڌو ساهه ڀري) تنهنجي حيرت به بجا آهي! ڪافي عرصي کان هيءُ ڊاڪ بنگلو ويران جو پيو آهي—!

مالهي — ويران ته چئين چوڪيدار—؟ مون کي ته هاڻي هن اڪيلائي کان وحشت ٿيڻ لڳي آهي. ڪو وقت هو جو هتي زندگي جهومندي ڳائيندي هئي؛ بهارون خوشبوئن جا خزانا لٽائينديون هيون؛ ڪارا ڪڪر دل کولي وسندا هئا؛ ۽ پوءِ سخت ڌرتيءَ جي سيني مان ننڍڙا، نازڪ، رنگبرنگي گل ڪرموڙي جاڳي آٿندا هئا! هن پهاڙ جي دامن ۾ سرتيون سينگار ڪري بهار جا گيت ڳائينديون هيون ۽ محبت ڀريون دليون ڌڙڪي اٿنديون هيون! پر.... پر پوءِ.... پر پوءِ....

---

واچوڙن ۾ لاٽ

## سين نيون

[ سجاد ڊوڙندو گهر ۾ اچي ٿو—]

سجاد – ممي، پياري ممي! تون ڪٿي آهين—؟

ممي – اِجهو هتي آهيان، لان تي.

سجاد – اڙي ممي تون ته ڪمال آهين! ڊاڪٽر ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪئي اٿئي ۽ تون آهين جو....!

ممي – (کلندي) منهنجو ڪو به خيال نه ڪر پٽ! ڊاڪٽرن کي ڇاهي، هوندو ڪجهه به ڪونه، ڊپ اهڙو ڏيندا جو خدا جي پناهه—!

سجاد – اوهو ممي! تون ته بلڪل باغي ٿي ڏسجين! ڏسجانءِ ڪٿي اِها بغاوت ڊيڊيءَ جي خلاف نه ڪڙي ڪري ڏين—! ويچارو اڳيئي توکان ڊنل آهي، گهر ۾ گهڙندو آهي ته تالهه مٿي تي رکي، ته ڪٿي لٺ نه وهائي ڪڍينس—!

ممي – هوش ڪر ڇوڪرا، وڏن لاءِ اهڙا لفظ نه ڪڍبا آهن.

سجاد – مان ٺوروئي ٿو چوان! ڊيڊي پاڻ دوستن کي ٻڌائيندو آهي.

ممي – ڇا ڪنديس! هو ته شروع کان ئي پوڳاٺي آهي— .

سجاد – پر پاڻ ته چوندو آهي ته مان زال جو مڇو آهيان—.

ممي – (کلندي) پاڻهئي خبر پوندءِ جڏهن شادي ڪندين—.

سجاد – مان ته مڇو ٿيندس—.

ممي – زال جو—؟

سجاد – هرگز نه، زال جي ماءُ جو! بلڪ سندس سڄي خاندان جو، ڊيڊيءَ وانگر—!

ڊيڊي – (اندر ايندي) هي ماءُ پٽ پاڻ ۾ ڪهڙا وينا گهاٽ گهڙيو؟

سجاد – ڪجهه ناهي ڊيڊي، بس اُئين ممي، سان چرچا پئي ڪيم.

ڊيڊي – هون! سجاد، ٻڌو اٿم ته تنهنجي ٽيم ٽورنامينٽ کٽي ورتي آهي—؟

وڪيلن وارا سوال نہ پڇو—.
ڊيڊي – نہ نہ، بلڪل نہ، بلڪل نہ، توکي پيسا ملن ٿا، وڃي گهمي اچ .
سجاد – او ٿينڪ يو ڊيڊي، ٿينڪ يو ممي . ممي پپا زنده باد.

## سين چوٿون

[ پهاڙي موسيقي— پکين جا آواز وغيره—]

سجاد – هي پهاڙ ڪيترا نہ حسين آهن؛ ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ مون سڄي زندگي هن منظر جي تصور ۾ ئي گذاري ڇڏي هئي ! ۽ هي باغ ڪيڏو نہ پيارو آهي. مون کي موتئي جا گل ڏاڍا وڻندا آهن مالهي—!
مالهي – حڪم ٿئي تہ روز صبح جو ڏئي ويندو ڪيان.
سجاد – ها مالهي؛ اها تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي . هي ماٽري بہ ڪيڏي نہ وڻندڙ آهي!
مالهي – ها سائين ! هن ماٽريءَ جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ جيڪڏهن توهان زور سان آواز ڏيندو تہ پوري هڪ منٽ ڪانپوءِ توهانجو آواز پڙاڏو بڻجي موٽي ايندو.
سجاد – اها وري کهڙي وڏي ڳالهہ آهي مالهي! اسان جي شهر ۾ سان روز رات جو سمهڻ وقت زور سان چئي ڇڏيندو آهيان : ”سڄ اُڀري چڪو آهي سجاد؛ هاڻي سجاڳ ٿيءُ!“
ٻئي ڏينهن صبح جو اهو ساڳيو آواز مونکي ننڊ مان اچي اٿاريندو آهي .
مالهي – هي آبشار ڏسو؛ پهاڙن ۾ اهڙا آبشار اڪثر توهان کي وهندا نظر ايندا .
سجاد – ڏاڍو سٺو آبشار آهي! اڄ ڏينهن بہ وهندو آهي—؟
مالهي – جي سائين —؟
سجاد – ڪجهہ بہ نہ، منهنجي نظر ذرا ڪمزور آهي.

اسان وٽ رهو.

سجاد — اوهانجي وڏي مهرباني خانبهادر صاحب؛ مان هت بلڪل نيڪ آهيان.

خانبهادر— پٺيئن ڏوراپو ته نه ڏيندو—؟ خير رات جي ماني اسان سان کائجانءِ.

سجاد — جي ضرور کائيندس.

[ مالهي اچي ٿو— ]

مالهي — خانبهادر صاحب، توهان جا گل.

خانبهادر— شاباس مالهي. (کلندي) سيما کي موتيو ڏاڍو وڻندو آهي. رات ضرور اچجانءِ.

## سين پنجون

خانبهادر— اچ پٽ! اچ هتي اچي ويهه! بيگم هي آهي سجاد! هي نوجوان اسان کان لڪي ڊاڪ بنگلي ۾ وڃي رهيو آهي! پٽس سيڪاريو هوندس.

بيگم — پٽ! هي ته پنهنجو گهر اٿئي؛ اسان هر سال گرميون گذارڻ لاءِ هت ئي ايندا آهيون.

سجاد — اوهان جي مهرباني آنٽي؛ بس مان آتي ئي نيڪ آهيان.

خانبهادر— هيءَ آهي منهنجي ڌيءَ سيما.

سجاد — اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

سيما — ڪيئن ڀلا؛ اوهان پڙهندا آهيو—؟

سجاد — جي ها؛ مان ايم. اي جي آخري سال ۾ آهيان.

سيما — مون کي خبر آهي.

سجاد — جي—؟ توهان کي خبر آهي—؟ مون ڳالهه نه سمجهي؟

سيما — سجاد صاحب؛ توهان ته ڪهڙ نفسيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهيو—! ڀلا توهان کي ڪير نه سڃاڻي—! اوهانجي تعريفن سان ته اخبارن جا صفحا ڪارا هوندا آهن—!

سجاد — او—!

سيما — جــي !

[ نثار جي کنگهڻ جو آواز—]

خانبهادر— اڄ طبيعت ڪيئن اٿس بيگم—؟

بيگم — تڪليف ڪجهه وڌي ويئي اٿس.

خانبهادر— ڊاڪٽر کي گهرائي وٺو.

بيگم — ڊاڪٽر انجيڪشن لڳائي ويو اٿس.

خانبهادر— پيو ڇا چيائين—؟

بيگم — چيائين ڪيس هرطرح خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريو !

خانبهادر— خوشي خزاني سان خريدي سگهجي، ها ته جيڪر مان سندس زندگيءَ جي هر ساعت سون ۾ توري وٺان ها—! (سجاد سان) توهان پريشان نه ٿيو، سيما جو مڱيندو آهي. نثار، منهنجو ڀائٽيو ٽي- بيءَ جي موذي مرض اهڙو سوگهو ڪيو اٿس جو....

سيما — بابا ....!

خانبهادر— سيما، سجاد به پنهنجي ئي گهر جو ڀاتي آهي—!

سيما — اسان کيس خوش رکڻ ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي.

[ نثار کنگهندو اچي ٿو—]

خانبهادر— اڄ نثار پٽ، اسان تنهنجي ئي انتظار ۾ هئاسين، سجاد سان مل.

نثار — خوش نصيبن سان ملي مونکي به خوشي ٿيندي آهي.

سجاد — اڄ مون خوش نصيبيءَ جو پراڻو تصور پڇي پور ڪري ڇڏيو آهي—!

نثار — تصور ٿيندا ئي پڇڻ لاءِ آهن سجاد صاحب—! هر نئون تصور گذريل تخليق جو موت هوندو آهي.

سجاد — موت خود هڪ حسين تصور آهي نثار صاحب—! پر زندگي ان کان به وڌيڪ حسين آهي.

نثار — ڪن جي لاءِ—! جن زندگيءَ جا زخم نه ڏٺا آهن. مون ته موت کي هر پل پنهنجي پويان پاڇولي جيان ايندو

ڏنو آهي—!

بيگم – توکي اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ گهرجن پٽ.

نثار – چاچي، روح جي رڃ چپن تي اچي ويندي آهي؛ منهنجي بيماري........

خانبهادر– توکي ڊاڪٽر خوش رهڻ لاءِ چيو آهي.

نثار – خوشي—؟ هڪ بي معنيٰ؛ بي مقصد لفظ آهي چاچا—! منهنجي جهوليءَ ۾ قسمت ڪنڊا ئي وڌا آهن—! چيندڙ تيز، نوڪدار ڪنڊا....

خانبهادر– سيما سان ڪاوڙيو آهين چا—؟

نثار – سيما—! سيما سان ڪيئن ڪاوڙبس چاچا—؟ هن جي سهاري ئي ته زندگيءَ جو زهر مرڪي پيان پيو.

سيما – گهڻو ڳالهائڻ تنهنجي لاءِ نقصانڪار آهي نثار؛ گهر ۾ مهمان به آهي.

سجاد – مونکي افسوس آهي جو منهنجي ڪري اوهانکي پريشاني ٿي رهي آهي؛ اجازت ڏيو ته بهتر....!

نثار – مان بيمار ۽ معذور آهيان سجاد صاحب؛ زندگيءَ جي سموري تلخي ڪڏهن ڪڏهن زبان تي اچي ويندي آهي. منهنجي ڳالهين جو دل ۾ نه ڪجو.

سجاد – مان سياڻي ڀري ايندس.

خانبهادر– ضرور ضرور پٽ، ويچاري سيما به سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي بور ٿي ٿئي. ڳڏجي سير تي نڪرنداءَ ته دل وندرجي پوندؤ.

سجاد – اِها منهنجي خوش قسمتي چئبي—! خدا حافظ.

## سين ڇهون

سيما – توهان اڄ بحث ۾ عورت متعلق پنهنجي راءِ نه ڏني—؟

سجاد – ان ڪري ته مان ان ميدان ۾ اڃا اناڙي آهيان —؛

سيما – اِهو ڪو دليل ڪونهي —.

سجاد – ان جو ڇا دليل آهي ته توهان اڄان تائين مونکي ڌاريو
ٿا سمجهو–؟

سيما – مون کان غلطي ٿي.

سجاد – توهان مون کي "توهان" چئي مونکي ڌاريائپ جو
احساس ڏياري رهيا آهيو–!

سيما – ۽ توهان–؟ (ٻئي کلن ٿا)

سيما – منهنجي سوال جو جواب....؟

سجاد – تنهنجي هر ڳالهه لا جواب آهي! هونئن مون کي وڏيءَ
ڪڙيءَ واريون سڌيون پسند ڪندڙ عورتون پسند ناهن.

سيما – اِهو هر مرد جو الميو آهي–!

سجاد – مرد گگدام آهي.

سيما – ۽ عورت–؟

سجاد – عورت هڪ اهڙي اليڪٽرڪ گهنٽيءَ مثل آهي جا مسلسل
وڄندي رهي....

سيما – عورت پيڻ به آهي، ماءُ بہ زال به آهي.

سجاد – زنجير به....!

سيما – مان سنجيده آهيان سجاد–! عورت جيڪڏهن آهه ڪري
ته ڪوٽ ڪيرائي وجهي، ڏونگر ڏاري ڇڏي – ! سچ
جي لاٽ جلائي تہ وات ڳولهي لهي؛ فرض تي محبت
قربان ڪري تہ فرشتا رشڪ ڪن–!

سجاد – تو کي هنن پهاڙن سان پيار آهي سيما–؟

سيما – بي انتها–!

سجاد – خوش قسمت جبل–!

## سين ستون

[سيما ۽ سجاد جي کلڻ جو آواز–]

سيما – ماٿهو دلچسپ آهين.

سجاد – اڙي اڃان تو ڏٺو ئي ڇا آهي–؟ مان پنهنجي ڪاليج

ساٽ جي سرهاڻ منهنجو تن من واسي ڇڏيو آهي—.

سيما ـ منهنجي اَڇايل روح کي تنهنجي پيار نئين راهه، نئين چاهه ڏيکاري آهي سڄاد. مان ڪجهه به نه هئس، تو مون کي سڀڪجهه بنايو، مان بوند هيس، تون ساگر ٿي آئين. منهنجو من تنهنجي پيار جو ڀاڇولو آهي.

سڄاد ـ سچ سيما—؟

سيما ـ ها سڄاد، تون منهنجي من جو آدرشي انسان آهين.

سڄاد ـ هو گيت ٻڌاءِ سيما، جو تون اڪثر ڳائيندي آهين: ”مان پرين جي راڻي“.

سيما ـ تو تان ته سر ساهه به صدقي آهي، ٻڌ (ڳائي ٿي—)

هوا جي رٿ تي سوار
ڳاڙهـي لال ڪنوار
مان پرين جي راڻي
مان پرين جي راڻي
ڌرتي منهنجي سر تي آهي
آڀ سان منهنجو پيار
مان پرين جي راڻي
نيٺ ته آڏري آڏري ايندس
پــريتم تنهنـــجي دوار
مان پرين جي راڻي

[نثار جي کنگهڻ جو آواز ڳاني تيOver lap ٿئي ٿو—]

سڄاد ـ تون جاڳين پيو نثار—؟

نثار ـ ننڊ نٿي اچي، ان ڪري هت ٻاهر اچي ويٺس.

سيما ـ تنهنجي صحت اڳ ئي خراب آهي، ويتر....!

نثار ـ مون کي تنهنجو انتظار ٿي پيئو هو! مان به چريو آهيان. ڀلا سڄاد سان گڏ هوندي توکي ڪهڙو خوف ٿي سگهي ٿو—!؟

سجاد – ۽ تو کي عورت جي عظمت تي بہ ايمان آهي—؟
سيما – تون منهنجي خيالن کي چڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو.
سجاد – تہ پوءِ وعدو ڪر سيما، سيما وعدو ڪر تہ منهنجي هر ڳالهہ مڃيندينءَ—!
سيما – تنهنجي خاطر تہ مان جوڳ وٺي روڳ پرائي سگهان ٿي تون چئہ تہ سهي.
سجاد – تون نثار سان شادي ڪري ڇڏ—!
سيما – سجاد—!
سجاد – ها سيما—! اڄ خبر پيم تہ دل چيري پنهنجيءَ ئي خون سان هٿ رنگڻ ڪيڏو نہ اذيت ناڪ آهي، پر....!
سيما – هائي اهو ناممڪن آهي—!
سجاد – هو بيمار آهي، هن کي تنهنجي ضرورت آهي سيما—!
سيما – پر منهنجون خوشيون، منهنجي تمنا، منهنجي محبت....!
سجاد – تو ئي چيو هو سيما تہ عورت عظيم آهي—! جيڪڏهن هوءَ لاٽ جلائي تہ واٽ ڳولهي لهي—! فرض تي محبت قربان ڪري تہ فرشتا بہ رشڪ ڪن—! ياد ڪر، اهي تنهنجا ئي لفظ آهن نہ—؟
سيما – پر سجاد....!
سجاد – هن جي زندگي تنهنجي ساٿ جي منتظر آهي، ڪيس سهارو نہ ڏينديندينءَ تہ هو تڙپي تڙپي مري ويندو—!
سيما – پر منهنجا خواب....؟
سجاد – خوابن جي دنيا ۾ گم ٿي حقيقتن کي وساري ويهڻ ڏاڍو آسان آهي سيما—. هوا جي رٿ تي سوار ٿي لال ڪنوار ٿيڻ جا تصور بہ سولا ۽ سهنجا آهن. پر ڪنهن جي ٻڏندڙ دل کي سهارو ڏيڻ بيحد اوکو ڪم آهي. هڪ انسان نا اميديءَ جي ڪُن ۾ اميد جي سهاري لاءِ واجهائي رهيو آهي، ڇا تون ايتري خودغرض ٿيندينءَ جو ڪيس ڪناري تان صرف ٻڏندو ئي ڏسندي

رهنديئن؟ تـون جا عورت جي عظمت جـي دعويدار آهين! تون جا روشن خيال ۽ اوچا آدرش رکندڙ آهين! تون........

سيما – بس ڪر سجاد! خدا را بس ڪر! جيڪڏهن محبت قربانيءَ جو ٻيو نالو آهي، ته پوءِ ائين ئي ٿيندو!

سجاد – سيما، منهنجي سيما! منهنجي روح ۾ جهاتي پائي ڏس، توکي درد جا درياهه نظر ايندا، تنهنجي ياد جا قافلا منهنجي روح جي رڃ ۾ صدين تائين ڀٽڪندا رهندا! چاهت جي چڻنگ منهنجي ڏيل کي زندگي ڀر ڏنگيندي رهندي. مان هتان هليو ويندس، مان اڄ ئي هتان هليو ويندس! ان کان اڳ، جو پيار خود غرضي بنجي وڃي مان هتان هليو ويندس!

سيما – سجاد....!

تو مونکي محبت جي مقدس نانءَ ۾ چڻنگن جي چتا تي اڇلائي ڇڏيو آهي، پر جتي به هجين اهو نه وسارجانءِ ته مان تنهنجي آهيان.

سجاد – سيما.... (سڏڪي ٿو)

## سين يارهون

[سجاد سامان بند ڪري رهيو آهي]

(نثار کنگهندو اچي ٿو)

نثار – سجاد، تون وڃي رهيو آهين؟

سجاد – مون کي وڃڻ ئي گهرجي نثار.

نثار – ترسي نٿو سگهين؟

سجاد – دل جا زخم کولڻ مان ڇا حاصل؟ ان کان اڳ جو پيار پيڙا بنجي وڃي، مونکي هتان هليو وڃڻ گهرجي.

نثار – تون ڪيڏو نه عظيم انسان آهين سجاد!

سجاد – مان درد جو مسافر آهيان.

منظر ڏاڍو وڻندڙ هو.

(ڇوڪريءَ جي آواز ۾ گيت گونجي ٿو—)

هوا جي، رٿ تي سوار
ڳاڙهي لال ڪنوار
سان پرين جي راڻي
سان پرين جي راڻي

سجاد – هيءُ آواز—! هيءُ آواز ڪنهنجو آهي چاچا—؟

مالهي – سامهون پهاڙ تي آهائي سونهري وارن واري ٻارڙي ڳائي رهي آهي.

سجاد – سونهري وارن واري ٻارڙي ! نه چاچا ؛ هيءُ منهنجي سيما جو آواز آهي—! ٻڌ، غور سان ٻڌ—! هيءُ منهنجي ماضيءَ جو پڙلاءُ آهي—!

مالهي – سجاد پٽ....!

سجاد – منهنجي دل ويجي رهي آهي چاچا—.! تون ان معصوم ڇوڪريءَ کي ڄهلين ڇو نٿو—؟ ڪيس صاف ٻڌائي ڇڏ ته ننڍپڻ جسا سپنا ڪڏهن به ساپيان نه ٿيندا آهن—! ڪيس چئه ته دنيا ايتري حسين نه آهي جيتري تنهنجي نظرن ڏني آهي. اِهي گيت اڌورائي رهڻ ڏي ؛ مرڪ جن جي ابتدا ۽ لڙڪ جن جي انتها آهي.
پر.... هيءُ هٿ ڪنهن جو آهي—؟ هيءُ هٿ ڪنهن جو آهي. جنهن منهنجا چپ بند ڪري ڇڏيا آهن. مونکي ڳالهائڻ ڇو نٿي ڏين سيما—؟ مون کي ڳالهائڻ ڇونٿي ڏين سيما—؟

[گيت جو آواز وري اڀري ٿو—]

پري ڪر پنهنجو هٿ، مون کي ڇوڻ ڏي سيما ؛ اڄ مونکي سڀڪجهه چوڻ ڏي.

مالهي – سجاد، سجاد پٽ.

سجاد – مون اڄ اهو هٿ پنهنجي چپن تان دور ڌڪي ڇڏيو

آهي چاچا، اڄ مان آزاد آهيان، مان وڃي رهيو آهيان چاچا.

مالهي - سڄاد....

[ سڄاد جي ڊوڙڻ جو آواز—]

[ گيت جو آواز ويجهو پوندو تو وڃي—-]

سڄاد - (سهڪندي) بس ڪر، بس ڪر، خدارا بس ڪر اهو گيت. مون کي حيرت مان نہ ڏس ڇوڪري؛ مان ديوانو ناهيان.

مالهي - سڄاد....!

سڄاد - تون اڃا معصوم آهين—! تون پرين جي راڻي ٿي نہ سگهنديئن—! نہ نہ؛ تون اڻ ڄاڻ آهين؛ زندگيءَ جي زهر کان بيخبر—!

حياتيءَ جي ڪَنڊن کان نا آشنا؛ تنهنجون حسرتون، تنهنجون تمنائون، تنهنجون آشائون ڪڏهن بہ پوريون نہ ٿينديون—! ڪڏهن بہ نہ ! ڪڏهن بہ نہ —! ڇو تہ تون قرباني آهين ! تون ٻليدان آهين—! تنهنجا خواب ڪڏهن بہ سچا ٿي نہ سگهندا—! ڇو تہ تون سيما آهين....! تون عورت آهين....! (سڏڪا، سڏڪا....).

—✱—

مسرت جو اظهار ڪري رهي آهي. بهترين ڪنواري جو انعام حاصل ڪرڻ وارو خوش نصيب آهي، اسي سالن جو نواب خداداد خان.

[تاڙيون، طوفان سان گڏ وڄ جو تاثر به شامل ٿئي ٿو].

پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي خواتين ۽ حضرات، سمنڊ جي هن حصي ۾ اڪثر طوفاني هوائون هلنديون رهنديون آهن. اوهان آرام سان پنهنجين جاين تي ويٺا رهو. ها ته اڄ جي بهترين ڪنجوس جو انعام مليو آهي سيٺ دمڙيمل کي. هن پنهنجي گهر واريءَ کي ڪائونٽر تان هڪ پيسٽري خريدي ڏني، پر ٽي دفعا چپن تي آڻڻ جي باوجود کيس کائڻ نه ڏنائين ۽ آخرڪار پيسٽري واپس ڪري پئسا موٽائي ورتائين. Keep it up Seth Damrimal.

[تاڙيون – وڄ جو ڪڙڪاءُ – لهرن جو شور – ٽانون ڪرڻ جا آواز – عورتن ۽ مردن جون رڙيون].

خواتين ۽ حضرات، تحمل کان ڪم وٺو – معمولي طوفان آهي. اوهان پنهنجين جاين تي ويٺا رهو. مهرباني ڪري پنهنجين جاين تي ويٺا رهو.

[سجاد جو آواز وڄ، سمنڊ ۽ ماڻهن جي گوڙ ۾ دٻجي ٿو وڃي].

انجنيئر – صاحب طوفان تمام تيز آهي، توهان جلدي برج تي هلو.

سجاد – جهاز جو رخ بدلايو، انجڻيون بند ڪري ڇڏيو، ڪو به مسافر ٻاهر نه نڪري.

[طوفان، لهرن ۽ ماڻهن جو شور]

انجنيئر – انجڻ روم ۾ پاڻي ڀرجي ويو آهي، جهاز ٻڏي رهيو آهي.

سجاد – فورن پاڻي ڪڍڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

انجنيئر – اهو ممڪن ناهي سر. ٽري جا سوراخ وڏا ٿي چڪا آهن، جهاز ٻڏي رهيو آهي.

مسافر ١ – جهاز ٻڏي رهيو آهي!

مسافر ٢ – بچايو، اڙي بچايو. جهاز ٻڏي رهيو آهي.

مسافر ١ – يا خدا مدد ڪر.

ڪو بہ انسان، ڪو بہ ڄاندار نظر نٿو اچي. پر مان مايوس نہ ٿيندس، مان ڪين ڳولي ئي لهندس ـ ڳولي ئي لهندس.

(زور سان سڏ ڪندي) ڪو آهي؟

(پڙاڏو گونجي ٿو)

مان پڇان ٿو ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

مان ڪپتان سجاد آهيان. جواب ڏيو، ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

جواب ڇو نٿا ڏيو؟ مان توهان جو ڪپتان آهيان، ٻڌو ٿا؟ مان ڪپتان سجاد آهيان.

(پڙاڏو)

آهي ڪو؟ هن ويران جزيري ۾ ڪو، آهي جو منهنجو سڏ ورائي؟

(پڙاڏو)

(خوفزده آواز ۾) ڪوئي ناهي؟ سڏ پڙاڏو بنجي موٽي رهيو آهي. ڪوئي ناهي؟ سچ پچ ڪوئي ناهي؟ اڪيلو آهيان؟ اڪيلو آهيان؟ اڪيلو آهيان؟

[ آواز پري ٿي Dissolve ٿئي ٿو.
سمنڊ جو تاثر Up، پکين جو آواز Up].

(سڏڪندي) اڪيلو آهيان. مان واقعي اڪيلو آهيان. هاڻي ڇا ٿيندو؟ (سوچيندي) هاڻي ڇا ٿيندو؟ (خوفزده) هاڻي ڇا ٿيندو؟ مان ڪيستائين هن ويران بيابان ۾ پيٽ تي زندگيءَ جو انتظار ڪندو رهندس؟ ڪيستائين رڃ ۾ رائي. جي پويان ڊوڙندي گذاريندس؟ ڪيستائين انساني آواز ٻڌڻ لاءِ ترسندو رهندس؟ تڙپندو رهندس؟ ڦٿڪندو رهندس؟ لڇندو رهندس؟ اونداهين راتين ۾ جڏهن ڪٿي بہ ڪا روشني نہ جهلڪندي تڏهين منهنجي دل اجهامي نہ ويندي؟ خاموشيون

منهنجي روح کي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيندين، تڏهن ڪير منهنجي دلجوئي ڪندو؟ سمنڊ ۾ ترڙپندڙ لهرون جڏهن منهنجي ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏينديون، تڏهين مان ڪنهن کي پڪاريندس؟ ڪهڙي ساٿيءَ کي آواز ڏيندس؟ ڪنهن سان دل جا سور سليندس؟ ڪنهن کي من جي ماجرا ٻڌائيندس؟ شام جا پاڇا جڏهن پنهنجن جي ياد ڏياريندا، تڏهين منهنجون اکڙيون ڪنهن لئي واجهائينديون؟

(زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(وڌيڪ زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(اڃان ٻه وڌيڪ زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(سڏ ڪندي) ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ ڪو آهي؟

ساٿي – (ماٺي آواز ۾) مان آهيان.

سڄاد – (ڇرڪي) ڪير؟ تون ڪير؟ ڪٿي آهين؟ مون هينئر ڪو آواز ٻڌو؟

ساٿي – مان تنهنجي سامهون آهيان ڪيپٽن سڄاد.

سڄاد – ڪيپٽن سڄاد؟ منهنجو نالو! تو کي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو؟

ساٿي – مان تو کي سڃاڻان ٿو.

سڄاد – پر– پر– پر– مان تو کي ڏسي ڇو نٿو سگهان؟

ساٿي – مان ته تو کي ڏسي سگهان ٿو دوست.

سڄاد – دوست؟

ساٿي – ها، مان تنهنجو دوست آهيان، ساٿي آهيان.

سڄاد – پر تون منهنجي سامهون ڇو نٿو اچين؟

ساٿي – مان تنهنجي سامهون ئي آهيان.

سڄاد – ڪير آهين؟

بي ـ تنهنجو پاڇو.

سجاد ـ اونده ۾ ڇڏي ويندين؟

ساٿي ـ نه، مان اونده ۾ به توسان گڏ ئي رهندو آهيان. تو مونکي ڪڏهن ڳولڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي.

سجاد ـ تون هتي ڪيئن آئين؟

ساٿي ـ مان توکان ڌار ٿي ڪڏهن ٿيو آهيان؟ زندگيءَ جي هر گهڙي توسان گڏ گهاري اٿم.

سجاد ـ توکي منهنجي متعلق ڪيتري ڄاڻ آهي؟

ساٿي ـ هڪ هڪ پل جي.

سجاد ـ هن کان اڳ ڇو نه آيو هئين؟

ساٿي ـ هن کان اڳ تو مونکي ڪڏهين پڪاريو به ته نه هو.

سجاد ـ مون سان گڏ رهندين؟

ساٿي ـ هر گهڙي.

سجاد ـ ڇڏي ته نه ويندين؟

ساٿي ـ نه، مان انسان ناهيان.

سجاد ـ پاڇا.

ساٿي ـ جي.

سجاد ـ مان توکي ڪهڙي نالي سان پڪاريان؟

ساٿي ـ تون مونکي ساٿي چئو.

سجاد ـ ۽ تون؟

ساٿي ـ مان توکي دوست چوندس.

سجاد ـ ٺيڪ آهي، اٺين وقت آسانيءَ سان ڪٽجي ويندو. جيستائين ڪا مدد پهچي، تيستائين پاڻ گڏ رهنداسين، ڳالهائيندا ٻولهائينداسين، ڪچهريون ڪنداسين. ڪيئن ساٿي؟

ساٿي ـ ها دوست.

سجاد ـ ڪاش مان توکي ڏسي سگهان ها.

ساٿي ـ سمنڊ جي ڇولين ۾ پنهنجو چهرو ڏسي ڇڏ، تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ پنهنجي صورت پسي ڇڏ، اهوئي مان آهيان.

سجاد ــ ساٿي .
ساٿي ــ جي .
سجاد ــ مان هتي ڪيترو وقت اڪيلو رهندس؟
ساٿي ــ مان توسان آهيان .
سجاد ــ ڇا کائيندس؟ ڇا پيئندس؟
ساٿي ــ ڪناري تي بيشمار ميوي جا وڻ آهن، پاڇيون آهن، مڇيون آهن، مٺي پاڻيءَ جو چشمو آهي، بيٺل پاڻيءَ جو تلاءُ آهي، هو سامهون پهاڙ ۾ غار آهي، تون ان کي صاف ڪري ان ۾ رهي سگهين ٿو ، تو کي ڪابه تڪليف نه ٿيندي دوست.
سجاد ــ مان ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو آهيان ، مون ۾ همت ناهي ، مان ٿڪجي چڪو آهيان .
ساٿي ــ تون ٿورو آرام ڪر دوست، شام جو پاڻ غار ڏانهن هلنداسين. سمهي پئو ، آرام سان سمهي پئو.
(Music)
( بن پٽرن کي رڳڙڻ جو تاثر ).
سجاد ــ ساٿي ڏس مون باهه ٻاري آهي . هن تي رکبو هي خرگوش، ۽ جڏهين پچي ويندو ، تڏهين ڏاڍي آرام سان ويهي کائبو. سڄي گوشت تون کائيندين ساٿي؟
ساٿي ــ نه .
سجاد ــ لاچار آ، مونکي اڪيلو ئي کائڻو پوندو .
ساٿي ــ اهو تنهنجي زندگيءَ لاءِ ضروري آهي دوست .
سجاد ــ اهو ٻڌاءِ ته تون مونکي ڪيترو قريب کان سڃاڻين؟
ساٿي ــ آئيني جيان، صاف ۽ اُجرو .
سجاد ــ اهي ڪم جي مون لڪي ڪيا آهن؟
ساٿي ــ اهي به .
سجاد ــ مثلاً ؟
ساٿي ــ مثلاً تنهنجي ٻٽونءَ ۾ تنهنجي زال جي فوٽوءَ هيٺان تنهنجي محبوبه جو فوٽو رکيل آهي .

سجاد ـ اهو ته ـــ
ساٿي ـ اهو هن تو کي تنهنجي ڪئبن ۾ جهاز هلڻ واري رات ڏنو هو.
سجاد ـ ٺيڪ آهي پر هوءَ منهنجي دوست ـ
ساٿي ـ (ڪٽيندي) تو سائس شاديءَ جو وعدو ڪيو هو.
سجاد ـ پر ـــ
ساٿي ـ اهوئي سبب آهي جو تون ڪيس سفر تي ساڻ وٺي ويو هئين.
سجاد ـ خبر ناهي هوءَ زنده به هوندي يا نه؟
ساٿي ـ لنوائين ٿو؟
سجاد ـ نه، ائين خيال اچي ويم.
ساٿي ـ پنهنجي گهر واريءَ جي ياد اچئي ٿي؟ پنهنجن ٻارن جي؟
سجاد ـ تمام گهڻي.
ساٿي ـ ڇا ٿو محسوس ڪرين؟
سجاد ـ مان سندن ڏوهاري آهيان، ڏاڍا ڏک ڏنا اٿم کين، سوچيان ٿو....
ساٿي ـ ڇا ٿو سوچين؟
سجاد ـ کين جڏهين جهاز ٻڏڻ جي خبر پوندي ته مٿن ڇا گذرندي. ثريا جو مون سان بيحد پيار آهي، اهو غم سهي نه سگهندي ۽ هوءَ مري ويندي.
ساٿي ـ اگر ڪڏهين پيار جو احساس نه ٿيئي؟
سجاد ـ نه، اگر ڪڏهين مون پري ويهي سوچيو به ته نه هو.
ساٿي ـ ۽ هاڻي؟
سجاد ـ هاڻي مان دنيا کان جيترو پري آهيان، اوترو هر شيءِ کي قريب کان ڏسي سگهان ٿو، پر کي سگهان ٿو، سوچي سگهان ٿو، سمجهي سگهان ٿو.
ساٿي ـ ان ڪري چئبو ته دنيا کي پرکڻ لاءِ ڪائنس پري رهڻ ضروري آهي؟
سجاد ـ جي ها، اهوئي سبب آهي شايد جو دنيا جا تقريباً سڀ عظيم انسان پنهنجي زندگيءَ جو ڪجهه حصو ايڪانت ۾ گذاريندا هئا.

ساٿي ـ مان فلاسافر ناهيان، دوست!

سجاد ـ فلاسافر مان به نه آهيان. اڪيلائيءَ ۾ ڪجهه سوچڻ تي دل ٿيندي آهي.

ساٿي ـ مثلاً؟

سجاد ـ مثلاً ڪجهه به نه بس ائين ئي.

ساٿي ـ مثلاً ان ٻئونءَ واري تصوير؟

سجاد ـ (کلندي) ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو آهين. جي منهنجي زال سامهون هجي ها ته جيڪر وڏي خرابي ٿي پوي ها.

ساٿي ـ هوندو ته مان اتي به هوس، پر خاموش رهندو هوس.

سجاد ـ سو ڇو؟

ساٿي ـ ان لاءِ جو پاڇا ڳالهائيندا ناهن، صرف ڏسندا آهن، ٻڌندا آهن ۽ چپ رهندا آهن.

سجاد ـ ته پوءِ هتي ڇو ٿو ڳالهائين؟

ساٿي ـ تون اڪيلو آهين، ان ڪري.

سجاد ـ مان واقعي اڪيلو آهيان، ساٿي!

ساٿي ـ ايترو اڪيلو به ناهين، مان توسان گڏ آهيان.

سجاد ـ ڇڏي ته نه ويندين؟

ساٿي ـ هرگز نه.

سجاد ـ مان به تو کي نه ڇڏيندس.

ساٿي ـ پنهنجا لفظ ياد رکجانءِ.

سجاد ـ ياد رهندا.

ساٿي ـ پڪ؟

سجاد ـ پڪ.

ساٿي ـ ته پوءِ تون تيار ڪر پنهنجو خرگوش ته مان ويهي ٿو ڏسان تنهنجي محنت.

سجاد ـ (خوشيءَ ۾) ٺيڪ آ — T.O.M

[سمنڊ جو هلڪو ٺاٺڙ ـ سامونڊي پکين جا آواز]

سجاد ـ (ننڊ مان اٿي، اوٻاسي ڏيئي ۽ آرس ڀڃڻ جو ٺاٺڙ) گڊ مارننگ ساٿي.

ساٿي ـ گڊ مارننگ.

سجاد ـ اهو نه پڇيئي ته صبح صبح انگريزي ڇو ڳالهايم؟

ساٿي ـ ڇو ڳالهائي؟

سجاد ـ ان لاءِ جو ٿوري دير اڳ انگريزيءَ ۾ خواب ڏسي رهيو هوس.

ساٿي ـ ڇا ڏٺئي خواب ۾؟

سجاد ـ ڏٺم ته انگلنڊ پهچي ويو آهيان.

ساٿي ـ سچي؟

سجاد ـ ها، ۽ اهو به ڏٺم ته منهنجي جهاز جا سمورا پئسينجر به انگلنڊ ۾ مون سان گڏ آهن.

ساٿي ـ هوءَ فوٽوءَ واري ڇوڪري به.

سجاد ـ اها به.

ساٿي ـ ڇا نالو آهي سندس؟

سجاد ـ راز جي ڳالهه آهي. پر، خير! توکي ٻڌايان ٿو، نالو اٿس فرزانه. مان ڪيس فري سڏيندو آهيان.

ساٿي ـ ڪير آهي؟

سجاد ـ ڪجهه ناهي، بس معمولي ملاقات آهي.

ساٿي ـ اها ته مونکي ڄاڻ آهي.

سجاد ـ توکان ڪهڙي ڳالهه ڳجهي هوندي، گهر جو ڀيدي جو آهين.

ساٿي ـ اڄ جو ڇا پروگرام آهي؟

سجاد ـ سڀ کان پهرين ناشتو ڪبو، ان کان پوءِ آفيس هلبو، پوءِ لنچ، ان کان پوءِ ڪجهه آرام، شام جو ڪلفٽن، رات جو ڪلب ۾ ڊنر ۽ ڪچهري ۽ اڌ رات جو پيهر هن غار ۾ 'ٻوڪ ٿو ٻيويلين.'

سجاد ــ اداس آهيان.
ساٿي ــ اداس ارب پتي!
سجاد ــ نه، ڪنگال ارب پتي.
ساٿي ــ هڪ ڪم ڪر دوست.
سجاد ــ ڇا ساٿي؟
ساٿي ــ ناشتي تي هڪ هيرو ڪاٺي ڇڏيندو ڪر، منجهند جو به موتي ۽ رات جو ٿالهه اشرفين جو. پيٽ پريل رهندئي.
سجاد ــ مذاق نه ڪر.
ساٿي ــ دنيا ۾ هر انسان ٻئي انسان جو ڳلو ان لاءِ ڪاٽيندو آهي، ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن ان دولت لاءِ ٿيندو آهي، پيءُ اولاد جو ۽ اولاد پيءُ جو ويري به ان ملڪيت لاءِ ٿيندو آهي.
سجاد ــ دنيا جي ٻي ڳالهه آهي.
ساٿي ــ دنيا ۾ دولت مان توکي ڪا به هڪ شيءِ چوندڻ لاءِ چيو وڃي ته تون ڇا چونڊيندين؟
سجاد ــ پنهنجو گهر- پنهنجا ٻار.
ساٿي ــ ۽ هي خزانو؟
سجاد ــ مٽيءَ مٺ آهي.

[Music- waves- Birds-

گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ

Time Lapse]

ساٿي ــ ڇا ٿو سوچين دوست؟
سجاد ــ ٿي مهينا ٿي ويا آهن. هاڻي ته ڪين يقين ٿي ويو هوندو.
ساٿي ــ ڇا جو؟
سجاد ــ منهنجي موت جو.
ساٿي ــ اها ته پاڻ سٺي ڳالهه ٿي.
سجاد ــ ڪيئن؟
ساٿي ــ ان لاءِ جو تون جڏهين اوچتو ٻيهر سندن سامهون ويندين ته هو حيران ٿي ويندا.
سجاد ــ (ٿڌو ساهه) خبر ناهي اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو؟ ايندو به يا نه؟
ساٿي ــ اهو ڏينهن ضرور ايندو.

سجاد _ ان ڏينهن کي سائِن لاءِ مونکي انتظار جي ڪيترين سورين تي چڙهڻو پوندو؟ ڏهاڳ جا ڪيترا ڏنگ سهڻا پوندا؟ غم جا ڪيترا پهاڙ پار ڪرڻا پوندا؟ ساٿي اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو؟ اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو ساٿي؟ (سڏڪا) اهو ڏينهن ڪڏهين ايندو؟

(ڏينهن جو تاثر) Sad music

سجاد _ ساٿي.

ساٿي _ جي دوست.

سجاد _ اڄ جو راشن خلاص. نه پاڻي نه ماني. اڄ پيٽ جي خاطر جهنگل ۾ هلڻو پوندو، تيار آهين؟

ساٿي _ بلڪل تيار آهيان.

سجاد _ ته پوءِ هل، منجهند تائين ڪو نه ڪو بندوبست ٿيڻ گهرجي.

ساٿي _ ٺيڪ آهي.

(غار مان ٻاهر نڪرڻ جو تاثر.)

سجاد _ ٻاهر اُس ڏاڍي تيز آهي. هوا به گهٽ آهي، سمنڊ خاموش آهي. (تعجب ۽ خوشيءَ مان) ساٿي.

ساٿي _ جي.

سجاد _ سمنڊ ۾ ڪجهه ڏسين ٿو؟

ساٿي _ نه، ڇا آهي؟

سجاد _ ڪو ننڍڙو جهاز آهي.

ساٿي _ جهاز؟

سجاد _ ها، هو ڏس _ هو ڏس، هن پهاڙ جي ساڄي طرف. نظر اچيئي ٿو؟

ساٿي _ شايد _ شايد ڪو جهاز آهي.

سجاد _ شايد نه، پڪ ئي پڪ جهاز آهي. اسانکي کيس روڪڻ گهرجي.

ساٿي _ اسان کي ڏسي سگهندا؟

سجاد _ ضرور ڏسندا. شايد هتان نڪرڻ جو اهو پهريون ۽ آخري موقعو آهي. اچ ساٿي، اچ. دير نه ڪر. هلها نه وڃن.

ڪپتان ـ جيڪا اوهانجي مرضي. اوهانجي ماپ جا ڪپڙا آسانيءَ سان ملي ويندا. اسان جي عملي ۾ هڪ ٻه نوجوان بلڪل اوهان جي قد ڪاٺ جا آهن.

روزي ـ ويري گڊ ـ ۽ پلا هتان هلڻ جو ڇا پروگرام آهي؟

ڪپتان ـ اچڻ پنهنجي وس هوندو آهي مس روزي ـ پر موٽي واپس ورڻ پرائي وس هوندو آهي.

روزي ـ ڇا مطلب؟

ڪپتان ـ هن ڪناري تي سمنڊ ايترو اونهو ڪونهي جو جهاز پيهر اونهي ۾ وڃي سگهي. ان لاءِ اسان کي ويهر جو انتظار ڪرڻو پوندو.

روزي ـ ان جو مطلب اهو ٿيو ته اسان هتان جلدي نڪري نه سگهنداسين.

دارا ـ روزي. ڊيئر، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي. جهاز ۾ ڪاڏو، پاڻي ۽ تيل جام آهي. جيستائين سٺائي وير اُپري، تيسين اسان هن ٻيٽ جو سير ڪنداسين. هونءَ به مونکي ڪجهه ڏينهن آرام جي سخت ضرورت آهي. هن ريت ٿي سهي. ڪجهه سڪون ته ملي ويندو.

روزي ـ او ڪي ـ نو پرابلم.

دارا ـ (کلندي) ديٽ از اي گڊ گرل.

(Music)

ساٿي ـ دوست.

سجاد ـ (ڇرڪي) هون؟ ڪير؟ تون؟

ساٿي ـ ڇو؟ ايتري ۾ ٿي وساري ويٺين؟

سجاد ـ نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي.

ساٿي - خبر ناهي ـ شايد نوان ساٿي ڏسي پراڻو ساٿي دل تان لهي ويو هجيئي.

سجاد — سچ پچين روزي تہ اهو سورو عرصو مون هڪ پيانڪ خواب جيان گذاريو آهي. سج روز اڀرندو هو، روز لهندو هو. چنڊ روز چڙهندو هو، روز غائب ٿيندو هو. ستارن جا ديپ ٻرندا هئا، اجهامي ويندا هئا. پر مان هن گهري اجهاڳ سمنڊ کي گهوريندو رهندو هوس. ان آس تي تہ ڪو آسرو، ڪا مدد، ڪو سهارو، ڪنهن ٽمڪندڙ ستاري جيان، ڪٿان نہ ڪٿان، ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور اُڀري ايندو. پر اهو سهارو ايڏو مضبوط هوندو، اهو ستارو ايترو خوبصورت هوندو، اهو تہ مون ڪڏهين خواب ۾ بہ نہ سوچيو هو.

روزي — مون بہ تہ ڪڏهين ائين نہ سوچيو هو تہ منهنجي خوابن جو شهزادو هيترو دور، اڪيلو ۽ تنها ملندو.

سجاد — اچ، مان تو کي هيءُ جزيرو گهمايان. ڏس، هيءَ آهي اها جاءِ جتي مون هوش ۾ اچڻ کان پوءِ اک کولي هئي. هتي ئي ويهي مان ڪنهن مدد جو انتظار ڪندو هوس. هو سامهون مٺي پاڻيءَ جو تلاءُ آهي، جنهن کي مان ”سوئمنگ پول“ سڏيندو آهيان. ۽ هو مٿي اها غار آهي، جيڪا منهنجي ڊرائنگ روم، بيڊ روم ۽ ڊائننگ روم جو ڪم ڏيندي آهي (ياد ڪندي) ۽ ها، هڪ ڳالهہ تہ تو کي ٻڌائڻ وسري ويم.

روزي — ڪهڙي ڳالهہ؟

سجاد — اڄ مون سان —

روزي — ڪيڏانهن؟

سجاد — منهنجي ڊرائنگ روم ۾.

روزي — پر ڇو؟

سجاد — آهي ڪا ڳالهہ.

روزي — ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

سجاد – پنهنجي اکين سان ڏس. اچ، اچ، اندر اچ، هتي هن ڪنڊ ۾ نهار، هن پٿر جي پويان.
روزي – آف! خدايا، هي ڇا آهي؟
سجاد – (کلندي) خزانو، دولت، هيرا جواهر، سون چاندي. ايترو خزانو ته دنيا جي امير ترين انسان وٽ به نه هوندو.
روزي – ڪٿان آندئي ايترو خزانو؟
سجاد – ملي ويو. منهنجي صبر جو ڦل. تڪليفن، عذابن، ڏکن ڏوجهرن جو انعام.
روزي – سجاد هيءَ ته تمام گهڻي دولت آهي.
سجاد – ها، بي انتها دولت آهي. پاڻ ٻئي ان جا اڪيلا مالڪ آهيون. اسان هتان نڪرڻ کانپوءِ شادي ڪري ڇڏينداسين.
روزي – پر تنهنجي ته شادي ٿيل آهي.
سجاد – تون ان جو فڪر نه ڪر.
روزي – يا خدا، ايتري دولت!
سجاد – (کلندي) پر تنهنجي مقابلي ۾ ڪجهه به ناهي.

(ساموندي پکيءَ جي تيز رڙ – Music Mix)

ساٿي – هي تو ڇا ڪيو دوست؟
سجاد – ڇا ڪيم؟
ساٿي – خزاني جو راز روزيءَ کي ڇو ٻڌايئي؟
سجاد – ان ۾ ڪهڙي برائي آهي؟
ساٿي – برائي آهي.
سجاد – ڪهڙي؟
ساٿي – تون نه سمجهندين دوست.
سجاد – آخر ته مون کي انسانن ۾ موٽي وڃڻو آهي، زندگي ٻيرته هن ٻيٽ تي اڪيلو نه گذاريندس.
ساٿي – تون جن جي ڳالهه ٿو ڪرين، اهي تنهنجا پنهنجا ناهن.
سجاد – روزيءَ متعلق ڇا خيال اٿيئي؟

ساٿي — هي تون ڇا ڪري رهيو آهين دوست؟
سجاد — وڃڻ جي تياري.
ساٿي — تون پنهنجو هوش ۽ حواس وڃائي ويٺو آهين.
سجاد — مان جو ڪجهه ڪري رهيو آهيان، نهايت سوچي سمجهي ڪري رهيو آهيان.
ساٿي — سوچ ۽ سمجهه توکان موڪلائي وئي آهي.
سجاد — ڇا تو چوڻ چاهين؟
ساٿي — اهوئي جو تون سمجهڻ نٿو چاهين. روزي هڪ خوبصورت چار آهي.
سجاد — (ڪاوڙ ۾) ساٿي.
ساٿي — سچ ڏاڍو ڪوڙو هوندو آهي دوست.
سجاد — تون منهنجي خوشيءَ کان جلي ويو آهين.
ساٿي — مون تنهنجو غم پنهنجي جهوليءَ ۾ پاتو هو.
سجاد — توکي خوف آهي ته مان توکان ڏار ٿي ويندس، دور ٿي ويندس.
ساٿي — پر مان ته تنهنجي قريب رهندس.
سجاد — تون نٿو چاهين ته مان ٻيهر موٽي انساني آباديءَ ۾ وڃان.
ساٿي — مان توکي برباد ٿيندي ڏسي نٿو سگهان.
سجاد — تون ڪوڙو آهين، مڪار آهين، فريبي آهين.
ساٿي — مان تنهنجو ساٿي آهيان، بيغرض آهيان، مخلص آهيان.
سجاد — اهو تنهنجو ڍونگ آهي. مون توکي تنهنجي اصلي روپ ۾ ڏسي ورتو آهي. هاڻي پري ٿي وڃ منهنجي وجود کان.
ساٿي — دوست.
سجاد — مون کي دوست نه چئو.
ساٿي — پر دوست ——
سجاد — خاموش. مان وڌيڪ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان. مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي.

ساقي -- ۾ --
سجاد -(زور سان) مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي.

(ميوزڪ)

دارا -(ٺهڪ) اڄ رات اسان هن پيوائتي جزيري کان دور هليا ويندا سين، ڇا خيال آهي ڪپتان؟
ڪپتان- جي ها، اڄ رات موسم بلڪل موافق آهي.
دارا -- سڀ تياري مڪمل ڪئي وڃي.
ڪپتان- تياري ٿي چڪي آهي.
دارا -- سجاد صاحب، ڇا خيال آهي، ان خوشيءَ جي موقعي تي ٿي وڃي محفل گرم؟
سجاد -واقعي، اهڙي رات بيحد خوشين ڀري خوبصورت رات آهي.
دارا -- روزي، ڇا رپورٽ آهي.
روزي -- جي ڊيڊي، سامان سمورو جهاز تي اچي ويو.
دارا -- ته پوءِ دير ڇا جي؟ ٿي وڃي هڪ هڪ جام خوبصورت مستقبل جي نانءَ تي - چيئرز.
سجاد -- چيئرز.
(ٺنهي جي ڪلن جو آواز، سجاد جي ڪل آهستي آهستي جهڪي ۽ اڪيلي رهجي ٿي وڃي، ۽ پوءِ خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي).

(صبح جو تاثر - سمنڊ جون لهرون- پکي).

سجاد -(ننڊ ۾) اهڙي رات نهايت خوبصورت رات آهي روزي- نهايت خوبصورت. ان ڪانپوءِ، ان ڪانپوءِ، (ڇرڪ ڀري جاڳي) اوه، مٿي ۾ سور، صبح ٿي ويو آهي شايد. روزي روزي. پر هي ڇا؟ جهاز ڪٿي آهي؟ مان ڪناري تي

ڪيئن آيس. هت ته هر طرف واري ئي واري آهي. روزي ڪاڏي ويئي؟ (زور سان) روزي — روزي — روزي — هي سڀ ڇا ٿي ويو؟ هي سڀ ڪيڏانهن ويا؟ (زور سان) ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ (پڙاڏو اچي ٿو). ويا هليا؟ سڀ ويا هليا؟ منهنجو سڀڪجهه لٽي ويا هليا؟ پر روزي ته اهڙي نه هئي؟ هوءَ بيوفا نه هئي. نه نه، اهو ناممڪن آهي. اهو ڪوڙ آهي، اهو ڪوڙ آهي. ڇا ڪيان؟ هاڻي مان ڇا ڪيان؟ ڪير آهي منهنجو هن ويرانيءَ ۾؟ (سوچيندي) ساٿي - ها - ساٿي - ها ها ساٿي - (زور سان) ساٿي — ساٿي — ساٿي — نه هو هاڻي موٽي نه ايندو. هو هرگز موٽي نه ايندو. مون سندس قدر نه ڪيو. مان ڏوهاري آهيان، پاپي آهيان، مان نفرت جي قابل آهيان (روئندي) مان نفرت جي قابل آهيان ساٿي! مون توکي وڃائي ڇڏيو- مون توکي وڃائي ڇڏيو. (سڏڪا).

ساٿي — دوست.

سجاد — (ڇرڪ پري) ساٿي، تون؟

ساٿي — ها، مان.

سجاد — تون، ساٿي تون؟

ساٿي — ها دوست، مان. پهلا توکي ڇڏي ڪيڏانهن ٿو وڃي سگهان؟ مان ته تنهنجو پاڇو آهيان، ساٿي آهيان.

سجاد — مون کي معاف ڪر ساٿي، مون کي معاف ڪر، مون کي معاف ڪر.

(سجاد جا سڏڪا — موسيقي ابري ٿي.)

# راهون جدا جدا

| هدايتون | ڪالمه |
| --- | --- |
| **سين پهريون** | |
| رات جو وقت :- پاشا اڪيلي رستي تي ڪار ۾ اچي رهيو آهي، رستي جون روشنيون تيزيءَ سان پٺتي ڊوڙي رهيون آهن. | |
| اوچتو هڪ ڪراڙو، هڪ هٿ ۾ لٺ، ٻئي سان سلميٰ جو سهارو وٺي، رستو ٽپڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. | |
| سلميٰ جي ٻئي هٿ ۾ دوا جي شيشي آهي ۽ ڪراڙو زور زور سان ڪنگهي رهيو آهي. | |
| سلميٰ ڪار کي ايندو ڏسي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي؛ پر هو بيخبريءَ ۾ تيزيءَ سان رستو ٽپڻ لاءِ وڌي ٿو. | |
| پاشا ڪار کي بريڪ هڻي ٿو. | سلميٰ جي ڇرڪ! |
| Crash. | |
| ڪئميرا ڪراڙي تي اچي ٿي؛ جيڪو آخري هڏڪي ڀري مري ٿو وڃي. | |
| سلميٰ جو هينئون ڏڙ ڪاڏيءَ هيئان ڏهيل آهي. هوءَ پيءُ جي لاش ڏانهن ڀڄڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿي . پر سندس آگريون پيءُ تائين پهچي نٿيون سگهن. | |

واچوڙن ۾ لاٽ

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| سلميٰ- بابا، بابا ! | هو سڏڪي سڏڪي روئي ٿي . |
| | ايمبولنس جو سائرن Over lap ٿئي ٿو. |
| | Cut. |

## سين پيو

رات :-

اسپتال جو آپريشن ٿيئٽر-

ڊاڪٽر سلميٰ جو آپريشن ڪري رهيا آهن.

پاشا بيچينيءَ وچان ورانڊي ۾ انتظار ڪري رهيو آهي، ڪيس مٿي ۽ هٿن وغيره تي پٽيون ٻڌل آهن.

ڊاڪٽر آپريشن ٿيئٽر جو در کولي مايوس ٻاهر نڪري ٿو. پاشا اتاوليءَ مان ڏانهس وڌي ٿو. پر ڊاڪٽر نا اميديءَ وچان ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ٿو ڪري.

پاشا ڏکاري انداز ۾ ڏانهس نهاري ٿو.

غمگين موسيقي اُڀري ٿي.

Titles ڏيکارجن ٿا.

ٽائيٽلز ڪانپوءِ Dissolve.

## سين ڇيون

رات :-

فيشنبل هوٽل جي سانتيڪي ڪنڊ ۾ بيڪگرائونڊ ۾ هلڪي

| هدايتون | مڪالمه |
| --- | --- |
| غمگين موسقي، ٻاهر وچ ۾ برسات ۽ دريءَ تان پاڻي هيٺ وهي رهيو آهي. پاشا جي گفتگو، دريءَ تي پوندڙ برسات ۾ رکي رکي وچ جي ڇهڪي تي O/L ٿئي ٿي- | پاشا- اهڙيءَ طرح سلميٰ اپاهج ٿي وئي. هن جو هن دنيا ۾ ڪو سهارو نه رهيو هو. هوءَ اڪيلي هئي، بي سهاري هئي، معذور هئي. |
| | مون هڪ لمحي ۾ سندس سڀ اميدون، آشائون ۽ اُمنگ ڪسي، سندس دامن ۾ ڪنڊا ڀري ڇڏيا هئا.... احساس جي اٿاه بار هيٺان منهنجو بيچين روح تڙپي اٿيو. ضمير جي زنجير منهنجي سوچ تي سنگهر وجهي ڇڏيا. منهنجو من ماندو ٿي اٿيو ۽ تڏهن.... ۽ تڏهن ذهن تان گناه جي دز ڌوئڻ لاءِ مون سائس شادي ڪري ڇڏي. |
| پاشا منهن ڦيري شاهده ڏي نهاري ٿو. جا پيار، پنهنجائپ، همدردي ۽ ڏک جي مليل جليل تاثر سان ڪيس گهوري رهي آهي. | ان ڳالهه کي ڏهه سال گذري چڪا آهن. مون سندس جيءَ تان محروميءَ جو احساس ته ميٽي ڇڏيو، پر پاڻ کي اڻ ڇاتي اونداهي آئيندي جي |

حوالي ڪري ڇڏيم، منهنجو
سمورو وجود پرزا پرزا ٿسي
پجي پري پيو.

شاهده- اهو فيصلو ته توهان خود ئي
ڪيو هو.

پاشا- ها شاهده؛ وقتي جذبات جي
رؤ ۾ وهي مون ئي پنهنجو صليب
پنهنجن هٿن سان جوڙيو هو؛ ۽
ان ڪانپوءِ هر ايندڙ صبح اها
سوري منهنجي سيج ٿيندي
رهي!

شاهده- پر آخر ان ۾ سلميٰ جو ڪهڙو
قصور-؟

تلخ مرڪ -

پاشا- قصور ڪنهن جو آهي-؟
ان گهڙيءَ جو، جا گهاءِ
بڻجي منهنجي جيءَ کي جهوري
وئي. ان احساس جو، جو
واسينگ بڻجي منهنجي ذات
ڏنگي ويو. يا هن وقت جو،
جنهن تو کي منهنجي روح جي
رڻ بڻائي سامهون آڻي بيهاريو
آهي.

شاهده- منهنجي ڪهاڻي به ته تو کان
مختلف ناهي پاشا؛ شايد اسان
ٻئي هڪ ئي راهه جا راهي
آهيون:

پاشا — تقدير تہ صرف تير هلائي ڇاڏي. ڪير وڍيو، ڪير ڪِريو، ڪير ڪُٺو، قسمت جا انڌا ديوتا ڇا ڄاڻن —؟
شاهده — انسان ايترو مجبور ڇو آهي پاشا؟ ايترو بيوس، جو پنهنجي مختصر حياتي بہ سنواري نہ سگهي اڪڙين ۾ مکڙيون سجائي نہ سگهي، ساهن ۾ سرهاڻ سمائي نہ سگهي—؟ ائين ڇو آهي—؟
پاشا — ڪي درد انسان ڪي اڪيلي سر سهڻا پوندا آهن! ڪي روڳ روح ۾ پالي مسڪرائڻو پوندو آهي؛ ڪي گهاءُ سيني ۾ سمائي جيئڻو پوندو آهي؛ ۽ شايد اسان ٻئي بہ انهن انسانن مان ئي آهيون جي جيئري ئي مري ويندا آهن.
شاهده — ائين نہ چئو. اسان نئين دور جا نوان انسان آهيون؛ اسان پنهنجين خوشين کي ٻين جي خوشين تي قربان ٿيڻ نہ ڏينداسين.
پاشا — ڪي انسان صرف ٻين لاءِ ئي جيئندا آهن شاهده! هنن ڪي پنهنجو ڪوبہ وجود نہ هوندو آهي.
شاهده — پر مان باغي آهيان.
پاشا — چري آهين.
شاهده — منهنجي سرڪش روح ۾ ايتري قوت آهي جو ماضيءَ جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏي؛
پاشا — اسان ڪري بہ ڇا ٿا سگهون؟ هي چار اسانجا پنهنجا اٽيل آهن.
شاهده — مون فيصلو ڪيو آهي تہ وحيد سان شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏينديس.
پاشا — هو تنهنجو مڱيندو آهي شاهده.
شاهده — اسانجي سوچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| | شاهده - توهان کي ائين ڪرڻو ٿي پوندو. |
| | پاشا - اِهو ناممڪن آهي. |
| | شاهده - مان ڄاڻان ٿي اوهانجو مونسان بي انتها پيار آهي. |
| | پاشا - تون منهنجي خوابن جي تعبير آهين. |
| | شاهده - مونکي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي ساميءَ کي ڇڏڻو ٿي پوندو. |
| | پاشا - شاهده ــــ! |
| | شاهده - نيڪ اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ ريت مان وحيد کي هميشه لاءِ پنهنجي دنيا مان رخصت ڪري ڇڏينديس ــــ! انهيءَ ۾ ئي اسان ٻنهي جي ڀلائي آهي. |
| | Cut |
| **سين چوٿون** | |
| رات : شاهده جو گهر ـ ڊرائنگ روم سٺي نموني سينگاريل ـ ڪئميرا گهڙيال تي ڪلي ٿي ـ گهڙيال ۾ ڏهه لڳا آهن. بيگم مراد بي چينيءَ مان ٽهلندي چوي ٿي ـ | بيگم ـ ڏهه ٿي ويا ۽ شاهده اڃا نه آئي ــــ! |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| مراد کو ڪتاب پڙهي رهيو آهي، ڪتاب تان نظرون هٽائڻ کانسواءِ چوي ٿو۔ | مراد- چيائين پئي ته ڪاليج ۾ ڪو فنڪشن آهي. |
| بيگم مراد جي پرسان اچي ٿي۔ | بيگم- جوانجماڻ ڌيءُ جو گهر کان ايتري دير ٻاهر رهڻ مون کي پسند ناهي. |
| ڪتاب تان نظرون هٽائيندي ۔ | مراد- ڀلا ان ۾ ايترو بيچين رهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي-؟ اِجهو اچڻ واري ئي هوندي. |
| بيگم صوفي تي ويهي ٿي۔ | بيگم- توهانجي بيجا پيار ته کيس مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آهي. ڀلا اشراف گهرن جون ڇوڪريون وڃي اسٽيج تي ناچ ڪن. ماڻهو ڇا چوندا؟ |
| | مراد- مونکي ماڻهن جي پرواه ناهي بيگم! مونکي پنهنجي شاهده تي پورو ڀروسو آهي. ماشاءالله بيحد ذهين ڇوڪري آهي! |
| ريڪ تي مختلف قسم جي ايواردن ۽ ٽرافين ڏانهن اشارو ڪندي۔ | ڏس، ڪيترا نه انعام آڻي گڏ ڪيا اٿائين ـــــ! |
| | بيگم- بس، توهان ته انعام ئي ڏسندا رهجو! ڪجهه ڌيءُ جو به فڪر اٿوَ ـــــ؟ |
| | مراد- شاهده تمام حساس ڇوڪري آهي. مان هن جي مرضيءَ خلاف ڪو ڪم نه ڪندس- |

| مڪالمه | هدايتون |
| --- | --- |
| بيگم- مگيندو ته گهر ۾ موجود آهي، باقي دير ڇا جي؟ | |
| مراد- وحيد ته منهنجو ٻـ پاڻئيو آهي، پر.... مان ڪجھ عرصي کان محسوس ڪري رهيو آهيان ته هو ٻئي ذهني طور هڪ ٻئي ڪان پري ٿيندا ٿا وڃن. | |
| بيگم- شادي ٿي وڃين، پوءِ ڏسجو ته ڪيئن ٿا ڪير ڪنڌ ٿين. | |
| مراد- وحيد لا پرواه، خود غرض ۽ ضدي آهي! ۽ شاهده نرم دل سباجهي پر سرڪش آهي. | وحيد لاپرواهيءَ سان اندر اچي ٿو- پنهي کي ڏسي شاهده لاءِ واجهائي ٿو- |
| بيگم- اجهو وحيد به اچي ويو. | |
| وحيد- شاهده ڪٿي آهي؟ | |
| مراد- ڪاليج ۾ ڪو فنڪشن هوس اوڏانهن وئي آهي پٽ ! | |
| وحيد- فنڪشن ؟ فـن جي اوٽ ۾ ٿيندڙ هـي ڊراما مونکي بلڪل پسند ناهن چاچا ! تـوهان ڪيس روڪي ڇڏيو. | ٽوڪ واري انداز ۾- |
| مراد- جذباتي نه ٿيءُ پٽ ! شاهده ته .... | |
| وحيد- مونکي شاهده جي ڪردار تي شڪ ناهي چاچا! پـر مان | |

| مڪالمه | هدايتون |
|---|---|
| حامد آهيان. هن لاءِ منهنجي چاهت جو ڪو انت ناهي! مون سڄي زندگي سندس تمنا ۾ گذاري ڇڏي آهي، پر مونکي ايتري آزادي پسند ناهي! اها منهنجي بيعزتي آهي. | |
| بيگم- شاهده؛ تون هيتري دير.... | شاهده داخل ٿئي ٿي، سندس هٿن ۾ ايوارڊ جي مورتي آهي- |
| شاهده- ترس امان؛ مونکي وحيد جي سوال جو جواب ڏيڻ ڏي. | |
| مراد- نه ڏيءَ؛ وحيد ته ائين ئي تنهنجي لاءِ پريشان ٿي رهيو هو--! | |
| شاهده- فن منهنجي زندگي آهي، مان ان کان الڳ ٿي نٿي سگهان وحيد صاحب! | |
| وحيد- پر مونکي اِهو ناپسند آهي. | |
| شاهده- ان لاءِ جو هي مردن جي دنيا آهي....؟ | |
| وحيد- عورت بنيادي طور ڪمزور آهي. | |
| شاهده- عورت کي ڪمزور چوڻ وارا پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسن ته کين پنهنجي بزدليءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه ايندو. | |
| وحيد- چاچي هيءَ منهنجي سراسر بي عزتي آهي. | |

**هدايتون** | **مڪالمه**

شاهده- بس! اهو آهي تنهنجي عزت ۽ غيرت جو معيار—؟

بيگم- شاهده، تون پنهنجي ڪمري ۾ وڃ.

شاهده نفرت جي نگاه سان وحيد ڏانهن ڏسي ٿي ۽ پوءِ ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

Cut

## سين پنجون

رات جو ٽائم

Indoor

شاهده جو بيڊ روم، شاهده پنهنجي وهاڻي ۾ منهن لڪائي سڏڪا پيئي ڀري.

وحيد آهستگيءَ سان ڪمري ۾ اچي ٿو، هوريان سڏ ڪري ٿو.

وحيد- شاهده، مون جو ڪجهه چيو آهي، ان لاءِ شرمسار آهيان.

شاهده- مهرباني ڪري منهنجي ڪمري مان هليو وڃ.

وحيد- منهنجو توسان بي انتها پيار آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان ته تون مونکان دور ٿيندي ٿي وڃين ۽ مان اها دوري برداشت ڪري نٿو سگهان.

| مڪالمہ | هدايتون |
| --- | --- |
| شاهده۔ مان چوان ٿي منهنجي ڪمري مان نڪري وڃ۔<br>وحيد۔ تنهنجو ڏک منهنجوئي ڏک آهي شاهده۔<br>شاهده۔ پيار ايترو خودغرض نہ ٿيندو آهي وحيد صاحب۔<br>وحيد۔ پيار بيحد خود غرض ٿيندو آهي شاهده، ڪنهن ڪي پنهنجو بنائڻ جي آرزو سڀ کان وڏي خودغرضي آهي۔<br>شاهده۔ خدا جي واسطي مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي، مون کي تنهائي گهرجي۔<br>وحيد۔ وڃان ٿو، پر اهو نہ وسارجانءِ تہ تون منهنجي ۽ صرف منهنجي آهين۔<br>شاهده۔ وحيد پليز!<br>وحيد۔ وڃان ٿو؛ وڃان ٿو۔ | وحيد ٻاهر وڃي ٿو۔ شاهده ٻيهر وهاڻي ۾ منهن لڪائي سڏڪي ٿي۔<br>Cut. |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| سين ڇهون | |
| پاشا جو ڊرائنگ روم- خوبصورتيءَ سان سجايل- ٻاهر رکي رکي وڄ چمڪي ٿي- پاشا ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ ويٺو آهي، سلميٰ Wheel chair تي سندس پرسان اچي ٿي- | سلميٰ- اوهان ڪجهه پريشان ٿا لڳو- |
| پاشا ڇرڪ ڀري ڏانهنس نهاري ٿو- | پاشا - هون---؟ نه سلميٰ؛ اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي- |
| | سلميٰ- ڪا ڳالهه ته ضرور آهي- |
| سخت لهجي ۾- | پاشا - چيم نه ڪا ڳالهه ڪانهي- |
| | سلميٰ- ڪجهه عرصي کان اوهان اُداس اداس ۽ ويڳاڻا رهڻ لڳا آهيو؛ مونکان ناراض آهيو ؟ |
| | پاشا - تو کان ڀلا ڇو ناراض ٿيندس؟ |
| سلميٰ پاشا جي مٿي ڏانهن زورن ڏيڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿي پر پاشا سندس هٿ پري ڪري ٿو ڇڏي- | سلميٰ- اها عورت ئي ڪهڙي جا پنهنجي مڙس جي منهن تي آيل پريشاني نه پرکي سگهي ! طبيعت خراب آهي ته.... |
| | پاشا- ضد نه ڪر سلميٰ- منهنجي طبيعت بلڪل ٺيڪ آهي- |
| ڏکاري لهجي ۾- | سلميٰ- مان اپاهج آهيان؛ مجبور آهيان جو حياتيءَ جي هر قدم تي اوهانجو ساٿ ڏئي نٿي سگهان- |

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| پاشا - سلميٰ ــــ! | بيزاريءَ وچان- |
| سلمي- توهان منهنجا محسن آهيو، مونکي سهارو نه ڏيو ها ته جيڪر مان اڄ زنده نه هجان ها، توهان پنهنجي پيڙا مونکان ڇو ٿا لڪايو ــــ؟ | |
| پاشا - آف سلميٰ! تون سمجهين ڇو نٿي ــــ؟ | پاشا آٿي دريءَ ڏانهن منهن ڪري بيهي ٿو رهي- |
| سلمي- ڪجهه به سهي، زندگي ڏني اٿو ته جيئڻ جو ڍنگ به ٻڌايو ــــ! چاڻان ٿي ته منهنجو وجود اوهان لاءِ جيئڻ پوءِ تيئڻ بار ٿيندو ٿو وڃي! توهان نوجوان آهيو، خوبصورت آهيو، اوهان کي منهنجي معذورين ۽ ۽ پنهنجي مجبورين جو احساس ته ضرور ٿيندو هوندو. | سلمي- Wheel chair تي سندس پرسان اچي ٿي بيهي- |
| پاشا - ان مجبوريءَ کي مون فرض جو فرضي نالو ڏيئي، پنهنجي محرومي بنائي ڇڏيو آهي. | |
| سلمي- مان اهي محروميءَ جا داغ ڌوئڻ ٿي چاهيان. ٻڌايو ، ڪجهه ته ٻڌايو. | |
| پاشا - هڪ مجبور ۽ بيڪس انسان ٻئي مجبور ۽ بيڪس انسان لاءِ ڪري به ڇا ٿو سگهي ــ؟ | |

سلميٰ- هيءَ ساهه ته اوهانجي امانت
آهي! توهانجا مونتي بي انتها
احسان آهن پاشا.

پاشا- احسان؟ احسان؟ احسان ـــ!
ڪوبه ڪنهن تي احسان نٿو
ڪري سلميٰ! حتيٰ ڪه انسان
پنهنجي وجود لاءِ به ٻين جي
احسان جو محتاج آهي! انسان
ڏاڍو مجبور آهي سلميٰ!

سلميٰ- ياد اٿو، هڪ اڪيلي اونداهي
رات ۾ توهان منهنجي پيءُ
جا قاتل بنجي منهنجي آڏو
اچي بيٺا هئا.

پاشا- آها رات بيحد ڀيانڪ ۽
اونداهي هئي، ايتري اونداهي
جو مان ان تاريڪيءَ مان
اڃا تائين نڪري نه سگهيو
آهيان ـــ!

سلميٰ- ۽ توهان ئي منهنجي هٿن ۾
بيساکيون ڏئي ڇڏيون هيون.

پاشا- ها! اهي بيساکيون تنهنجي
هٿن ۾ ڏئي مان خود اپاهج
ٿي پيو هوس! ۽ اڃ تائين
اپاهج آهيان ـــ!

سلميٰ- ۽ پوءِ تو قرباني ڏني هئي.

پاشا- مونکي ياد آهي، ان رات

| هدايتون | مڪالمه |
| --- | --- |
| | مون پيو قتل ڪيو هو! ۽ جڏهن منهن ورائي ڏٺم تڏهن محسوس ڪيم تہ خون ۾ ٻڏل آهو لاش خود منهنجوئي هوا ۽ پوءِ آن لاش کي ڪلهي تي کڻي مان اڄ تائين هلندو تو رهان___! |
| | سلميٰ- ڪاش ! مان توکي سمجهي سگهان ها ___! |
| | پاشا - مان وچايل انسان آهيان سلميٰ! مونکي پنڪيل ئي رهڻ ڏي. |
| سلميٰ هٿن ۾ منهن لڪائي سڏڪي ٿي. | سلميٰ- ائين نہ چئو؛ خدارا ائين نہ چئو. |
| | پاشا - مان ئي قاتل! مان ئي مقتول! فرياد ڪيان تہ ڪنهن جي خلاف؟ ڏوهي ٺهرايان تہ ڪنهن کي؟ ٻڌاءِ سلميٰ ٻڌاءِ ! |
| سڏڪندي- | سلميٰ- پاشا___! |
| پاشا پٺي ڏيئي بيٺو ئي رهي ٿو. سلميٰ چيئر کي هلائيندي ٻئي ڪمري ڏانهن هلي وڃي ٿي ___ | پاشا - ڪي ڏک اڪيلي سر سهڻا پوندا آهن سلميٰ! تون رڻ جي رڃ ۾ منهنجو ساٿ ڏئي نہ سگهندينءَ، وڃ، وڃي آرام ڪر ___! |
| Cut. | |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| | **سين ستون**<br>باغ جي ڪنڊ ۾ پيل بينچ- پاشا گهري سوچ ۾ خلائن ۾ گهوري رهيو آهي- شاهده پرسان ويٺي آهي - |
| پاشا ـ سوچيان ٿو پنهنجي ئـي سيني مـان دل ڪوري ڪڍڻ ڪيڏو نه اوکو ڪم آهي! | |
| شاهده ـ ڪڏهن ڪڏهن جيئڻ ڪاڻ وهه وٺڻو پيئڻو پوندو آهي! | |
| پاشا ـ شايد تون سچ ٿي چوين، ۽ مـون ڪڏهن به سچ سان سينو ساهڻ جي همت نه ڪئي آهي. | |
| شاهده ـ اهائي ته اسانجي ڀُل آهي. | |
| پاشا ـ تون جرئت مند ۽ بيباڪ آهين شاهده. | |
| شاهده ـ مون ۾ زنده رهڻ جي خواهش آهي. مان بي زبان جانور جيان چپ‌چاپ موت قبولڻ لاءِ تيار ناهيان! اڄ اسان کـي آخـري فيصلو ڪرڻو ئي پوندو. | |
| پاشا ـ فيصلوـــ! | |
| شاهده ـ ها فيصلو؛ اسان ٻنهي جي آئيندي جو فيصلو. | |
| پاشا ـ پر اسان صرف ٻه ناهيون ! اسانجي سهاري ٻه جانيون ٻيون به زنده آه | |

سلميٰ جا مون کي عبادت جي حد تائين چاهي ٿي؛ ۽ وحيد تو کانسواءِ زنده رهي نه سگهندو.

شاهده — وحيد منهنجو آئيڊيل ٿي نٿو سگهي. هو خودسر، خودغرض ۽ ضدي آهي.

پاشا — پر هن جو توسان اٿاهه پيار آهي.

شاهده — هن جو پيار منهنجي صلاحيتن جو موت آهي، ۽ مان بي موت مرڻ نٿي چاهيان! هو شاديءَ لاءِ ضد ڪري رهيو آهي. اسان کي ڪو فيصلو ڪرڻو ئي پوندو.

پاشا — قسمتن جا فيصلا ڪن ۾ نه ٿيندا آهن شاهده —!

شاهده — اِها ئي ته انسان جي بدقسمتي آهي جو سندس قسمت جو فيصلو هڪ لمحي ۾ ٿي ويندو آهي ۽ کيس چاڻ به نه پوندي آهي.

پاشا — پر سلميٰ جو ڇا ٿيندو —؟

شاهده — ساڳيو سوال وحيد متعلق به پڇي سگهان ٿي —؟

پاشا — وحيد مرد آهي، هو ٻي دنيا آباد ڪري وٺندو.

شاهده — مان وحيد کي سڃاڻان ٿي؛ منهنجو انڪار کيس ماري وجهندو؛ هو ٻيهر جي نه سگهندو! پر پنهنجي زندگيءَ لاءِ اسان کي سڀڪجهه ڪرڻو

**هدايتون**

اشا تڙپي اٿي ٿو.

**مڪالما**

پاشا – شاهده! جي زخم مون ڏهه سال سانڍي رکيا هئا، تو آخر انهن کي چلي ٿي ڇڏيو. ها، مان به جيئڻ ٿو چاهيان! مان به خوشيءَ جو تلاشي آهيان! زندگيءَ جو ڳولائو آهيان!

شاهده – سچ پاشا–؟

پاشا – ها شاهده، اڄ مان ماضيءَ کان منهن موڙي ڇڏيندس. اڄ مان سلميٰ کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيندس ته مان سندس سات ڏئي نٿو سگهان–! ۽ اهو به ته هوءَ منهنجي زندگيءَ ۾ ناڪامين جي علامت بڻجي آئي آهي.

شاهده – ۽ مان وحيد کي صاف جواب ڏيئي ڇڏينديس ته مان هن جي ٿي نٿي سگهان.

پاشا – سلميٰ جي دل ٽٽي پوندي ۽ هوءَ سڏڪي اٿندي.

شاهده – وحيد مايوس ٿي ڪٿي دور هليو ويندو ۽ پهر ڪڏهن به موٽي نه ايندو.

پاشا – ۽ سلميٰ جو روح رهڙجي پوندو.

شاهده – ايندڙ صبح اسان ٻنهي لاءِ نئين زندگيءَ جو پيغام آڻيندو.

Cut

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| | سين اٺون |
| | شاهده پنهنجي ڪمري ۾ ڪتاب پڙهي رهي آهي- وحيد خوش خوش اندر داخل ٿئي ٿو- سندس هٿ ۾ پيڪٽ آهي- |
| وحيد – شاهده، مان سڄو گهر ڳولي ٿڪو آهيان ۽ تون هتي ويٺي بور قسم جا ڪتاب پڙهي رهي آهين. | ڪتاب ڦري پلنگ تي اڇلائي ٿو ڇڏي |
| | شاهده ڪيس ڪو جواب نٿي ڏئي- |
| ناراض ٿي ڏسجين--؟ ڏس شاهده ۽ مان بيحد خراب انسان سهي، ليڪن تنهنجي خاطر جان تي به کيڏي ويندس، آزمائڻ چاهين ته آزمائي ڏس! هان وٺ، مون تنهنجي لاءِ ساڙهي آندي آهي. | وحيد پيڪٽ شاهده ڏانهن وڌائي ٿو- |
| شاهده – وحيد، تون اها ساڙهي موٽائي وڃ. | شاهده بي‌رخيءَ سان ساڙهي وٺڻ کانسواءِ چوي ٿي- |
| وحيد – موٽائي وڃان --؟ واه سائين واهه! شاديءَ کانپوءِ ته.... | وحيد ميز تي پيڪٽ رکي ٿو ڇڏي- کلندي- |
| شاهده – اها شادي نه ٿيندي ! | شاهده هڪدم اٿي بيهي ٿي ۽ زور سان سندس جملو ڪٽيندي چوي ٿي- |
| وحيد – مذاق ڪرڻ ته تنهنجي عادت آهي. | |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| شاهده — نہ، اهـا شادي هرگز نہ ٿيندي. نہ ٿيندي، نہ ٿيندي. | |
| وحيد — پر آخر ڇو—؟ | |
| شاهده — مونکي توسان نفرت آهي. بي انتها نفرت. ايتري نفـرت جيتري هڪ انسان جي سيني ۾ سمائجي سگهي. | |
| وحيد — شاهده—! | وڏيل لهجي ۾- |
| شاهده — مون ڪڏهن بہ توکي پيار جي قابل نہ سمجهيو آهي. | |
| وحيد — هي تون ڇا چئي رهي آهين شاهده؟ | |
| شاهده — اهو ئي جو گهڻو اڳ چوڻ گهربو هوم! پـر شرم حيا ۽ ريتن رسمن منهنجي منهن تي هٿ رکي ڇڏيو هو. اڄ مون اهـو هٿ هميشہ لاءِ پـري ڪري ڇڏيو آهي. اڄ مان آزاد آهيان، تنهنجا خـواب ڪڏهن بہ سچا نہ ٿيندا وحيد صاحب! | |
| وحيد — نہ نہ! اهو ڪوڙ آهي، اهو ڪوڙ آهي! تـون اهڙي سنگدل ناهين! تون تہ پيار جو پيو نالو آهين شاهده! | |
| شاهده — مان زهر آهيان! | |
| وحيد — مان اهو زهر خوشيءَ سان پي ويندس. | |
| شاهده — توکي منهنجي دنيا مان وڃڻو ئي پونـدو. | |
| وحيد — توکي ڇڏي مان ڪيڏانهن ويندس شاهده—؟ | |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | شاهده — وڃ. هليو وحيد، مونکي تنهنجي پيار جي پوسٽ ساري وجهندي! تون مونکي ڪجهه به ڏئي نه سگهندين! ڪجهه به نه. |
| وحيد گهائل انداز ۾ شاهده جي ويجهو وڃي پڇي ٿو. | وحيد — اِهو تنهنجو آخري فيصلو آهي شاهده؟ |
| | شاهده — ها. |
| | وحيد — نه پوءِ مان چپ چاپ تنهنجي دنيا مان هليو ويندس! جيئن روح کان جسم جدا ٿيندو آهي! تنهنجي خوشين خاطر مان هتان هليو ويندس! تون ئي منهنجو سهارو هئينءَ شاهده! تو ئي منهن موڙي ڇڏيو نه پوءِ جي ڇا ڪندس ——! |
| سڏڪا. | |
| وڃڻ لڳي ٿو. | ايترو ضرور ياد رکجانءِ نه مون توکي بيحد چاهيو هو. |
| شاهده ڏڪندڙ هٿن سان کيس روڪي ٿي. | شاهده — وحيد——! |
| وحيد ٻاهر وڃي ٿو. | وحيد — مونکي آواز نه ڏي شاهده، دل جا رشتا ڏاڍا نازڪ ٿيندا آهن، هڪ دفعو ٽٽا نه پيهر جڙي نه سگهندا. مان وساري ويٺو هوس نه پيار پيڙا جو پيو نالو آهي، مان وساري ويٺو هوس نه تون ۽ مان ٻه جدا انسان آهيون. محبت ڏاڍي خود غرض ٿيندي آهي شاهده. |
| شاهده کيس پيهر سڏي ٿي. | شاهده — وحيد .... |
| ٻاهر نڪري وڃي ٿو. | وحيد — وحيد مري چڪو آهي شاهده بيگم. وحيد مري چڪو، وحيد مري چڪو. |

## هدايتون

### سين نائون

پاشا ڊرائينگ روم لتاڙي ڏاڪڻ چڙهي مٿي بيڊ روم ۾ داخل ٿئي ٿو. سلميٰ انتظار ڪندي ڪندي Wheel Chair تي ئي ليٽي پئي آهي. سنڌس سيني تي ڪتاب کليو رکيو آهي. ٽيبل ليمپ ٻري رهي آهي. پاشا جي پيرن جو آواز ٻڌي Chair تي سنڌس قريب وڃي ٿي. پاشا نهايت تڪليف ۽ ڪشمڪش ڪانپوءِ چوي ٿو.

پاشا وڌيڪ چئي نٿو سگهي. سلميٰ خوف ۽ هراس وچان ڏانهس نهاري ٿي. پاشا دل تي پٿر ڪري چئي ٿو.

## مڪالمو

سلميٰ - اوهان اچي ويا___؟

پاشا — مان وڃڻ لاءِ آيو آهيان سلميٰ!

سلميٰ — وڃڻ لاءِ___!؟

پاشا — ها سلميٰ! مون گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ فيصلو ڪيو آهي ته.... مون فيصلو ڪيو آهي ته تو کان ڌار ٿي وڃان!

سلميٰ — پاشا....!

پاشا — ها سلميٰ! ڪي فيصلا نهايت ڏکوئيندڙ هوندا آهن! پر ڪرڻا ئي پوندا آهن.

سلميٰ — پاشا!

پاشا — اسان ٻئي هڪ ٻئي جو سات

| مڪالمہ | هدايتون |
|---|---|
| وڏيڪ دير ڏئي نٿا سگهون. | |
| سلمي – پر اهو فيصلو ڪندي توهان اِهو ڇو نه سوچيو ته مان اڪيلي هن جهان ۾ ڪيڏانهن وينديس؟ | |
| پاشا – مون پنهنجي حصي جا درد خاموشيءَ سان سٺا آهن، هاڻي تنهنجو وارو آهي. | |
| سلمي – پر پاشا مون ته توهانجي سهاري ئي حياتيءَ جو بار سٺو آهي. | |
| پاشا – مونکي ان جو احساس آهي سلمي! پر هاڻي مون شدت سان محسوس ڪيو آهي ته همدردي ۽ محبت ٻه جدا شيون آهن؛ منهنجي توسان همدردي آهي سان توکي محبت ڏئي نٿو سگهان؛ اها ڪنهن ٻئي جي امانت آهي. | |
| سلمي – مان توکان سواءِ جي نه سگهنديس پاشا! | سلمي Wheel chair ڦيرائي پاشا جي سامهون اچي ٿي بيهي- |
| پاشا – ۽ مان توسان گڏجي نه سگهندس. | |
| سلمي – ته پوءِ پنهنجي ئي هٿن سان اها لاٽ اُجهائي ڇڏ، جنهن ڪي تو روشني بخشي هئي؛ مان تنهنجي هٿان موت مُرڪي قبوليندس. | |
| پاشا – مان اهڙو ڪٺور ناهيان. | |
| سلمي – زهر جو پيالو پياريندي ٻه | |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | همدردي تـو ڪرين؟<br>پر مان ائين ٿيڻ نہ ڏيندس!<br>پاشا – اسانکي ائين ڪرڻو ئي پوندو.<br>سلمي! توکي منهنجي زندگيءَ<br>مان وڃڻو ئي پوندو، وڃڻو ئي<br>پوندو___! |
| Sad Music<br>پاشا منهن لڪائي سڏڪندو<br>رهي ٿـو- هن جي رويي<br>مان ذهني ڪشمڪش ۽<br>روحاني اذيت ظاهر آهي-<br>سلمي جي منهن جو تاثر<br>بدلجي وڃي ٿو- ائين ٿو<br>معلوم ٿئي ڄڻ هن فيصلو<br>ڪري ڇڏيو آهي- | سلمي – جنهن کي مون سهارو سمجهيو<br>هو، سو تـہ خود سهارن جـو<br>تلاشي نڪتو! جنهن کي مون<br>ساهہ ۾ سانڍيو هو، سو تہ ٻين<br>جو سودائي نڪتو، جنهن کي<br>مون عبادت جي قابل ڄاتو هو<br>سو ٻين بتن جو پوڄاري نڪتو!<br>مونکي جيئڻ جـو ڪو حـق<br>ناهـي، مونکي مـرڻ گهرجي،<br>مونکي مـرڻ گهرجي! تنهنجي<br>خوشين لاءِ مونکي تنهنجي رستي<br>تان هٽڻو ئي پوندو! هٽڻو ئـي<br>پوندو ـــ! |
| سلمي تيزيءَ سان ويل چيئر<br>ڏاڪڻ ڏانهن هلائي ٿي-<br>پاشا اهـو ڏسي پريشانيءَ<br>مان رڙ ڪري ٿو، ۽<br>ڏانهس ڊوڙي ٿو-<br>Cut. | پاشا – سلمي.... |

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| ڊرائنگ روم مان ڏاڪڻ تان Wheel chir هيٺ ڪرندي ڏيکارجي ٿي- ڪرسي ڏاڪڻ تان ٿڙندي هيٺ اچي ٿي ڪري ۽ پچي پوي ٿي- | |
| Cut | |
| بيڊ روم ۾ ڏاڪڻ جي منهن وٽ پاشا سلميٰ کي ڪِرڻ کان بچائي ورتو ۽ ڪيس جهليو بيٺو آهي سلميٰ روئي رهي آهي. | پاشا - سلميٰ! سلميٰ!! |
| | سلميٰ - اوهان مونکي ڇو بچائي ورتو ختم ٿيڻ ڏيو ها هن بيسود زندگيءَ کي! اُجهامڻ ڏيو ها هن روشنيءَ کي--! |
| پاشاسلميٰ کي آهستي آهستي هيٺ زمين تي وهاري ٿو ۽ پاڻ به سندس پرسان زمين تي ويهي ٿو رهي. | پاشا - نه سلميٰ نه، تون جيئندينءَ ۽ مان به جيئندس، تنهنجو ٿي جيئندس. مان شاهده کي وساري ڇڏيندس. اُهين، جيئن کو پار ٽٽل رانديڪي کي وساري ڇڏيندو آهي--! |
| سڏڪا - روئندي - | سلميٰ - پاشا--! |
| Sad Music | پاشا - ها سلميٰ! مان احساس جي هنيانءَ ۾ ڪتار لاهي نٿو سگهان! مان هڪ دفعو وري قرباني جي |

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| علامت تي جيئندس.تنهنجي لاءِ محبت جي صليب تي لٽڪي گذاريندس ! مان توکي ڇڏي نه ويندس سلميٰ ــــ ! پنهنجي خوابن کي دفن ڪري ڇڏيندس. شاهده کي ٻڌائي ڇڏيندس ته مان هن جو ٿي نٿو سگهان___! ٿي نٿو سگهان___! | سڏڪا - |
| | Cut |
| | **سين ڏهون** |
| | باغيچي جي بينچ- پاشا پٺي ڏيو ويٺو آهي - |
| | Sad Music |
| شاهده - پاشا___! | شاهده جا پير گاهه تان هلندا پاشا جي ويجهو اچن ٿا - |
| | پاشا ڇرڪ ڀري شاهده ڏانهن ڏسي ٿو- سندس اکين ۾ لڙڪ آهن چپ ٿڙڪي رهيا اٿس ۽ بيوسيءَ جي تصوير بنيل آهي- |
| پاشا - تون، تون اچي وئينءَ شاهده؟ | |
| شاهده - ها پاشا. | شاهده ڪنڌ جهڪائي ٿي پاشا پاڻ تي ضبط ڪندي لڙڪن لڪائڻ جي ناڪام |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| ڪوشش ڪري ٿو. سڏڪندي چوي ٿو. | |
| | پاشا ـ شاهده مون فيصلو ڪيو آهي ته... |
| تلخ مرڪ سان. | شاهده ـ هاڻي شايد انجي ڪابه ضرورت باقي نه رهي! مون وحيد سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ــ! |
| | پاشا ـ شاهده ــ! |
| | شاهده ـ مان ڄاڻان ٿي تنهنجي دل تي ڇا گذري هوندي؛ پر اڄ مان احساس جي وهڪري ۾ وهي وئي آهيان؛ اڄ مان پنهنجي سوري پنهنجي هٿن سان سينگاري آهي ــ! |
| پاشا جا لڙڪ وهن ٿا. | هو مون ڪان سواءِ تڙپي تڙپي مري ويندو. مان هن جو ڏک سهي نٿي سگهان ــ! |
| سڏڪندي. | پاشا ـ شاهده! شاهده ــ! |
| | شاهده ـ تون روئي رهيو آهين پاشا ــ؟ |
| | پاشا ـ شاهده، مان ته مرڪي رهيو آهيان. هي ڏس؛ قسمت جي ستم ظريفيءَ تي کلي رهيو آهيان. |
| | شاهده ـ ياد اٿئي پاشا؛ تو هڪ دفعي چيو هو ته ڪي دک انسان کي اڪيلي سر سهڻا پوندا آهن، ياد اٿئي ــ؟ |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| پاشا ـ مونکي ياد آهي. | |
| شاهده ـ اڄ سان اهي دک سهڻ لاءِ اڪيلي رڻ جي سفر تي نڪتي آهيان. موڪلائيندين نہ ـــ؟ | |
| پاشا ـ مون اهو ٻہ چيو هو شاهده تہ انسان سڄي دنيا کي جيتي سگهي ٿو، پر پنهنجي پاڻ کان کٽڻ ناممڪن آهي! | |
| شاهده ـ تو سچ چيو هو پاشا! تنهنجون ڳالهيون منهنجي روح جو پڙاڏو ٿي رهنديون. | |
| پاشا ـ شاهده! | شاهده وڃڻ لاءِ مڙي ٿي. |
| شاهده ـ شاهده کي وساري ڇڏجانءِ پاشا، شاهده تنهنجي لاءِ مري چڪي آهي! خدا حافظ ـــ! منهنجي نئين زندگي منهنجي راه واجهائي رهي آهي. | |
| | شاهده ٽڪڙي ٽڪڙي هلي ٿي وڃي. پاشا هڪ ٻہ قدم سندس پٺيان وڃي ٿو. پوءِ سندس قدم رڪجي وڃن ٿا. هو هٿ وڌائي کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر پوءِ سندس هٿ رڪجي وڃي ٿو. ڪئمرا آهستي آهستي پٺتي هٽي ٿي. |
| | The End. |

# واريءَ سندو ڪوٽ

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| | **سين پهريون**<br>رات :<br>حاڪم عليءَ جو گهر-<br>ڊرائنگ روم- سليقي سان<br>سجايل ڪمرو - صوفا<br>سيٽ- غاليچا - ديوارن<br>تي تصويرون -<br>فريده صوفي تي ويٺي<br>آهيءَ ليمپ جي روشنيءَ<br>۾ پڙهي رهي آهي-<br>نعيم آهستي آهستي ڪمري<br>۾ داخل ٿئي ٿو- فريده<br>جي پٺيان اچي شرارت<br>سان رڙ ڪري ٿو- |
| نعيم - هائو ! | |
| فريده - هائي الا -! تون آهين ! نيموءَ جا ٻچا، بيهه ته سان توکي ٺيڪ ٿي ڪيان. | فريده ڇرڪ پري چيخي<br>ٿي-نعيم زور سان کلي ٿو- |
| نعيم - اڙي اڙي اڙي! هي ڇا ٿي ڪرين-؟ ڏسجان ڪٿي سچي | گلدستو ڪٿي آلاري ٿي- |

## هدايتون

هٽ ڀڏندي۔ خوشامدائي لهجي ۾ -

فريده گلدستو رکي ٿي ڇڏي -

نعيم شرارت سان نقل ڪندي۔

سڏ ڪائيندي۔

## ڪالمه

ٻچي هٿي نہ ڪيئن ــــ! منڊڙي پيو ناهين ـــ؟

فريده ـ چڱو هي دفعو معاف ڪيومانءِ.

نعيم ـ چڱو هي دفعو معاف ڪيومانءِ، هونهہ ـــ!

فريده ـ وري ڏس، نيمو!

نعيم ـ نعيم چئو نعيم، مسٽر نعيم، وڏي ياءُ سان ڳالهائڻ جي بہ تميز ڪانهئي.

فريده ـ هائي ٺهرائيجان مون ڪان سوئيٽر، وٺجان مونکان نوٽس، ڏوٽارجان سونکان رومال ـــ! مان فوزيہ کي بہ چئي ڇڏينديس تہ نيمو وڏو ٺڳ آهي، ڪوڙو ۽ فريبي آهي، هن سان شادي هرگز نہ ڪجانءِ ـــ!

نعيم ـ اڙي اهڙو غضب نہ ڪجانءِ فري، ڏس، مان معافي ٿو گهران.

فريده ـ اونهون، ائين ڪم نہ هلندو.

نعيم ـ تہ آخر ڪيئن هلندو ـــ؟

فريده ـ فلم ڏيکار.

نعيم ـ پئسو ناهي فري، نہ تہ....

فريده ـ مان فوزيہ کي اهو بہ چوندس تہ....

نعيم ـ چڱو چڱو، ڏيکاريندومانءِ فلم بابا، هائي تہ جان ڇڏ.

شيرين اچي ٿي۔

شيرين ـ اڙي هي توهان ٻنهي ۾ ڇاءُ پيو ڇا تي جهيڙو لايو ويٺا آهيو۔؟

| مڪالمه | هدايتون |
| --- | --- |
| نعيم – ڪجهه ناهي، ڪجهه ناهي امان، پڙهيوسين ويٺي. فريده – ها امان، امتحان ويجها آهن نه! | فريده ۽ نعيم ڏڪي وڃن ٿا ۽ ٻئي صوفي تي ويهي ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳن ٿا. شيرين مرڪندي اچي فريده جو اونڌو جهليل ڪتاب سنئون ڪري ڏسي ٿي ۽ پوءِ ٻنهي ڏي پيار مان نهاريندي هلي وڃي ٿي. نعيم فريده کي زبان ڏيکاري ٿو ۽ فريده نعيم کي ڏسي منهن ٺاهي ٿي. Cut. |
| | سين ٻيو |
| نعيم – نبو! نبو – جي سائين! نعيم – منهنجي ٽاءِ ڪٿي آهي–؟ نبو – توهانجي هٽ ۾ آهي سائين! فريده – نبو! نبو – جي امان! فريده – منهنجو رئو ڪونه ٿو لڀي–! نعيم – منهنجو ڪوٽ ڪيڏانهن ويو نبو؟ فريده – ٻارين منهنجو رئو ڪولي ڏي. | ڏينهن: حاڪم علي جو گهر – ڊرائنگ روم. نعيم ۽ فريده ڪاليج وڃڻ جي تياري ۾ آهن. |

## هدايتون

نبو ٻنهي کي واري سان ڏسندو رهي ٿو.

حاڪم علي ڊرائنگ روم ۾ اچي ٿو.

فريده شڪايت جهڙي لهجي ۾.

نعيم فريده کي هٿ ٻڌي ٿو.

ڪيسي مان پئسا ڪڍي ڏئيس ٿو.

حاڪم علي ٻاهر هليو وڃي ٿو. فريده نعيم کي نوٽ ڏيکاري ساڙي ٿي. نعيم نوٽ کسڻ لاءِ ڏانهس ٻوڙي ٿو. پر نبوءَ سان ٽڪرائجي ٿو. فريده کلندي ٻاهر هلي وڃي ٿي. پٺيان نعيم به ڪتاب کڻي ٻاهر هليو وڃي ٿو. نبو مٽي کي مهٽيندو ٻنهي ڏي ڏسي ٿو. ايتري ۾ ياتان جو آواز O/L ٿئي ٿو.

## مڪالمو

نعيم – ڀريون منهنجو ڪوٽ.

فريده – جي نه! رنُو.

نعيم – هرگز نه، ڪوٽ.

فريده – رنُو—!

نعيم – ڪوٽ.

حاڪم – اوهو، ڪاليج جي تياري ٿي رهي آهي.

فريده – بابا!

حاڪم – جي ڌيءَ!

فريده – ڪجهه نه بابا!

حاڪم – اڙي ها، ياد آيم، تو ڪلهه پارٽيءَ لاءِ پئسا گهريا هئا نه؟ اچي وٺ.

نعيم – پارٽي ته ڪئنسل ٿي وئي بابا.

حاڪم – ڪائي ڳالهه ناهي، چڱو مان هلان ٿو.

ياتان – اٿي ڪا گهر ۾ آهي—؟

جي گهر وڃي چار ڳالهيون
ڪري هنيانءَ جو بار هلڪو
ڪيان ؛ منهنجي اچڻ ۾ ارهي
تہ ڪانہ ٿينءَ ـــ؟

شيرين ـ نہ ماسي ! ڀلي آئينءَ، جي‍ءَ
آئينءَ ؛ خوش تہ آهين نہ ـــ؟

ڀانان ـ شڪر آ، ٻارڙا ويا اٿئي پڙهڻ ـــ؟

شيرين ـ ها ماسي، جئين شال ؛ ٻئي
آخري سال ۾ آهن.

ڀانان ـ شڪر آ، شڪر آ.

شيرين ـ ڀلا ماسي، پنهنجن ڪاري جا
ڪهڙا حال آهن ـــ؟

ڀانان ـ امان منهنجي لاءِ جيئري ئي
مري ويو ـــ! شادي ڪرائي
مانس ڀيڻ جي ڌيءَ سان تہ
ڪو سک اچي ڏيندم ! نبٽي
ٻچڙو ئي ڪسي وير.
امان، تعويذ ! چورو اڪيئي هو
سوڳو، هٽي صفا مڇو ڪري
ڇڏيائينس ! هاڻي جهڙي رڍ ـــ!
جوءِ آڏو تہ اکر ڪونہ اٿليس.
آتاريس وهاريس آهاءِ هنيانءَ ۾
ڦٽ اٿم ڦٽ ؛ تون ڌيءَ ويٺي
آهين ـــ!

شيرين ـ خير ماسي ! ڪجهہ گذري آ.
ڪجهہ گذري ويندي.

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| يانان – ها امڙ! ڪلندي به گذرندي، روئندي به گذرندي؛ تون ٻڌاءِ، ٻڌم نه ڏيرنهين پيو اچي—؟ | |
| شيرين– ها ماسي! يانڙ پاڻ ۾ پرتا آهن. | رازداڻي نموني ۾ - |
| يانان – شخر آ، شخر آ. پڳلي پڳلي پاڻ آئي، سا به نه پڳلي. پر امڙ ٻڌو اٿم ته بهادر خان سگابندي جي ڳالهه چورڻ پيو اچي. | شيرين جي ويجهو ايندي سرهاڻ ۾ - |
| شيرين– خدا کي خبر ماسي! ٻڌان ته مان به پئي! اڳتي ته واڳ وارث جي هٿ آهي. | |
| يانان – ائي امڙ تون ته سيائي سمجهو زال آهين؛ اڏ حياتــي شهر ۾ گهاري اٿئي، بهادر خان ڏيــر برابر اٿئي؛ پر دل ۾ نه ڪرين ته جيڪر هڪ ڳالهه چوانءِ ! | يانان منهن بچڙو ڪري ٿــي - |
| شيرين– چئه چئه ماسي؛ تون تـه گهر جو ڀاتي آهين ! | |
| يانان – امان سچ کي آهي مچ؛ بهادر خان وارو پٽ شير دل ڪورو چٽ اٿئي ! نه پڙهيو نه ڪڙهيو ڪڪڙ ۾ ڪتا پاڻ ۾ بلي آ؛ پنهنجي مومل جهڙي ڌيءَ ان اڻ گهڙئي ڪاٺ کي نه ڏين ته چڱو. | |
| شيرين– منهنجي فريده تـه خيرن سان ايم- اي پئي ڪري- | |

| مڪالمہ | هدايتون |
| --- | --- |
| پانان – ان ڪري تہ چوان ٿي تہ اهو ڪم نہ ڪجانءِ؛ نعيم پٺ ڪي بہ ڪا پڙهيل ڳڙهيل شهري ڇوڪري پرڻائجانءِ؛ متان بهادر جي ڏيءِ جنت ورتي اٿئي. | |
| شيرين – ماسي پانان؛ منهنجو گهر وارو بنهہ پراڻن خيالن جو آهي! مان سندس مرضيءَ خلاف ڇا ٿي ڪري سگهان ــــ! | |
| پانان – امڙ وري بہ توهانجو راز ــــ! منهنجو فرض هو توکي چتاءُ ڏيڻ، هاڻي پلا ڦلان، بہ ڳاهيون نصيبان سان بہ ڪندي وڃان! آٺ ڙي پانان! ڇگهو امان سدا سکي هوندينءَ. | پانان مڪرسان مجبوري ڏيکاري- گوڏن تي هٿ رکي ڪِنجهندي اٿي ٿي- |
| | پانان آٿي برقعو پائي ٿي ۽ ٻاهر نڪري وڃي ٿي. |
| | Cut |
| | سين چوٿون |
| | رات: حاڪم عليءَ جــو گهر - هڪ ڪمرو- نعيم ۽ فريده پريشان آهن- نعيم دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو آهي اوچتو فريده ڏانهن مڙي ٿو- جـا صوفي تي ويٺي آهي- |
| نعيم – ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر هي سڀڪجهہ ڇـا ٿـي رهيو آهيــ؟ | |
| فريده – چاچـا وڏي جــو اوچتو برڇڻ مطلب ڪان خالي ناهيـ ـ! | |

| مڪالمه | هدايتون |
| --- | --- |
| نعيم — اهو ته مان به سمجهان ٿو فري پر.... پر بابا کي ڇا ٿي ويو آهي___؟ | |
| فريده — بابا ته ويهه سال پاڻ لاءِ روئندي گذاريا آهن. | فريده تلخ مرڪ سان صوفي تان آٿي ٿي- نعيم فريده جي سامهون ڦري ٿو اچي- |
| نعيم — پر ڪيس اسانجي جذبن جو احساس هئڻ گهرجي. اسان ماضيءَ جي اونداهين ۾ موٽ ڪائڻ نٿا چاهيون___! | |
| فريده — اسانجي چاهڻ نه چاهڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ اسانجي قسمت جا مالڪ ته اسانجا والدين ئي آهن. | فريده مايوسيءَ وچان ڪنڌ جهڪائي ٿي - |
| نعيم — اسان پڙهيل لکيل آهيون فريده! | |
| فريده — اهائي ته اسانجي بدقسمتي آهي ادا! | |
| نعيم — دل نه لاهه فري! مان هر صورتحال سان مقابلو ڪندس. اسان پاڻ کي قربان ٿيڻ نه ڏينداسين. | |
| فريده — ادا___! | نعيم جي ويجهو ايندي- Cut. |
| نعيم — ها فري! منهنجي ننڍڙي پيڻه | |

| هدايتون | مڪالمه |
|---|---|

## سين پنجون

ڏينهن : حاڪم عليءَ جو گهر - ڊرائنگ روم - حاڪم علي نوڪر کي سڏ ڪندو اندر اچي ٿو - هن جي روبي مان خوشي پئي ظاهر ٿئي -

حاڪم - نبو! نبو! او نبو! ڪاڏي مري وئين---؟

نبو ٻاهران ڊوڙندو اچي ٿو -

نبو - آيو سائين! حڪم ڪيو سائين!

حاڪم - ڇا حڪم ڪيان؟ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئـي نٿي اچي. گهر جي چڱي طرح صفائي ڪري ڇڏيئي---؟

نبو - هـا سائين! سڄو گهر شيشي جيان پيو چمڪي.

حاڪم - اوطـاق ۾ به ڪرسيون وڇائي ڇڏيئي---؟

نبو - جي ها سائين.

حاڪم علي سوچيندو اڳتي وڌي ٿو - نبو سندس پٺيان پٺيان وڃي ٿو - حاڪم علي ويهي ٿو رهي ۽ پوءِ نبوءَ تي نظر پوس ٿي -

حاڪم - مائيءَ کي گلدستي لاءِ چيئي؟

نبو - چئي ڇڏيم ۽ پيو حڪم ڪيو سائين!

حاڪم - بس بس ٺيڪ آهي ۽ عورتون ويهنديون اندر گهر ۾ ۽ مرد ويهنداسين اوطـاق ۾ - مانـيءَ وقت سيئي گڏجي کٽي کائينداسين.

نبو - جيڪا توهانجي صلاح.

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | حاڪم– نمو، منهنجو وڏو ڀاءُ اڄ ويهن سالن کان پوءِ مون وٽ اچي رهيو آهي! ؟ سو به..... پر خير! تون ڇا سمجهندين اهي ڳالهيون! |
| شيرين اچي ٿي - | شيرين – ڪهڙيون ڳالهيون ٻيا سمجهايو مون ڇوڪري کي—! |
| نمو ٻاهر وڃي ٿو- | حاڪم– چڱو ٿيو جو اچي وئينءَ شيرين! ادا جن اِجهي اچڻ وارا ئي هوندا، تون ڀڏاءُ سندن هرطرح خيال رکيو اٿئي نه؟ منهنجو مطلب آهي.... |
| شيرين رکي لهجي ۾- | شيرين– ڏاڍو خوش ٿا ڏسجو—؟ |
| | حاڪم– اڄ مان بيحد خوش‌آسيان شيرين! |
| | شيرين– ايترو خوش ٿيڻ جو ڪو خاص سبب مونکي ته نظر نٿو اچي! |
| | حاڪم– ڇري آهين، ڪنهن کان وڇڙي هجين ته ميلاپ جي مزي کان به واقف هجين—؛ |
| | شيرين– چاچا مرحوم جي وفات واري ڏينهن ئي ادا وڏو ملڪيت تان رسي ويو هو. |
| | حاڪم– ان ۾ هن جو ڏوهه نه هو شيرين. سموري زندگي ڳوٺ زمين تي گذاري اٿائين. ظاهر آهي سندس خيال به اهڙائي هوندا— |
| | شيرين– لالچ جي به ڪا انتها ٿيندي آهي—! |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| حاڪم- شيرين؛ مان مڃان ٿو ته هن جي ڪاوڙ بــي واجبي هئي. پــر رت دانگيءَ تي به ورندو آهي. | حاڪم علي سختي سان- |
| شيرين- مونتي ڇو ٿا ناراض ٿيو؟ مون ته حقيقت ٿي چئي ـــ. | |
| حاڪم- ڪڏهن ڪڏهن حقيقت ڏکوئيندڙ ڏنپ ٿي پوندي آهي ـــ؛ هن جو ڪجهه ڪيو ، مون وساري ڇڏيــو . | |
| شيرين- ادا وڏي جو پرچاءُ بي مقصد ڪونهي. | |
| حاڪم- مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي ؟ | |
| شيرين- ڳالهه پڌري پٽ پئي آهي ـــ. پنهنجي وياءَ وارا آهيوءِ. ٻچان تي سندن هٿ اچڻ مٿي ماٽتي جي سلسلي ۾ نه هجي. | |
| حاڪم- هي تون ڇا چئي رهــي آهين شيرين ـــ؟ جنت ۽ شيرل به ته منهنجا پنهنجا آندا آهن. | |
| شيرين- اهو ته برابر آهي؛ پر.... | |
| حاڪم- پر ڇا ـــ؟ | |
| شيرين- اسانجا ٻار تعليم يافته آهن؛ هو اڻ پڙهيل ۽ ڳوٺاڻا آهن. | |
| حاڪم- اڻ پڙهيل آهن ته ڇا ٿي پيو؟ پنهنجا تـه آهن؛ پنهنجو ماري ڇانءَ ۾ وهاريندو آهي ۽ پرائو مـاري اُس ۾ وهاريندو آهي؛ ۽ | |

| مڪالمه | هدايتون |
| --- | --- |
| تنهن ڪانسواءِ هي اسانجي خاندان جو سوال آهي. | |
| شيرين ـ توهان ته پڙهيل لکيل آهيو. | |
| حاڪم ـ تعليم جو مقصد اِهو هرگز ناهي ته ماڻهو پنهنجون ريتيون رسمون ۽ رواج وساري ويهي؛ ماضيءَ کان منهن موڙي ڇڏي ۽ غيرت جو سودو ڪري ڇڏي ـــ! | |
| شيرين ـ ته منهنجا وهم صحيح نڪتا! | ٽڏو ساهه پريندي. |
| حاڪم ـ هي خون جا رشتا آهن، جي صدين کان قائم آهن ۽ صدين تائين قائم رهندا. | حاڪم علي ٻاهر هليو وڃي ٿو. شيرين جي اکين ۾ لڙڪ تري اچن ٿا. |
| | Cut |
| | **سين ڇهون** |
| | رات: |
| نعيم ـ مونکي اِهو منظور ناهي. | حاڪم عليءَ جو گهر- ڪمرو. نعيم دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو آهي. مُڙي ماءُ کي چوي ٿو. |
| شيرين ـ اِهو تنهنجي پيءُ جو فيصلو آهي پٽ. | |
| نعيم ـ ٻين جي قسمتن سان کيڏڻ وارا آئينده کان اڻڄاڻ هوندا آهن اسان. | |

شيرين – مون تہ ڪيس گهٽو ئي سمجهايو پٽ ـــ!

نعيم – هي آهي زمانا ناهن امان، جڏهن شادي ڳنڍي ڳنڍيءَ جو کيل سمجهيو ويندو هو. اڄ جي ڪچيءَ ۾ گهنڊڻي ٻڌڻ وارا ڏينهن گذري ويا. بابا اسانکي تعليم ڏياري ٻي ڏيو ۽ بهادر بنائي ڇڏيو آهي- هاڻي هو اسانجي مستقبل متعلق فيصلو ڪرڻ جو ڪوبہ حق نٿو رکي.

شيرين– پيءُ لاءِ اهڙا لفظ زبان تي نہ آڻيا آهن پٽ. هو جو ڪجهہ ڪندو، توهانجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪندو.

نعيم – ڀلائي! منهنجي لاءِ جنت جو سڳ گهري ٿو وٺي، جنهن سڄي عمر ريل گاڏي ڪانہ ڏٺي آهي! ۽ هوڏانهن فريده جو پلئہ شيرل جهڙي جاهل ڪاهل ۽ نا اهل سان ٻڌڻ ٿو چاهي ـ!

شيرين – اهي بہ تہ تنهنجا سوٽ آهن پٽ!

نعيم – انسان جي، ڪنهن گهر، خاندان يا قبيلي ۾ پيدائش محض اتفاق هوندي آهي امان، اهو ڪٿان جو انصاف آهي تہ صرف خاندان جو نالو اوچو رکڻ لاءِ اسانکي

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| قربانيءَ جي ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃي. | ڪهبرائجي نعيم جي وات تي هٿ رکندي. |
| شيرين— آهستي ڳالهاءِ پٽ ۽ ڇاڇهين ٻئي ڪمري ۾ ويٺو آهي. ٻڌي ورتائين ته غضب ٿي ويندو. | |
| نعيم — مونکي ڪا به پرواهه ناهي. مان ته مرد آهيان، توهانکي سامهون به چئي سگهان ٿو ۽ ويچاري فريده ته نياڻي آهي ۽ اسانجي معاشري ۾ نياڻيءَ کي زبان کولڻ جي ڪا به اجازت ناهي، هوءَ ته پيءُ ماءُ ۽ خاندان جي شان ۽ مان ڪارڻ قربان ٿيندي رهندي آهي. | |
| شيرين— رواجن کي ٽوڙڻ جي همت ڪنهن ۾ آهي پٽ —؟ فريده کي به پيءُ جي مرضيءَ آڏو جهڪڻو پوندو. | حاڪم عليءَ جو آواز O/L ٿئي ٿو ۽ پوءِ حاڪم اچي ٿو. |
| نعيم — اهو ناممڪن آهي. | |
| حاڪم— اِهو منهنجو آخري فيصلو آهي ڇوڪرا، ۽ منهنجا فيصلا پٿر تي ليڪو هوندا آهن. | |
| نعيم — بابا ——! | |
| حاڪم— مان ياءُ کي مايوس نه موٽائيندس. | |
| نعيم — پر بابا ——! | |
| حاڪم— وچ ۾ نه ڳالهاءِ ڇوڪرا. تون ننڍو آهين، ڏيڍوٽ جون شاديون | |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| اٿين ٿمنديون آهن. | |
| نعيم – جنت اڻ پڙهيل آهي. | |
| حاڪم– وري به پنهنجي آهي. سگهڙ، چيٽوان ۽ شريف آهي؛ ٻيو ڇا گهرجئي–؟ | |
| نعيم – پر بابا؛ هن جو ۽ منهنجو ذهن هڪ جهڙو ناهي. | |
| حاڪم– شاديءَ کانپوءِ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. | |
| شيرين– پر مان پنهنجي فريده جي شادي ته ان موالي شهرل سان ڪونه ڪرائيندس. | |
| حاڪم– مردن جي معاملن ۾ عورت کي دخل ڏيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. | حاڪم علي نڪري وڃي ٿو. شيرين مايوس ۽ روئڻهارڪي انداز ۾ - |
| شيرين– مون ته تو کي اڳ ئي چيو هو. | |
| نعيم – پر امان ويچاري فريده جو ڇا ٿيندو–؟ | |
| شيرين– بيوس بار آنن به ڇڏي ڏنا پٽ! نياڻيءَ جي قسمت! | |
| نعيم – هٿ سان زندگي تباهه ڪري قسمت کي، ڏوهه ڏيڻ به ڪو توهان کان سکي! ڇا به ٿي پوي؛ مان پنهنجي ڀيڻ جي زندگي تباهه ٿيڻ نه ڏيندس. فريده، تون–! | ٻاهر وڃڻ لاءِ مڙي ٿو ته نظر ٿي پويس، جا سندس پويان بيهي سڀڪجهه ٻڌي رهي هئي- |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| اڳتي وڌي فيصلي جي انداز ۾. | فريده – مون سمجهہ پڌو آهي ادا –! پيءُ جو ضد، ماءُ جي بيوسي ڀاءُ جي بغاوت. سڀ بيسود آهن. مان قربانيءَ لاءِ تيار آهيان. |
| | نعيم – پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي–! |
| | فريده – ائين ٿـي ٿيندو آيـو آهـي منهنجا ڀاءُ. |
| فريده کي ڀاڪر پائي سڏڪي. | شيرين – منهنجي منڙي ڌيءُ. |
| | فريده – لڙڪ اگهي ڇڏ امان؛ مان ڏاج ۾ توکان اهي چند ڳوڙها وٺڻ ٿي چاهيان. |
| | نعيم – فريده –! |
| فريده فيصلڪُن انداز ۾. | فريده – بابا کي چوائـي موڪليو تہ سندس اولاد خاندان جي ڀرم رکڻ ڪاڻ وهہ وٽـو پيئڻ لاءِ تيار آهي. |
| Cut | |
| **سين ستون** | شرنائي جو آواز. |
| Disolves | |
| شرنائي تي ڪلوز ڪليُتو ڪئميرا پٺتي هٽي ٿي تہ دهلاري وڄت ڪري رهيا آهن. | |
| Disolve | |
| عورتون سهرا ڳائي رهيون آهن. ڪنوار گهونگهٽ ڪڍيو ويٺي آهي. | |
| Disolve | |

| مڪالمہ | هدايتون |
|---|---|
| | حاڪم ۽ بهادر خان گلن جا هار پايو گڏ ويٺا آهن سامهون ٻئي گهوٽ موڙ پايو چاچين حي وچ ۾ ويٺا آهن- نعيم ڪنڌ جهڪايو غمگين ويٺو آهي- شيرل موڙ پري ڪري مڇ کي تاءُ ڏئي ٿو- سندس پير ۾ بشن ڪڪڙڪچ ۾ ڪيو ويٺو آهي- |
| | Disolve |
| | لانئن جي رسم- |
| | Disolve |
| | ڏاوڻ جي رسم- |
| | Disolve |
| | سين اٺون |
| | رات : |
| | حاڪم علي ء جي گهر جو ٻاهريون حصو- شرنائي جو آواز O/L ٿئي ٿو - راڄ مڙيل آهي- ٻئي گهوٽ موڙ ٻڌيو ويٺا آهن- |
| حاڪم- خدا جا لک لک شڪرانا جو اڄ هن گهر ۾ وري خوشي موٽي آئي آهي- | نعيم اداس آهي- |
| صادق - ها سائين، خير ۾ خدا بہ راضي آهي- ڪٿي بهادرخان؟ | شيرل بيپرواه ۽ خوش آهي- |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| بهادر – اڙي ابا، اسانجا ڪهڙا ليکا آهن پاڻ سان–؟ پڙهايو مانس به مون، پر اڄ جي تعليم آهي جو پاڻ کان پاڻ جدا ڪيو ڇڏي ان ڪري ته اولاد کي پڙهايم ئي ڪونه. | ڪلندي - |
| صادق – بروبر ادا بروبر. | |
| حاڪم– گذريءَ کي ياد نه ڪبو. | |
| بهادر – خدا ساڄهه ڏيندن. پلا جي منهنجو شيرل به درجا نه پڙهيو ته ڇا ٿي پيو؟ سيکجهه اٿس. پيو ڪائيندو. | |
| صادق – صدق صدق. | |
| حاڪم– منهنجو اولاد پڙهيل آهي، خدا ڪندو ته سندن حياتي سکي گذرندي. | |
| صادق – واه سائين واه! پاڻ هجن ته اهڙا–! | |
| | شرنائي جو آواز F/O<br>Fade out |
| | سين نائون |
| | رات:<br>حاڪم عليءَ جو گهر -<br>سجايل ڪمرو- جنت ڪنوار بني ويٺي آهي-<br>نعيم سنلس پر ۾ پلنگ |

## هدايتون

ٿي وڃي ٿو آهي- ڳلي ۾ هار
۽ منهن تي سـوڙ اٿس -
جنت جو گهونگهٽ مٿي
ڪري ٿو- جنت شرمائي
ڪنڌ جهڪائي ٿي-

## مڪالمو

نعيم — جنتءِ قسمت اسان ٻنهي کي
هڪٻئي جي حياتي جو ساٿي
بنائـي ، اسان کي هڪ عجيب
آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو آهي ،
اسانجي پرورش مختلف ماحولن
۾ ٿي آهي. مون سوچيو هـو
ته هن پراڻي ۽ بيسود رسم جي
خـلاف آواز آٿاريندس، بغاوت
ڪندس،پر فرمانبرداريءَ منهنجي
پيرن ۾ زنجير وجهي ڇـڏيا .
مان تهِ کي ٻه ڏوهي ٺهرائي نٿو
سگهان، مونکي توسان همدردي
آهـي .

جنت سڏڪي سڏڪي
روئي ٿي-

نه روءُ جنت! مان توکي سهارو
ڏيندس. محروميءَ جي احساس
کـي مٽائڻ لاءِ مـان تنهنجي
مدد ڪندس، ڇو جنت ، ڇو
تہ منهنجو ساٿ ڏيندينءَـــ؟
شايـد ائين ڪرڻ سـان اسان
زندگيءَ جو زهر خوشيءَ سان
پي سگهون.

جنت شرمائيءَ،ڪنڌلوڏي
”ها“ ڪري ٿي - نعيم
ٿڌو ساهہ ڀري.
Cut.

## هدايتون

## مڪالمو

### سين ڏهون

وقت رات: بهادر خان جو گهر- هڪ ڪمرو، ڳوٺاڻي نموني، شاديءَ لاءِ سينگاريل ڪمري ۾ فريده کٽ تي ڪنوار بڻي، ڪنڌ جهڪايو ويٺي آهي- شيرل جي اچڻ جو آواز اچي ٿو- فريده ڇرڪي وڃي ٿي ۽ خوفزده ٿي گهونگهٽ جي اوٽ مان اوڏانهن نهاري ٿي- شيرل زور سان در بند ڪري ٿو- هو نشي ۾ آهي ۽ ڪِرن قدمن سان فريده ڏانهن وڌي ٿو-

(ٺهڪ)

شيرل – ڏِچي وئينءَ ـــ؟
ڀڏو هوم ته تون مون سان شادي
ڪان انڪار ڪيو هو ـــ؟
ڇـ- ڇـ- ڇـ- ويچاري شهري
ڳَڏي! ۽ مان ـــ؟ مان هڪڙو
جاهل، جهنگلي جٽ ـــ! ائين
نـ ـــ؟
هاڻي ٻڌاءِ: دماغ جاءِ اچي ويو
منڊم جو ـــ؟
ناراض آهين ـــ؟

ويجهو اچي ٿو ۽ ٺوڪ جي انداز ۾ چوي ٿو- گهونگهٽ مٿي ڪڍي، فريده کي گهوريندي- فريده جي منهن ويجهو ايندي-

(ٺهڪ)

فريده منهن ڦيري ٿي ڇڏي

### هدايتون

شيرل ان طرف ڦري ٿو
وڃي -
فريــده جي ڪاڌيءَ ڪان
جهلي منهن مٿي ڪري.
فريده جي اکين ۾ ڳوڙها
تري ٿا اچن. هوءَ سڏڪڻ
ٿي لڳي.
شيرل ڪاوڙ ۾ ٽپي ٻاهر
ٿيندي. هو گلن جو هار
لاهي هٿ ۾ ڪري ٿو ۽
فريده ڪان پري هليو
وڃي ٿو.
آهستي آهستي سندس تاثر
بدلجڻ لڳي ٿو.
هو کلڻ لڳي ٿو.
ڪئميرا فريده جي منهن
تي اچي ٿي جا سڏڪي
رهي آهي.
شيرل ٺهڪ ڏيندو ڏانهس
وڌي ٿو.
هن جي هٿ ۾ هار آهي -
جنهن جي گلن کي هــو
زور زور سان مهٽي ٿو -
شيرل جي هٿن تي
Fale Out

### مڪالمو

او.... مون سمجهيو !
شرمائين ٿي ـــ!

مان تنهنجون سڀ چالاڪيون
سمجهان ٿو، منهنجي آڏو تنهنجو
ڪو مڪر نہ هلندو.سمجهئي !

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| سين ٻارهون | |
| ڏينهن : | |
| حاڪم عليءَ جو گهر. | |
| حاڪم علي ۽ شيرين صوفي | |
| تي ويٺا آهن. حاڪم علي | |
| اخبار پڙهي رهيو آهي. | |
| نعيم ٻاهر وڃڻ جي تياري | |
| ڪري رهيو آهي. | نعيم — جنت. |
| پري ڪان - | جنت — جي ! اڇها آيس. |
| جنت نعيم جي پرڀرو اچي | |
| ٿي بيهي. | نعيم — نهرن ڪري ڇڏيئه—؟ |
| | جنت — چاچي ۽ چاچيءَ اڃان ناشتو نه |
| | ڪيو آهي ، مان پلا انهن ڪان |
| | اڳ ڪيئن ٿي ماني کائي |
| | سگهان—؟ |
| شيرين جنت ڏانهن نهاري | حاڪم— ڏٺئي پٽ، اسانجي ننهن اسانجو |
| منهن گهنجائي ٿي. | ڪيڏو نه خيال ٿي رکي. |
| | نعيم — خيال رکڻ به گهرجي. بابا اوهان |
| حاڪم علي اخبار هڪ | جي خدمت هنجو فرض آهي. |
| پاسي رکي ٿو. | حاڪم— بيشڪ ! مون تڏهن چيو |
| | نه پنهنجا نمڪ پنهنجا آهن. |
| | شيرين— چڱو چڱو هاڻي گهڻي تعريف |
| | ڪري ڇوريءَ جو مٿو نه ڦيرايو. |
| جنت ڏانهن نهاريندي. | وڃ، وڃي جانهه ڪلي اچ. |
| جنت ٻاهر وڃي ٿي. | نعيم — امان نوڪي جنت سان اهڙيءَ |

## هدايتون | مڪالمه

ريت ڳالهائڻ نہ ڪبي، هوءَ ويچاري تہ........

شيرين – هوءَ ٿي ويچاري ۽ مان ٿيس هڇاري، ائين نہ ___؟

ڇورا ايترو جلد جوءِ جو مڇو ٿي وڃن ڇا ___؟

حاڪم – پر شيرين....!

شيرين – مان سڀ سمجهان ٿي ۽ مردن کي گهر ۾ ڏسي، مسيٺي ٿسي ٿي ويهي رهي، جــن ويچاري وڏي مظلوم آهي.

باهر نڪرو پوءِ ويهي رنگ ڏسوس ___!

نعيم – امان مونکي اها شادي بہ توهان ٿي ڪرائي هئي! هن گهر ۾ آئي آهي تہ پوءِ ڪيس پيار ڏيئي پنهنجو ڪبو.

شيرين – منهنجي ڌيءَ پٺي آنهن جنهن جي گهر ۾ پيلهپو ڪري ۽ هيءَ هتي مڙس جي دادلي ٿي مزا ماڻي! هونهه.

جنت – هيءَ وٺو چانهه امي.

(جنت ٽري ۾ چانهه کڻي اچي ٿي- چانهه ڏيندي ٽوري چانهه شيرين جي ڪپڙن تـي هارجي ٿي- جنت گهبرائجي وڃي ٿي- شيرين جنت کي ڌڪو ڏيندي-)

شيرين – مٺي جنـي، هيئن کڻي اچبي

| هدايتون | مڪالمه |
|---|---|
| | آهي چانهه ـــ! |
| | پلا هريل آهيو ڏڏ ۾ لسيءَ تي توهانکي آڻ ويهڻ جي کهڙي فضيلت. |
| يانان جو آواز O/L ٿئي ٿو- هوءَ مکيه دروازي کان تيز ڪاٿيندي اندر اچي ٿي- | حاڪم- شيرين--! |
| | يانان - ائي امڙ ڪاٿي ويئي آهين-؟ مُئي نظر هاٿي ته ڪم ڪونه ٿي ڪري. |
| | شيرين- ماسي يانان آهين؟ انهيءَ ڪمري ۾ ويهه ته مان اچان ٿي. |
| | يانان - هائو امان؛ هتي ئي ٿي ويهان، ابول؛ سنڌ ئي ساٿا ٿي پيا آهن. |
| شيرين آتي يانان وٽ اچي ٿي - | شيرين- ماسي پلي ڪري آئين. |
| | يانان - امڙ خير هونده. |
| | پڌم ته ڏيءَ فريده ساز، مڙسهنس ڪونه تو نهي ؛ ڪا مارڪٽ ۾ گهر ۾ ٿي، اٿس. گلا غيبت کان ته مان پري آهيان، پر تون ڏيءَ ويئي آهين، اها ڳالهه ٻڌي ته منهنجا تاڪ ئي لڳي ويا. |
| | شيرين- هٺ هٺ- منهنجي گلڙن جهڙي ڏيءَ سان ههڙا هاڃا. |
| يانان هٿ زمين تي هٽي نڪ تي گسائي ٿي- | يانان - امڙ؛ اهو ٻه پڌم ته جنت پٺهين تي تعويذ ڪرائي ڪيس صفا مريد ڪري ڇڏيو آهي! توبهه توبهه زاريون ـــ! |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| شيرين – منهنجي نازن جي پلبل ڏيءَ پٺي جهنگ ۾ سهمون سهي ۽ هيءَ چتي هٽ ڪايو پيو بالـم بني ويئي آهي. | |
| ياثان – بس امڙ چڱائي ڪي مار آهي. توهان نہ گهٽوئي ڪيو پر هو بہ اڳيان شرافت ڏيکارين نہ ــــ! | |
| شيرين – ماسي جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ لاچار مونکي فريده کي پنهنجي گهر گهرائڻو پوندو. | |
| ياثان – ائون نہ ـــ؟ اهـو ماريو شيرل بہ ڪو ماڻهون آهي. تون ڏيءَ ويئي آهين، منهنجي دل پهريون ئي نٿي ٻوليو ــــ! پر چوندا آهن تہ.... | |
| شيرين – مان اڄ ئي فريده ڏانهن ماڻهون موڪلي کيس گهرائي ٿي وٺان. | شيرين ڪاوڙمان آٿي ٿي. |
| Cut. | سين ٻارهون |
| | ڏينهن : |
| | ٻهادرخان جي اوطاق. شيرل کٽ تـي اڌ آهليو پيو آهي. هٿ ۾ ڪکڙ اٿس جنهن کي پيو ٺڪي. ٻشو شيرل کي زور ويٺو ڏئـي. |
| شيرل – واهہ ڙي پيلا واهہ تنهنجا جوهر! | (ٺهڪ) |

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| هڪ ڪڙهه سان خانوءَ جي ڪڪڙ جي اک نئي ٻاهر—! بابا اصل پشوري ڪڪڙ اهي اٿئي؛ اصلي ڳاوا ڳهه —! | |
| بشو — پوتار، ذوقين مون به ڏٺا پر ٻيلي تو جهڙو خفتي ڪوئيتا تائين ڪونه ملندو. | |
| شيرل — اڙي انڌا زور ڏي چڱي طرح. چمپي ڪر موڳا. اسان کي سمجهيو ڇا اٿئي؟ شيرل خان شيرل خان مان آهيان. | شيرل بشوءَ کي مٿي تي هٿ هڻندي. |
| بشو — بيشڪ پوتار بيشڪ؛ نر ۾ تو جهڙو دل وارو مڙس نه ملندو. | |
| شيرل — متان نه مڃين! ميلي تي ڏسجانءِ ڏڳن جي گوءِ، خميسي کي ڪوهن تي نه ماريان ته منهنجو نالو ناهي. | |
| بشو — گوءِ ڪٿي ته پوتار توکان ڪو سکي—! | |
| شيرل — اڙي اجان ته پٽ چمڻ ڏينم، مولا چاڻي اهو مجرو ڪرائيندس جو ماڻهو ڏندين آڱريون ڏيندا. ٻيو—؟ فلم ايڪٽرائيون گهرائيندومان. | |
| بشو — هائو پوتار—! | |

| هدايتون | مڪالمه |
| --- | --- |
| شيرل ڪڪڙ بشن کي ڏئي ٿو ۽ پاڻ ٻاهر وڃي ٿو.<br>Cut | شيرل – چڱو ڇڏ جند، مان حويليءَ ۾<br>ٿو هلان، تون وڃي پيلي کي<br>گهمائي اچ. |
| **سين تيرهون**<br>ڏينهن :<br>بهادر خان جو گهر.<br>فريده جو ڪمرو.<br>فريده پرت پريندي ڪنهن سوچ ۾ گم آهي -<br>شيرل اندر اچي ٿو. | |
| فريده شيرل کي ڏسي پرت رکي اٿي ٿي - | شيرل – سوٽ، ويٺي آهين اوندي منجي<br>ڪيو—! اڙي ڪو ڪِل، ڪو<br>ڳالهاءِ؛ مولا جو سنهن، ڳٽيين<br>۾ ٿي ڳري ويندينءَ. |
| فريده وڃڻ لاءِ مڙي ٿي- | فريده – مان توهان لاءِ ماني کڻي اچان. |
| | شيرل – ڇڏ اِهي اجايون ڳالهيون سوٽ!<br>اچ ته، توکي ٺاهوڪي ڳالهه<br>ٻڌايان. اچ مون واري پيلي پٽ<br>ته اصل ڪمال ڪري ڇڏيو. |
| | فريده – پيلو پٽ—؟ |
| | شيرل – اڙي آهو منهنجو ڪڪڙ! ٻيو<br>ڪير—؟ |
| فريده بيرخيءَ سان وڃڻ لڳي ٿي -<br>(غصي ۾) | شايد اسانجي مندم کي اِها ڳالهه ڪانه<br>وڻي ! باقي ڇا ٿو وڻئي—؟<br>پائوڊر، سرخي، فيشن. |

| هدايتون | مڪالمہ |
| --- | --- |
| | فريده - مونکي انهن ڳالهين ۾ مان ڪا دلچسپي ناهي. |
| | شيرل - ڪڙڪو نہ ڪر. |
| | فريده - مان ان قسم جي گفتگو تي هريل ناهيان. |
| زوريءَ پاڻ ڏانهن ڪندي- | شيرل - مڙس مان آهيان؛ تون ناهين جو مون تي حڪم هلائين. |
| | فريده - زال مڙس تہ زندگيءَ جي ڏکن سکن جا ساٿي ٿيندا آهن پر خوشي تہ مون هن گهر ۾ اچڻ کانپوءِ ڏٺي ئي ڪانهي؛ شايد منهنجي نصيب ۾ تہ جيتري خوشي بہ لکيل ناهي- |
| ياڳل پاهران الر ڪندي شيرل ڏانهن اچي ٿي- ۽ ڪڙڪو ڪندي چويس ٿي - | ياڳل - اڙي او جوءِ جا مڄو؛ ڇا تہ ٿي ڳالهائي پئي اسان کي تنهنجي زال! وينو ٿو ٻڌين---؟ هٿينس نٿو منهن وارو ڏک---! |
| | فريده - چاچي مون کا بہ غلط ڳالهہ ڪانہ چئي آهي. |
| | ياڳل - ها ها؛ غلط تہ اسان ٿا ڳالهايون. اسان چور، اسان جاهل ؛ اڙي ٻڌين ٿو چورا. |
| | فريده - اوهان خواه مخواه ڳالهہ کي وڌايو ٿا. |
| | ياڳل - اڙي هائي ڦريس؛ هيءَ تہ مونکي منهن تي ٿي ٻڌائي! مون تہ پهريون ئي پٽهين کي چيو هو |

| هدايتون | مڪالمه |
|---|---|
| | تہ نہ وڃانءِ ھي شهري ڇوري؛ پر چوي تہ ياڻ سان تو خير ڪيان! هاڻي ڏي منهن. |
| بهادر اچي ٿو. | بهادر — اڙي پاڳل، ڇو اچي آسمان مٿي تي کنيو اٿئي——؟ |
| پاڳل مڙس کي ڏسي روئڻ شروع ٿي ڪري. | پاڳل — ٿيندو وري ڇا——؟ ننهڻين ست سريون ٻڌائي وڃي پار پئي آهي؛ نہ ڇڏي اٿائين مٽي ۽ نہ جهڙي! مان رکو تنهنجي سر کي ڏسي ڇپ ڪيو ويٺي آهيان! نہ تہ آندا ڪيانس آندا! |
| | بهادر — ڇوڪري تنهنجو دماغ وڃي ٿو ڦرندو. اڄ سس سان مهاڏو اٽڪايو اٿئي، سياڻي مون سان ساموهون ٿيندينءَ——! |
| | فريده — اهو ڪوڙ آهي چاچا——! اِهو سڀ ڪوڙ آهي. منهنجو هن ماحول ۾ دم ٿو گهٽجي، مان هت ٽڙپي ٽڙپي مري ويندس. |
| | شيرل — دم ٿو گهٽجي جو هت آهن پابنديون. شهر وانگر نينگ ٽپا ڪونهن، ڪوٺن تان اشاري بازيون ڪونهن. |
| | پاڳل — صدقي وڃانءِ پٽ، انهن کي دٻائينس. باقي مونکي اهي تي ٽلرا ڏيکاري جو بس پلي! |

| هدايتون | ڳالهه |
| --- | --- |
| | بهادر – تارا وڃي پــيءُ کي ڏيکاري؛ هــن گهر ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري هلئو پوندس. |
| | فريده – چاچا....! |
| اوچتو سندس نظر نعيم تي ٿي پويس جو آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيو آهي. | بهادر – گهٽي زبان نه هلاءِ. |
| بهادرخان لوڪ مان. | هاڻو بيلي! مان به چوان تــ وڃ گهڙي ڪِلي تي تي ڪنڌي! |
| فريده پــاءُ کي ڏسي رڙ ڪري ڏانهنس ڊوڙي ٿي. نعيم کيس ڪرالڙي پاڻي ڏو. فريده ڪمري ڏي مڙي ٿــي. | فريده – ادا___! |
| | نعيم – مان فريده کي وٺڻ آيو آهيان چاچا. |
| | بهادر – ترس ڇوڪري، تون نه ويندينءَ! |
| | نعيم – چاچا، فريده منهنجي ڀيڻ آهي. |
| | بهادر – فريده منهنجي ننهن آهي. |
| | شيرل – هوءَ منهنجي زال آهي، مان اهو به برداشت نه ڪندس ته هوءَ توهانجي اشاري تي گهر ڇڏي هلي وڃــي! جيڪڏهن اهڙي ڪا به ڪوشش ڪيائين ته مان |
| نعيم شيرل جي سامهون ٿي غصي ۾ چوي ٿو. | سندس سر لاهي ڇڏيندس. |
| | نعيم – پــاءُ جي آڏو ڀيڻ جي توهين مون لاءِ وڏي آهي شيرل. |
| پيءُ تان ڪهاڙي لاهي ٿو. | شيرل – مان توکي به ڏسي وٺندس. |
| نعيم شيرل ڏي وڌي ٿو. | نعيم – شيرل....! |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| فريده ٻنهي جي وچ ۾ اچي<br>تي ۽ ايلاز ڪندي چوي<br>ٿـي - | فريده ـ ادا، تون هتان هليو وڃ.<br>نعيم ـ پر فريده ....!<br>فريده ـ مان توکي ٻانهون ٿي ٻڌان ادا!<br>توکي منهنجو قسم، هليو وڃ،<br>هليو وڃ هتان ادا. |
| نعيم ڪجهه چـوڻ چاهي<br>ٿـو- پر فريده جي ايلازن<br>تي نعيم ڪنڌ جهڪائي<br>هليو ٿو وڃي- فريده هٿن<br>۾ منهن ڏيئي روئي ٿي-<br>ٺهڪ ڏيئي - | شيرل ـ ها ها هـا ! وڃو هليو! ڳيدي<br>ٻچڙو ـــ !<br>Cut |
| **سين چوڏهون**<br>ڏينهن :<br>حاڪم علي ء جو گهر-<br>نعيم جو ڪمرو-<br>نعيم اُداس ويٺو آهي-<br>جنت تي ڪلوز ڪلي ٿو-<br>هوءَ نعيم جـي وارن ۾<br>آڱريون ڦيرائي رهي آهي- | جنت ـ مـونکي افسوس آهـي نعيم،<br>مان تنهنجي آڏو شرمسار آهيان.<br>نعيم ـ نه جنت، ان ۾ تنهنجو ڪو<br>ڏوهه ناهي. |

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| | جنت ــ مونکي پاڻ ويچاري فريده جو ڏک ٿيندو آهي، پر مان ڪري ڇا ٿي سگهان ـــ! مونکي ته اهو ئي خوف ورائي ويو آهي ته ڪٿي منهنجي مائٽن جي بدسلوڪي توهان کي مون کان ڌار نه ڪري ڇڏي. |
| | نعيم ــ نه جنت نه، ائين نه چئه. |
| | جنت ــ خدا ڪري شل اسان هميشه ائين ڪير ڪنڊ رهون. |
| | Cut. |
| **سين پندرهون** | |
| ڏينهن : | |
| حاڪم علي جو گهر - | |
| ڊرائينگ روم- | |
| شيرين صوفي تي ويٺي آهي- پر ۾ پانان ويٺي اٿس- | پانان ــ اٺي امڙ، تون ڏيءُ ويٺي آهين کهڙي لڪايانءِ، هڪ طرف ته تنهنجي ڏيءُ سان هيڙيون تعديون، ٻئي طرف پٽهين سچو سارو جوءِ جو غلام آهي. |
| | شيرين ــ بس ڙي ماسي، اڄ جو زمانوئي اهڙو آهي. |
| | پانان ــ اهي ته امڙ تنهنجا جگر آهن، اٺي ٻڙي ڳالهه ته ٻڌ، ٻڌو اٿم ته ڏيءُ فريده به پورن ڏينهن |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | سان آهي—! |
| | شيرين— ها ماسي، ان ويچاريءَ جو ته ڏک ڪائيندو ٿو وڃيم. |
| | پانان — ته پوءِ گهرائينس ڇو نٿي—؟ نهائيون پهريون ويم ته پيڪين ڪنديون آهن. |
| | شيرين— منهنجي ڪو پڌي به ته سهي. |
| | پانان — تنهنجين ڪيئن ٿي هليئي—؟ |
| | شيرين— قادر ڪڍيس، مٿي نه ڪم جي نه ڪار جي، اڃي نعيم جو پيءُ ته اڄ ٿي ٿي تکو ڪيانس ته وڃي ڏيءَ ڪي وٺي اچي. |
| | —Cut— |
| سين سورهون | |
| ڏينهن : | |
| بهادر جو گهر - | |
| ڪمرو- | |
| سين فريده جي ڪلوز تي کٽلي تو جا تڙپي رهي آهي - | |
| پاڳل ڪيس ڏسي سوڙو ڏيئي منهن ڦيري هليو ٿي وڃي- | |
| Cut | |

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| | ڪڪڙ جو ڪلوز جو زخمي آهي- |
| | زوم بيڪ ڪيون ٿا تہ ٻہ ڪڪڙ وڙهي رهيا آهن- ۽ شيرل ۽ ساٿي سندس حمايت ۾ آواز ڏيئي رهيا آهن- |
| | Cut. |
| | فريده جي ٽڙپندڙ منهن تي اچون ٿا- پوءِ ديوار تي لڳل ٻار جي تصوير تي ٿا وچون- ٻار جي روئڻ جو آواز O/L ٿئي ٿو- |
| | Cut. |
| | ڪڪڙن جو ميل- |
| | ٻشن ڊوڙندو اچي ٿو ۽ ڪن ۾ ڪجهہ ٻڌائي ٿو- شيرل خوشيءَ وچان نوٽ هوا ۾ اڇلي ٿو- |
| | Cut. |
| | فريده پنهنجي ٻار سان-. فريده جي اکين ۾ مامتا آهي- هوءَ ٻار کي پيار ڪري رهي آهي- |
| | Cut. |

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| | شيرل اوطاق ۾ شراب پي رهيو آهي- ساڻس پڻ شامل اٿس- نچڻي نــاچ ڪري رهي آهـي ۽ شيرل مٿس نوٽ گهوري رهيو آهي- فريده پار سان دل وندرائي رهي آهي- |
| | Cut. |
| | **سين سترهون** |
| | ڏينهن : بهادر جو گهر- |
| | حاڪم علي موڙي تــي ويٺو آهي، ڀرسان بهادرخان ويٺو اٿس- ڪٽ تي ياڳل ويٺي آهـي ۽ ٿورو پرڀرو شيرل پنهنجي ڪڪڙ جي ٽهل ٽڪور ڪري رهيو آهي - |
| حاڪم- ادا خيال هوسين ته فريده کي پهريون، پار ٿيندو ته گهر وٺي ويندا-سين؛ پر توهانجي ضد اهو به ڪرڻ نه ڏنو؛ هاڻي ته خيرن -ان نندڙو به اچي ويو آهي. | |
| بهادرخان- حاڪم‌خان چار ڏينهن -ونڪان نندو آهين، -ون توکان وڏيڪ ڏٺو آهي؛ جنت ٿي توهان ! آهن ---! | |

## مڪالمه | هدايتون

حاڪم- هي توهان چاچا ٺيڪ چئو ادا: جنت ته مونکي جان کان به وڌيڪ عزيز آهي—!

پاڳل - هائو هائو چونه: پاڻي پيئڻ جي مجال ناهي ڇوڪري کي.

حاڪم- پاڇاڻي نعيم جو ته منجهس ساهه آهي .

پاڳل - ائين ڇو نٿا چئو ته مورڳو ساهه ڪيڻ جي پويان اٿس !

حاڪم- پاڇاڻي ٻن پاڻڙن جي وچ ۾ تو ڪي ڳالهائڻ جو ڪو به حق ناهي .

بهادر - پاڳل سچ ٿي چوئي ته مچ ٿو وڃي—!

حاڪم- مان هت بيعزتي ڪرائڻ نه آيو آهيان.

*شيرل ٺهڪ ڏيندو حاڪم جي ويجهو اچي ٿو.*

شيرل - توهانجي عزت به ڪا ڪچي رنگ جي آهي چاچا: ڳالهه ڳالهه تي لهي ٿي دوي.

حاڪم- شيرل ٺهن بدتميز ٺمندو ٿو رڃين .

شيرل - چاچا چڱائي ڪهڙي ۾ اٿئي ته هتان هليو وڃ.

پاڳل - هاها: ڪهڙيون چڱايون ڪيون اٿو منهنجي ڌيءَ مان جو هاڻي نڪو ٻڌي فريده کي ونئي آيا آهيو—!

| هدايتون | مڪالمه |
|---|---|
| | حاڪم- جيڪڏهن اهاڳالهه آهي ته پوءِ اڄ مان فريده کي ضرور پاڻ سان گڏ وٺي ويندس. |
| حاڪم آٿي شيرل جي سامهون ٿئي ٿو- | شيرل - فريده جو لاش هتان ٻاهرنڪرندو. |
| فريده اچي ٿي- | حاڪم- هوش ڪر شيرل ---! |
| | فريده - بابا ، منهنجي ڪري پنهنجي بيعزتي نه ڪرايو؛ مان توهان لاءِ مري چڪي آهيان. |
| | حاڪم- مان توکي هتان وٺي هلندس ڌيءُ؛ ننڍڙو ڪٿي آهي---؟ |
| | شيرل - جيڪڏهن تنهنجي اِهائي مرضي آهي ته پوءِ ڌيءُ کي وٺي وڃ؛ ڪراڙا؛ ۽ منهنجي پيٽ ڪي موڪلي ڏي، باقي ٻار توهانکي هرگز نه ملندو. |
| شيرل ٻار فريده کان کسي ٿو وٺي - | فريده - نه نه، منهنجو ٻچو، منهنجو ننڍڙو! |
| تڙپي اٿي ٿي- هوءَ شيرل ڏانهن وڌي ٿي- پر شيرل کيس ڌڪو ٿو ڏئي- | شيرل - ننڍڙو توکي نه ملندو. |
| | فريده - ائين نه ڪر، خدا را ائين نه ڪر---! |
| | شيرل - هلي وڃ، نه ته توسان گڏ تنهنجي پٽ کي به ماري وجهندس! |
| ڏڪندي- شيرل فريده کي هٿ کان وٺي ڌڪو ڏئي ٿو- حاڪم علي روئندي کيس سهارو ڏئي ٿو- | فريده - منهنجي لال کي ڪجهه نه چئو مان توکي پيرين ٿي پوان، هٿ ٿي ٻڌان، هن کي ڪجهه نه چئو. |
| | شيرل - هلي وڃ. |

Cut.

## هدايتون

## مڪالمو

## سين ارڙهون

ڏينهن :
حاڪم علي جو گهر-
ڊرائينگ روم-
نعيم آداس آهي-
شيرين سندس ڪلهي تي
هٿ رکي کيس دلداري
ڏئي ٿي -
نعيم اڪيون ڪٺي فريده
ڏانهن ڏسي ٿو؛ جا صوفي
تي بيحس ويٺي آهي ۽
پوء ٻاهر هليو وڃي ٿو-
شيرين فريده جي قريب
اچي ٿي- همدردي مان-
سڏڪندي -

شيرين- دل نه لاهه پٽ! خدا ڪندو ته
سڀ ڏولاوا لهي ويندا. جنت
ڪانسواء تون اباڻڪو ضرور
ٿيو هوندين؛ پريين خاطر توکي
اهو سڀ سهڻو آهي.

شيرين- فريده....!
فريده - امان ---!
شيرين- نه رو ڌيءَ.
فريده - منهنجو ٻچو الائي ڪيئن هوندو
امان؛ موڙ، ته کيس دل کولي
پيار به نه ڪيو امان.
شيرين- خانداني جهيڙن ۾ ائين ٿيندو
آهي ڌيءَ--!
فريده - ٻاهه لڳي اهڙي خاندان کي جو
ماءُ کان ٻچو ڌار ڪري -
مونکي منهنجو ٻار گهرجي امان.

سڏڪا -

حاڪم علي آداس اندر
اچي ٿو-

شيرين- توهان اچي ويا--؟ ڇا ڳالهه
آهي--؟

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | حاڪم- ڪجهه ناهي. |
| | شيرين- سچ سچ ٻڌايو ڇاڳالهه آهي--؟ |
| حاڪم غمگين انداز ۾- | حاڪم- ڳوٺان بشو آيو آهي، چوي ٿو ته فريده جو ڪڪو سخت بيمار آهي. |
| فريده دانهن ڪري اٿي ٿي- | فريده - منهنجو ٻچو بيمار آهي---؟ ننڍڙو بيمار آهي---؟ |
| | حاڪم- صبر ڪر ڌيءُ! |
| | فريده - ڪاتيءُ هيتنان ڪنڌ ڌيئي ڦٽڪڻ کان منع ٿا ڪريو بابا؟ منهنجو هينيون اڌ ٿي پيو آهي؛ روح رتوڇاڻ ٿي چڪو آهي. |
| سڏڪا- | شيرين- پيو ڇا چيو دشوءَ---؟ |
| | حاڪم- چيائين ته ننڍڙي جي بچڻ جي ڪابه اميد ناهي! شيرل ۽ بهادر خان ڪس شهر اسپتال ۾ وٺي ويا آهن. |
| | فريده - مان ڪهڙي ماءُ آهيان؟ منهنجو ٻچو مري رهيو آهي ۽ مان هت ويٺي آهيان---! |
| | حاڪم- خدا چڱي ڪندو پٽ! |
| | فريده - نه بابا، مونکي وڃڻ گهرجي؛ مونکي منهنجو پٽ سڏي رهيو آهي؛ هو آسائتين اکين سان مونکي گهوري رهيو آهي! |
| فريده ڇرينجيان دروازي ڏي ڊوڙي ٿي- | مان وڃان ٿي. |

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| | حاڪم- فريده هنن سان اسان جو جهيڙو آهي---! |
| | فريده - منهنجو ڪنهن سان جهيڙو ناهي، مونکي منهنجو پٽ گهرجي، مونکي ننڍڙو گهرجي بابا. |
| | شيرين- پر ماڻهو ڇا چوندا---؟ |
| | فريده - پيڃي ڇڏيو ڪوڙي عزت جا ڪوڙا ڪوٽ. ڀوڙي ڇڏيو ڏيکاءَ جا ڪچا قلعا---! ماءُ جو پيار سڀ کان وڏي حقيقت آهي--- مان وڃان ٿي. |
| | —Cut— |
| وڃي ٿي- | |
| **سين اوڻيهون** | |
| ڏينهن : | |
| اسپتال جو ڪمرو- | |
| ٻار بستري تي مئو پيو آهي. چادر سان لاش ڍڪيل آهي- شيرل بيڊ تي ڪنڌ رکي، منهن هٿن ۾ ڪري روئي رهيو آهي- بهادر پرسان بيٺو آهي- فريده ديوانن جيان رڙيون ڪندي اندر اچي ٿي - | فريده - ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهي منهنجي اکين جو تارو---؟ |

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| | ڪٿي آهي منهنجو جيءَ جيارو—؟ مان پڇان ٿي منهنجو ٻار ڪٿي آهي—؟ |
| شيرل ڪنڌ مٿي لڙي ٻار تي جهڪي. | شيرل — فريده ڪڪو .... |
| | فريده — ها ها، منهنجو ڪڪو، پر هي ڳالهائي ڇو نٿو؟ هٿ پير ڇو نٿو چوري—؟ پٽ مان تنهنجي ماءُ آهيان ! اکيون کول ننڍڙا—! |
| روئندي. | شيرل — هي اسان کان رسي ويو آهي فريده—! هميشه لاءِ رسي ويو آهي. |
| فريده کي صدمو رسي ٿو ۽ هوءَ رڙ ڪري چوي ٿي- | فريده — نه نه، اهو ڪوڙ آهي—! ڏس هو اکيون کوليو اٿائين - مونکي پاڻ ڏانهن پيو سڏي—! ڀلا ماءُ کان به ڪو ٻار رسندو آهي—؟ |
| ٽهڪ - | توهان رئو ٿا—؟ |
| ٻهادر اکيون اگهندي - | ٻهادر — فريده ڏيءَ....! |
| بيڪ گرائونڊ ۾ شرناين جا آواز ۽ سهرا اڀرن ٿا - حاڪم علي اچي ٿو. ڏيءَ کي مٿي تي هٿ رکي ٿو. | فريده — منهنجو پٽ ته ڇاڻ جوان ٿيو، مان سندس شادي ڪرائيندس ڌام ڌوم سان. ڳانا ٻجانا ٿيندا، سهرا ڳونجندا، شرنايون وڄنديون، جهڙيون منهنجي شاديءَ تي وڳيون هيون. اهي آواز ٻڌو ٿا نه—؟ |
| ٽهڪ | حاڪم— فريده هوش ڪر پٽ—! |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | فريده ــ توهان به اچي ويا بابا، اڄ توهان به ته خوش آهيو نه بابا ! توهانجو خاندان پرچي ويو آهي. ڏس، اسان سڀ هڪ هنڌ گڏ آهيو نه بابا ــــ! اسان سڀ گڏ آهيون ـــــ! اسان سڀ گڏ آهيون بابا ـــــ!! |
| نهڪ فريده چرين جيان کڏهن روئي ٿي ته کڏهن کِلي ٿي ۽ پوءِ در کي جهلي سڏڪي ٿي. —Freeze— | |

--The End—

# شڪست

مڪالمه | هدايتون
--- | ---
 | ڏينهن

رئيس ڪريم بخش جي اوطاق جو ٻاهريون منظر. ٻنهي تي هڪ ٽوبچي بندوق سنڀاليو، ڪٽ تي ويٺو آهي. ننڍڙي آئيني ۾ ڏسيو پيو مڇون ولي ۽ ڏند ڪوڙي.

پرسان ئي هڪ ٻه گهوڙا ٻڌا بيٺا آهن. ڪجهه ڪڪڙيون اڳن ۾ پيون چگن. ڪتر جي مشين تي رئيس جا ٻه نوڪر گلو ۽ ڪدو ڪتر ويٺا ڪن. اوطاق ٻاهران پڪي فرش تي ڪجهه ڪرسيون ۽ موڙا هڪ ٽيبل جي چوڌاري رکيا آهن. ٽيبل تي هڪ ٻه شراب جون بوتلون، ڪجهه خالي گلاس ۽ پليٽون ۽ راتوڪا بچيل هڏا وغيره پيا آهن. رئيس جو خاص ٻيلي جمعو ٽيبل تان اهي سڀ شيون صاف ڪري رهيو آهي. اوطاق جي در ٻاهران، وراندي ۾ موڙي تي تاجو ويٺو آهي.

طوفاني رات

رئيس جي حويلي، سگهڙ جو ڪمرو.

واچوڙن ۾ لاٽ

سکهڙ کٽ تي سُتي پئي آهي.
هوا جو آواز، بتيءَ جو لُڏڻ، سکهڙ ننڊ ۾ پاسا بدلائي ٿي، جڻ ڪو ڀوائتو خواب ڏسي رهي آهي. هوا جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندي ٿي وڃي ۽ ان رفتار سان سکهڙ جي بيقراري پڻ.
هاڏي طوفان جي آواز سان گڏ رئيس جا خوفناڪ ٽهڪ پڻ شامل ٿي وڃن ٿا. سکهڙ جي منهن تي خوف ۽ ڏک جا آثار اڀرن ٿا. هوءَ اهڙي طرح ٿڙڪي ٿي جڻ ڪنهن آفت کان پاڻ ڇڏائيندي هجي.
ٽهڪ وڌندا وڃن ٿا، ۽ پوءِ بندوق جو فائر پڙاڏي ۾ گونجي ٿو.
سکهڙ چيخ ڪري اٿي ٿي. اکيون ڦاڙي حراس وچان چئني پاسي نهاري ٿي ۽ پوءِ نڍال ٿي، منهن هٿن ۾ ڏئي روئي ٿي.

TITLES
Desolve

سين : ٢

ساڳي ئي منظر تي فيڊ ان ڏينهن جو ڏيک، سکهڙ کٽ تي ليٽي پئي آهي هوءَ روئي رهي آهي. سندس پير ۾ سندس ماءُ ويٺي آهي.

ماءُ – رات ڪو پوائنتو خواب ڏٺو هيئي سگهڙ ـــ؟

سگهڙ لڙڪ پيئندي ڪنڌ مان ها ڪري ٿي-

ماءُ – خواب ڪڏهن به ساپيان نه ٿيندا آهن ڇري! خوابن تي ويساهه ڪرڻ ڇڏي ڏي. مان تنهنجي ماءُ آهيان سگهڙ. مان تنهنجو درد سمجهان ٿي، تنهنجا لڙڪ سڃاڻان ٿي. تنهنجون محروميون ۽ پنهنجون مجبوريون ڄاڻان ٿي ڌيءُ ـــ ٠اسان جـي ڪولـن ۾ عورت جـي ڪوڪ اڄ تائين ڪنهن نه ٻڌي آهي. تـون به عورت آهين ۽ منهنجي بد نصيب ٻچڙي، تـون به عورت آهين. تنهنجي خطا صرف اها آهي جو تو وڏيرڪي گهر ۾ جنم ورتو. .... تنهنجي چـوڌاري ڪوڙي غرور جا ٿهري ڪوٽ آيا آهن. خانداني عزت ۽ غيرت جي تيز ترار لٽڪيل آهي. دولت جي بيرحم ديوار آڇي آهي- تـون رئيس جي ڌيءُ آهين.

سگهڙ ماءُ کي ڇهتي پوي ٿي-

سگهڙ – امان ـــ!

ماءُ – نه رو منهنجي ڌي، روئڻ سان تقديـرون نه بدلبيون آهـــن. زندگيءَ کي زهر سمجهي پي وڃ،

## مڪالمو

منهنجي مڙئي اسان‌جي حويلين جو اهوئي دستور آهي. اسان ڪيڏا نه مجبور آهيون، اسان ڪيڏا نه لاچار آهيون.

جانل — ش - ش، ايمٽا هيڏي ته اچ.

## هدايتون

ماڻ جي اکين ۾ لڙڪ اچي ٿا وڃن. هوءَ رُئي سان اکيون اگهندي ٻاهر ٿي وڃي. سگهڙ چت ڪري گهوريندي ٿي رهي.

ماڻ سگهڙ جي ڪمري مان نڪري ڊرائنگ روم مان لنگهي ٻاهر هلي ٿي وڃي. ڊرائنگ روم ۾ گهر جون ٻه نوڪرائيون ايمٽا ۽ جانل چنڊ‌ڦوڪ ۽ پوچيءَ ۾ مشغول آهن. ماڻ کي ويندو ڏسي جانل پوچو زمين‌تي ڦٽو ڪري ايمٽا کي سڏ ٿي ڪري. ايمٽا چنڊ جو ڪم ڇڏي هوشياريءَ سان آهستي آهستي اچي در وٽ بيهي ٿي ۽ سندس ڪَنُ ٻالهيون ٻڌي ٿي، در جي اندران سگهڙ ڪن ڏئي سندن ڪالهيون ٻڌي ٿي.

**هدايتون** | **مڪالمه**

ايمنا – چاهي—؟

جانل – خبر ائني ، رات سائنءَ ننڍيءَ کي وري دورو پيو هو.

ايمنا – جاڳي ٿي چوين—؟

جانل – آئون پيو—؟ ريهون ته ٻاڙي وارن به ٻڌيون هيون.

ـکهڙ جي منهن تي ڏک ۽ پيڙا جا تاثرات اُڀرن ٿا.

ايمنا – اٿي ادي سون ته اڪي ئي ٿي چيو ته سائنءَ ننڍيءَ کي فقير آهي، پر ڪنهن ٻڌي ئي ڪانه.

جانل – فقير ٻڪير وري ڦلهيار ، ويئل نيائين جو اِجهو اِهو حال ٿيندو آهي. رئيس جي پٽي ڪونه اچي مٿي تائين ويئي رهي. ويچاري مرهيات ڪي اچي جو دورو پوندو هو ته راڄ رڙيون ٻڌندا هئا.

ايمنا – اٺي نياڳي آهستي ڳالهاءِ، رئيس ٻڌي ورتئي ته ٻُهه پرائي ڇڏيندو.

جانل – هونهه! رئيس کي شراب ڪباب کان ته مهلت ملي. ڪاري ماءُ ٻئي ڳالهه ڪئي ته هاڻي وري نوران جي پنيان پيو آهي.

ايمنا – شاهائو پار آهي ، انڪل ته ڪندو نه.

جانڻ – پيڻ، مٿان ٿي موڪلي آهيس ته ٻه
مٺو ڏيپ کان شادي نٿو ڪرائيس
نه ڪٿي حصو نه ڇڪير ۾ پاڻ
وٺي ٿو راڄ جي نيائين ۾ اکيون
وجهندو.

ايمٺا – اٿي جانڻ سچ پڇين ته مونکي
سکهڙ جــو ڏاڍو ارمان اٿئي •
سدا ملوڪ ، مومل جهڙي زال
ويچاري ويهي وٺي. پر امــان
ڪا واهه به هجين.

جانڻ – چاچي نه گهٽائي وس ڪيس پر
تريءَ تيل ٿي نه لائڻ ڏنس.
پار وارن وڏيرن چواين ته ڪين
تريون ٿي ٻه هنيائين.

ايمٺا – ادي وڏا مائهو آهن. وڏن جون
ڳالهيون به وڏيون •

جانڻ – اٿيڏٺيپٽيآهي وڏماٺهپ. غريب
آهيون، ڏکيا آهيون، بکيا آهيون
پر نيائيون وهاري ته ڪونه ٿا
ڇڏيون. پرائي آه ته ڪونه ٿا
ڪٺون. اُهــو سون ٿــي کهوريو
جو ڪن ڇني.

ايمٺا – بس پيڻ، ويچاريءَ جي قسمت،
حويليءَ ۾ ٿــي پٽي پٽي مري
ويندي ويچاري.

هدايتون | مڪالمو
---|---

سکھڙ وڏيڪ ٻڌي نٿي سگهي. هوءَ آهستي آهستي آئيني ۾ ڏي آڏو اچي بيهي ٿي ۽ پوءِ پاڻ کي ڏسڻ لڳي ٿي.

هلڪي مرڪ سندس چپن تي اچي ٿي پر پوءِ مٿي جا ڪجهه سفيد وار ڏسي سندس مرڪ غائب ٿي وڃي ٿي.

—ڊزالو—

تاجو هاڻي ڪانيءَ ۾ جانٺو جوان آهي. شهپر وڏا ۽ کهاٽا، اکين ۾ لاپرواهي مٿي تي پٽڪو، وڏي گهير واري سلوار پريل چولو، ڪلهي ۾ ڪارتوسن جي پيٽي، رانن تي دونالي بندوق، لنگوٽ ڦهلائي مکڻ ٽيو ويٺو آهي. هڪ نوڪر کيس زور ڏيئي رهيو آهي.

ٻاهران ٻنيي وٽان، جنان لمڪا ڏيندي وڏي واڪي ڳالهائيندي اندر اچي ٿي. جنان ڪراڙي زال، اجرڪ ويڙهيل، ڳالهائڻ ۾ ٻلا، ناز نخرو، چالاڪ ۽ مڪار، ڳالهائڻ جو رنگ ڍنگ ڏوتين جهڙو. هٿن ۽ اکين جا ترڪتال به خوب چائي. جنان ڪڙڪو ڪندي اوطاق جي مهڙ وٽ ويٺل توبچي ڏانهن اچي ٿي. توبچي آئيني سان منهن ڪيڏي ڏانهس

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| نھاري ٿو. | جنان — مُئو، نپٽو آئُو، شل ڪاريءَ تي پير پويس. شل ڳالھو پڇيس، ڪندو منھنجو مولا نہ ڪيڙا پوندس؛ شل لاش رلندس ڳھٽين ۾. |
| ٽوبچي ڪھٽ تان ويٺي ٿي مڙو وٺندي پڇي ٿو. | ٽوبچي — مائي جنان وري ڪنھن سان وڙھين ٿي؟ |
| | جنان — اڙي ابا، اھو ٽانگيءَ نڪتو ولو پيو ڪير—؟ خدا غارت ڪريس. نہ مري ٿو نہ منجھوئي ڇڏي ٿو. نياڻو، نہ ڪنھن ڪم جو ۽ نہ ڪنھن ڪار جو. سڄو ڏينھن آڻ ۽ آڻ پئي ٿي پويس. |
| | ٽوبچي — ڪم ڪار ڪونہ ڪري ڇا—؟ |
| | جنان — انھيءَ سنڌن سڪي ڪان ڪھڙو ڪم ٿيندو. جوانيءَ ۾ تہ ماڻھن جا پيلھپا ڪري، مُئي ڳالھي لٽي ڪي ڪاراين، ھاڻي پيريءَ ۾ ڪھڙو ٽاڪرو ھڻاڻ—؟ |
| رُئندي | .... اڙي ابا رحيمون، ان نياڻي جون اندر ۾ اٿم رت جون مانيون. |
| | ٽوبچي — صبر ڪر مائي، وري بہ مڙس اٿئي. مڙسن جا حق وڏا ٿيندا آھن. |
| ڳوڙھا اگھندي | جنان — ھائو ابا، سچ ٿو چوين. الله الائي ڪھڙين ڳالھين ۾ راضي ھجي |

| هدايتون | مڪالمہ |
| --- | --- |
| | توبھ ٿئي منهنجا مولا تنهنجي در تي. شل قادر ڪرم ڪندين . |
| رازداراڻي نموني ۾ | رحيمون- رئيس ته اندر آهي نه؟ |
| | توبچي- ها، ها، اوطاق تي آهي. رات ڪي مهمان لٿل هئا، وڏي محفل مچي، خوب ڪاچا پيچا ٿيا. صبح ٿيندي ڏي هنن ته ڪمي الھ واهي، باقي ڀوتار هوندو خمارن ۾. |
| جنان اندر وڃڻ لڳي ٿي | جنان - ته پوءِ وڃي ٻه ڳالهيون ٻڌائي اچانس. موٽي وڃي مٿي ڪي نيرن گهڙي ڏيان. |
| توبچي ڏانهس معنيٰ خيز نظرن سان ڏسي مرڪي ٿو | توبچي- مائي ڪا امان جي ٻه ڳڻ اٿئي يا مور ڳو وياسون دل تان لهي؟ |
| | جنان - ابا، جيئن دير تيئن خير! اهڙي وني پرڻائيندي مانھ جو يا عمر ڀيو دعائون ڪندين، ها. |
| جنان اڳتي وڌي ٿي - ڳلو ۽ ڪُڏو ڪرڪندي بيهي ٿا رهن - هڪ ٻئي ڏي ڏسي مرڪن ٿا. | |
| ڳلو پڪهر آڳهندي | ڳلو - مائي جنان، خوش آن؟ |
| | جنان - ابا خير هونده، خوشي ڪهڙي ٻٽ! پيريءَ جو پهر آهي، شل خير جي گذاري. |
| | ڪُڏو - ڀوتار لاءِ مڙڻي ڪا چڱي خبر |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | آندي تي ڏسجني، ڪهڙن آهي نہ سچ—؟ |
| ڪڏو ڏند ڪڍي کِلي ٿو | |
| | جنان — مُٺا مستي توکي بہ کھٽي آ، جونھي چيڪ چڙي ڏنو اٿئي چا—؟ |
| جمعو ٽيبل تان ٺانءَ ميڙيندي وچ ۾ چوي ٿو- | جمعو — نہ مائي، جونھس تہ بندوق پريو وٺي اٿس ہارھوني. اهو چندو رئيس جي بچي سچي جهڪي ہي چٽو ٿيو اٿئي. |
| خالي بوتل ۽ گلاس ڏيکاريندي- | گلو — مائي جنان، جي مڙسي ڪرين تہ همراہ مارائي ڏيانءِ. |
| | جنان — اهو وري ڪهڙن ڙي گلو—؟ |
| | گلو — شوق اٿس ہيءَ شاديءَ جو. مولا بخش واري ٽهاڻ تي دل تي اٿس، جي اهو ڪم ڪرائي ڏين تہ وہ واہ ٿي وہندي. |
| | جمعو — اٺون منھنجو ڪم اڌ ۾ رهيو—؟ |
| | جنان — هائي تون تہ بس ڪري ويھ ڪُپا، اچو مٿو الو خراب. |
| جمعو شڪي ٿي ٿو- گلو ۽ ڪڏو مٿس کلن ٿا- مائي جنان سوڙو ڏيئي وراڻدي ڏي وڏي ٿي- | |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| جنان — ابا تاجن، خوش نه آهين نه—؟ | تاجوءَ کي ڏسي خوشامدائي لهجي ۾ چوي ٿي- |
| | تاجو ڪو جواب نٿو ڏئي اکيون کڻي جنان ڏانهن نهاري ٿو- سندس چپن تي هلڪي مرڪ اچي ٿي. |
| جنان — شال خوش هوندين ٻچا، پرڏي ڳوٺ ۾ اڪيلي تنهنجي سر کي ڏسي خوش ٿيندي آهيان پٽ. | جنان مرڪندي چوي ٿي |
| .... رئيس ۾ ڪم هوم نه ته ٻاهر نڪرڻ جهڙي ناهيان، جڙئين. | تاجوءَ کي زور ڏيندڙ نوڪر کي ڏسي ڳالهه بدلائيندي- |
| | جنان در کولي اندر وڃي ٿي. تاجو هڪ دفعو وري اکيون بند ڪري پنهنجي منهن مرڪي ٿو. |
| | — ڪٽ — |

سين ؛ ٣

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| | ڏينهن |
| | رئيس جي اوطاق جو اندريون منظر - چڱي نموني سينگاريل ڪمرو- ديوارن |

| هدايتون | مڪالمه |
| --- | --- |
| تي هرڻن جـون سرن، بندوقون وغيره سينگاريل آهـن. هڪ پاسي پلنگ رکيو آهـــي، جنهن تي رئيس ڪريم بخش خـان اونڌو ستو پيو آهي. هڪ نـوڪر کيس زور ڏيئـي رهيو آهي. ڪمري جي وچ تي صوفوسيٽ ۽ وچ ۾ سينٽر ٽيبل رکيا آهـــن. ٽيبل تـــي بوتل گلاس ۽ سگريٽن جو پاڪيٽ رکيا آهـن. پر ۾ ئـي روالور ۽ ڪارتوسن جـو پٽو پڻ رکيا آهن. | |
| جنان در ڪولي اندر اچي ٿـي. نوڪر کيس آڱر سان خاموش رهڻ جو اشارو ڪري ٿو. پر جنان کيس اشاري سان ڇڙبـي رئيس جي مٿن کان وڃي ٿي. | جنان ـ صدقي وڃـان رئيس، گهور ٿيان ٻچڙا.... آرامي آهين ڇا___؟ |
| رئيس پاسو ورائـي جنان کي ڏسي ٿو. ننڊا کڙيـن اکين ۾ خمار آهن. | |
| اوباسي ڏيندي. | رئيس ـ مائي جنان آهين___؟ |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| جنان – قربان وڃانءِ، ساڳــي تنهنجي گولي آهيان ۔ جوانــي مائين ، تنهنجي در جي ٻانهي آهيان ۔ شل ويرون ويــر وڌنديون، شــل ڪوسو واءُ نــہ ڏسنديون منهنجا رئيس سهڻا. | پـَٽ تي ويهي جنان رئيس جي مٺي ڪي زور ڏيڻ شروع ٿي ڪري۔ رئيس نوڪر کــي اشارو ڪري ٿو۔ نوڪر سگريٽن جو پاڪيٽ آڻــي ڪيس ڏئي ٿو۔ |
| رئيس – ڪر خبر مائي جنان، ڇا حال اٿئي ــــ؟ | رئيس سگريٽ دکائيندي نوڪر کي اک جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ جو چوي تــــو۔ نوڪر وڃي ٿو۔ |
| جنان – بس پٽ ، نہ پڇ سورن جــون ڪهاڻيون۔ جيسين داڻــو پاڻــي آهي تيسين تہ جيئڻو ڏي پوندو۔ خدا ناس ڪندو ان مٺي ولــوءَ کي۔ چوي تــہ ڪک پيجي ٻيٺو نہ ڪيان۔ ڪو ويهي ڪٽ تي ڪارائيم ۔ ٻارهوئي گهر ۾ ٽمجهڻ وڃهيو ويٺو آهــي موالي۔ سلفي هجيس ۽ ڀاڻ هجي۔ مون ڪجهہ ڇيو ناهي ۽ ٻتليو ناهي۔ | |
| رئيس – ان ولوءَ کي تـہ مان هاڻي ڏي | |

| هدايتون | مڪالمه |
|---|---|
| رئيس ٻڌون، مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي جنان کي ڏيندي چوي ٿو. جنان نوٽ وٺي رئي جي پلوءَ ۾ ٻڌي ٿي. | ڳهرائي موچڙن جي ٺاهوڪي مار تو ڏيان. تون ٻڌاءِ، ڪهڙي خبر آندي اٿئي ــــ؟ |
| | جنان ــ خدا مڙئي چڱي ڪندو رئيس، دل ڇوٽو لاهين. |
| | رئيس ــ پر ٻيءَ، آخر ٻڌان ته سهي. |
| | جنان ــ چوري آهي الڙ، سمجهي ئي نٿي. ڳهٹيون ئي لاهيون چاڙهيون ڏنيون مانس. لالچ، دڙڪو، دهمان پيار، محبت، سڀڪجهه آزمايم پر تريءَ تيل ئي لائڻ نٿي ڏئي. |
| | رئيس ــ ته ڇنبو ته تو هن پيري آڻ مـڃي. |
| | جنان ــ جنان اڄ تائين تـــه آڻ نه مڃي آهي رئيس، پر ـــ! |
| | رئيس ــ پر ڇا ــــ؟ |
| | جنان ــ صدقـي وڃانءِ سهٹا پٽ، آهين اٻهرو، ڪٿي ڪو خنام نهڃائي وڃهين. ان لاءِ ٿي ڪيپايان. |
| | رئيس ــ ماٺـي جنان ، مـون اڄ تائين انڪار جو لفظ ٻڌو ئي ناهي. مون جو چاهيو آهي، سو ضرور حاصل ڪيو آهي. ٻـڌاءِ، ڇا ڳالهه آهي ــــ؟ |
| | جنان ــ ڇا ٻڌايانءِ رئيس، اها سڄي شهه رمضان جي اٿئي. |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| رئيس – ڪهڙو رمضان ـــ؟ | |
| جنان – نوران جو مڱيندو. خميسي وارو پٽ. چوائي مُڪائين ته پنهون ۽ ونهون مٺي مارائـي بنا نه ڏيون آهن. | |
| | رئيس پلنگ تان اُٿـــي ڪمري ۾ پسار ڪري ٿو- |
| رئيس – ته اِها ڳالهه آهي. | |
| جنان – مون ته نوران جي پيءُ کي به چيو ته مڱڻو ٽوڙائي، پانهن رئيس کي ڏي، پر مٺو مڇرجي پيو- اُنان پيو اچـي جتان ڪوڙو نه موٽي. | |
| رئيس – ٽڪي جـو ڪڙمي، منهنجي ٽڪرن تـي پليل، نمڪ حـرام ڪتو، سندس اها مجال. | |
| جنان – ڪاوڙ نـه ڪر صدقي وڃانءِ، ڀلا تنهنجي جُتيءَ ۾ ڪو پير وجهندو؛ مون ته مٺي کي گهڻو سمجهايو پـر مگر مڙئي گهٽي پٽي ڏنس. | |
| رئيس – مائي جنان. | |
| جنان – گهور وڃي جنان. | |
| رئيس – مون نوران کي حاصل ڪرڻ لاءِ سيڪجهه ڪيو، پر معلوم ٿـو ٿئي تـه پاڻي سرئون تمار ٿي چڪو آهي. | |

## هدايتون — مڪالمو

جنان – خير گهر رئيس، نپاڪ ڪنيو اٿن
چاڻ تہ منهن پيٽ سان لڳن.

رئيس – جو ڪم تون نہ ڪري سگهين؛
سو تاجو ڪندو.

جنان – تاجو ــــ؟

ڪاوڙ ۾

رئيس – ها .... هاڻي سواءِ تاجوءَ جي ٻيو
انهيءَ مرض جو علاج نہ رهيو
آهــــي.

ٻچندي، ڪنبندي

جنان – نہ نہ .... رئيس نہ .... ائين نہ....
جــا ننهن سان ڇڇي تنهن کي
ڪاتـي نہ هڻجي .... تاجو ....
توبهہ ڪيو رئيس.

رئيس – هاڻــــي ڪاتيون نہ ڪهاڙيون
ڪم ڪنديون ماڻــي جنان؛ ۽
تاجو کي تون سڃاڻين ٿيـــ!

جنان – نہ نہ....

ڪاوڙ ۾

رئيس – نہ نہ چــا جي .... هاڻي تنهنجو
ڪم پــورو ٿيو، آئون ڄاڻان
منهنجو ڪم.... تون هل.

ٻچندي ٻچندي جنان ٻاهر وڃي ٿي. ۽ رئيس پسار ڪري سوچڻ لڳي ٿو.

— پردو —

## سين ۳

**ڏينهن**

رئيس جي حويلي. رئيس جي ساهه ڪڻ تي ويٺي آهي. جنان سندس پرسان پٽ تي ويٺي آهي. ٿورو پريرو رئيس جي جواني ڪان ڪجهه سوٽيل پيڙ سڪهڙ ويٺي ٿي پيرت پري.

ساهه — اٿي ادي جنان، انهيءَ سور ته اندر ٿي ساڙي وڌو اٿم. نياڻيءَ جو بار ڪلهن تي نه هجيم ها ته جيڪر ڪڏهوڪو وڃي قبر ۾ سکي ٿيان ها، پر ڇا ڪيان؟

جنان — ڏيرنهن به ته سڪهڙ جو سڱ ڇڪايو هو. ان جو ڇا ٿيو——؟

ساهه — امڙ! اهي ڳالهيون ڪي نه ڇور، هاڻ ڪريو پيو اٿم. منهنجي گهر واري مرحوم جي پنهنجي پاهه سان جيئري ئي ڪانه پئي. مٺيءَ ملڪيت جاني جدا ڪري ڇڏيا. ڪي سال ته منهن ئي ڪونه ڏنائون هڪ ٻئي جو. هاڻي سڱ لاءِ چوايائين ته ڪريمبخش پٽ تريون ئي نه هنيس.

| هدايتون | مڪالمه |
| --- | --- |
| | جنان – ها امان، رئيس ته آهي چٽنگ، شل نه ڦوڪ اچيس. |
| | ماءُ – جيئي بچي شال، هڪڙو ئي پٽڙو اٿم. جي تـي سگهڙ جي شادي ڪرايان ته ملڪيت ٿي ورهائجي. ان ڪري مني به مات سٽي به مات. دل جو سور دل ۾. |
| | جنان – پر ٻڙي ملڪيت ڪاڻ ڪو وياهه ويهاري ڇڏبا ڪيئن–!؟ |
| | ماءُ – بس پوءِ ادي، وڏيرڪن گهرن جا تـ اهي ئي رواج آهـن. منهنجي مڙس مرهيات به پنهنجيءَ ڀيڻ کي قرآن بخشائي ڇڏيو هو. مرندي مري وئي، حق نه ڪيائين. |
| | جنان – هه هه ادي.... اهو ته ڪيس ٿيو. جوان جماڻ ملوڪ جهڙي ڌيءَ. |
| سگهڙ ڏک ۽ تڪليف سان ڳالهيون ٻڌي رهي آهي. ماءُ جنان جي ڳالهه ڪٽي سگهڙ کي سڏ ڪري ٿي. | ماءُ – سگهڙ. |
| | سگهڙ – جي امان. |
| | ماءُ – ڌيءَ ڪڪڙين کي تـ ڪو داڻو ڏئي آ. بک ٿي هونديون ويچاريون. |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| سکهڙ ــ اُهو ته مون ڪڏهوڪو ڏنو اٿن امان. | |
| ماءُ ــ ته پوءِ وڃي ايمٽا کي مانيءَ ڏکيءَ جو سمجهائي اچ چاڻ ته منجهند ٿي. | |
| | سکهڙ بي دليءَ سان سيبتي جو سامان رکي ٻاهر وڃي ٿي. |
| سکهڙ ــ حاضر امان. | |
| ماءُ ــ ويچاري ڳيتين ۾ ئي ڳري وئي آهي ٻچڙي. اُهو سون ئي کهوريو جو ڪن چڙي. اهڙي ملڪيت کهڙي ڪم جي جا اولاد جي آس اڪئين نه ڏيکاري. | |
| جنان ــ ته پوءِ پٽ کي چوين ڇونه ٿي. | |
| ماءُ ــ پيڻ، مردن آڏو زبان کولڻ جي ڪنهن کي مجال آهي!. هڪ دفعي سو اشارو ڏنو هو سانس ته آپي کان نڪري ويو هو. چي سکهڙ کي جيئري پوري ڇڏينلس، نڙيءَ تي ننهن ڏئي ماري وجهندس پر ڪار نه سهندس. | |
| جنان ــ بس ڙي امان. وڏا سڏاوڻ وڏا ڏک پاوڻ. دنيا تــه آهي ئي ڏکن جو ڏيهه، ڪو آجو ناهي. | |
| | گوڏن تي هٿ ڏيئي چنگهندي اٿي ٿي. |
| .... اٿ ڙي جنان، مٿو ولو پيو واجهائيندو هوندو. | |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| ويندي ويندي | الله خوش رکندئي مائي، شــل ڏکيو ڏينهن نــ ڏسين. اسان جا اڄهو اهي حــال اٿئي، جهولي وهيٺا وينا آهيون، گهاٽي ڀڳو ويٺو هوندو پنڪين ۾. |
| ٻاهر وڃي ٿي. | |
| سگهڙ پريشان ڊوڙندي اندر اچي ٿي. | سگهڙ – امان، امان! ڪجهہ ٻڌئي امان! |
| | مـــاءُ – ڇاهــي ڇوڪري ـــ؟ ڇو ٿي بي حال ٿين ـــ!؟ |
| | سگهڙ – ڇاڇو آيو آهي. |
| ماءُ گهبرائجي اٿي ٿي. | مـــاءُ – ڇاٽي ڇئين سگهڙ ـــ؟ |
| | سگهڙ – سچ ٿي چوان امان، ڇاڇو ادا سان گهالهائڻ لاءِ اوطاق ۾ آيــو آهـيہ مونکي اڄهو هينئر ايمٽا ٻڌايــو. |
| ماءُ سيني تي هٿ هڻندي رڙ ڪري ٿي. | مـــاءُ – يا اِلاهي خير. |

— ڪٽ —

سين ؛ ۴

رئيس جي اوطاق- رئيس جو چاچو جڙيل خان ۽ رئيس سخت غصي جي حالت ۾-

رئيس - اهو ناممڪن آهي.
جڙيل خان- مان تنهنجو چاچو آهيان پٽ؛ مونکي نا اميد نہ ڪر.
رئيس - رشتا ناتا واريءَ سندو ڪوٽ هوندا آهن. هوا جو معمولي جهوٽو بہ کين ڪن ۾ ڊاهي سگهي ٿو.
جڙيل - خون جا رشتا دائمي هوندا آهن پٽ؛ رت دانگيءَ تي بہ ورندو آهي؛ لٺئين پاڻي جدا ٿيٺو ناهي.
رئيس - اهي سڀ چوڻ جون ڳالهيون آهن، وقت پئي ڪو ڪنهن جو ناهي، هرڪو پنهنجي مطلب جو آهي چاچا.
جڙيل - منهنجو سليم پڙهيل ڳڙهيل آهي. مون شهر ۾ رهي کيس چڱي تربيت ڏياري آهي- هونئن تہ کيس چڱن گهرن جا رشتا ملي سگهن ٿا، پر مون سوچيو تہ.....
رئيس - اوهان سوچيو تہ منهنجي ملڪيت

اوهان جي سليم لاءِ بهتر ٿيندي؛
اٿين نه ــــ؟

جڙيل – مون ملڪيت بابت سوچيو به ناهي پٽ، تو کي اهي ڳالهيون چوڻ به نه گهرجن.

رئيس – مان ڪو ٻار ناهيان جو توهانجي چار ۾ سولائي سان اچي وڃان. مان چڱي طرح ڄاڻان ٿو ته ڏاڏي جي ملڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان ابي تي حملا ڪرايا، ڪيس ڪيا، الزام لڳايا ۽ جڏهن ڪامياب ٿي نه سگهيا ته ڳوٺ ڇڏي وڃي شهر وسايو؛ ۽ هاڻي سگهڙ جي سڳ جو بهانو ڪري، اوهان هڪ دفعو وري پنهنجي پراڻي خواهش پوري ڪرڻ ٿا گهرو.

جڙيل – ملڪيت، ملڪيت، ملڪيت! دنيا ۾ دولت ۽ ملڪيت ئي سڀڪجهه ناهي ڪرم بخش خان. تون پنهنجيءَ پيءُ کي صرف ان ڪري شادي ڪرڻ نٿو ڏين جو هو توکان حصو گهرندي.

رئيس – توهان به نه پنهنجي پيءُ کي آخري دم تائين ڪنوارو رکيو. توهان جي وڏن ۽ سندن وڏن

۽ سندن وڏن سيني اهوئي ڪيو
جو مان ڪري رهيو آهيان.

جڙيل – اسان جاهل هئاسين پٽ! اسان انسان تي پئسي کي ترجيح ڏني هئي. اِهو ئي سبب آهي جو مان ماضيءَ جا داغ ڌوئڻ لاءِ اڄ جهولي ڦهلائي تنهنجي در تي آيو آهيان پٽ .
.... ماڻ، تنهنجي دولت نه، سگهڙ جي خوشي خريدڻ آيو آهيان.

رئيس – سگهڙ کي ڪهڙو ڏک آهي–؟ چڱو چوڙي تي، چڱو ماڙي تي مان سندس پاڻ آهيان، مون کان وڌيڪ سندس خوشيءَ جو اونو ٻئي ڪنهن کي ٿيندو؟

جڙيل – خوشي صرف کائڻ پيئڻ جو نالو هجي ها تہ انسان جانور ٿيڻ پسند ڪري ها.

رئيس – مون کي انهن ڳالهين سان ڪا دلچسپي ڪانهي، گهر جو وڏو مان آهيان ۽ اهو منهنجو فيصلو آهـــي .

جڙيل – اسان جي ڪوٺن ۽ حويلين ۾ سگهڙ جهڙيون هزارين ڇوڪريون تو جهڙن انسانن جي ضد، هٺ ۽ ڪوڙي غرور سبب موت کان بہ بدتر زندگي گذاري رهيون آهن.

رئيس – چاچا، تون منهنجي تڏي تي آيل آهين.

شراب جي بوتل ڏانهن اشارو ڪندي.

جڙيل – تون سڀڪجهه ڪري سگهين ٿو. دنيا جي هر خوشي ماڻي سگهين ٿو، ڇو ته تون مرد آهين، آزاد آهين. توکي اهوحق حاصل آهي ته بيوس گگدام ۽ بي زبان پيٽ جي مجبوريءَ تي پنهنجي عياشيءَ جا قلعا اڏيندو رهه.

دانهن ڪري

رئيس – چاچا.......

جڙيل – تون ڏاڙيل رکي سگهين ٿو، شراب ۽ شباب جون محفلون سجائي سگهين ٿو، پر اهو نه وسارجان ته قدرت جو انتقام بيحد ڀيانڪ ٿيندو آهي. الهه توهار.

جڙيل خان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

رئيس ڪيس ويندو ڏسي ٿو ۽ ڏهڪ ڏيئي بوتل کولي ٿو ۽ شراب گلاس ۾ اوتي هڪ ڏي ڍڪ سان پي وڃي ٿو.

رئيس – هونهه—! انتقام!

*Time Lapse-Night Effect.*

رئيس ڪجهه وڌيڪ پي چڪو آهي- ايشتري ۾

| مڪالمہ | هدايتون |
|---|---|
| | سگريٽن جا ڪافي ڏونرا جمع ٿي چڪا آهن - رئيس ٽڙندو اٿي ٿو- سامهون تاجو بيٺو آهي - |
| رئيس - تاجو! رئيس اڄ تائين جو چاهيو آهي، سو ضرور حاصل ڪيو آهي. اسان جو ڌهڪاءُ، خوف ۽ هراس سڄي ترتي ڇانيل آهي پوءِ - پوءِ هيءُ نوران ڪير ٿيندي آهي اسان سان سينو ساهي واري - ؟ | |
| تاجو - نئين بلبل هوندي پوتار. | مرڪندي |
| رئيس - اسان جي وڏي ۾ وهه نه پر تاجو؛ هن اسانجي بيعزتي ڪئي آهي ۽ تون ڪلي رهيو آهين -! | |
| تاجو - اوهان ڪان بچي ڪيڏانهن ويندي پوتار؛ آن جو منهن نه جنڊ ڏانهن ئي آهي. | |
| رئيس - مونکي تنهنجي صلاحن جي نہ، مدد جي ضرورت آهي تاجو. | |
| تاجو - پوتار لاءِ جان بہ حاضر آهي؛ حڪم ڪئي. | |
| رئيس - مون توکي پنج سال پاڻ وٽ پاليو آهي تاجو؛ ۽ پوليس کان پناهه ۾ رکيو آهي. اهو نہ | |

| مڪالمہ | هدايتون |
| --- | --- |
| وسارجانہ تہ تو منهنجو نمڪ کاڌو آهي. | |
| تاجو – بندوق وهائي ڪير رئيس، مهٽو نہ ڏي. | |
| رئيس – شاباس تاجو، مون تہ تنهنجي غيرت جو امتحان ٿي ورتو. | |
| تاجو – مهلون مڙسن تي ايندڀون آهن پوتار، تون مونکي اڳ بہ آزمائي چڪو آهين. منهنجو وار ڪڏهن بہ خطا نہ ويندو آهي. منهنجي دونالي؛ مونکي ڪڏهن بہ دوکو نہ ڏنو آهي. | |
| رئيس – تہ پوءِ بڌ تاجو؛ اڄ رات نوران منهنجي اوطاق ۾ پهچڻ گهرجي. | |
| تاجو – بس، ڳالهہ بہ ايتري — ! | |
| | ٺهڪ ڏيندي رائيفل ۾ گوليون پري ٿو. |

ڪٽ

سين ؛ ۵

| | |
| --- | --- |
| | رات<br>رئيس جي اوطاق.<br>گهڙيال رات جا ۾ وڄائي ٿو. رئيس ايشٽري ۾ سگريٽ جو ٽوٽو مروڙي بيچيني؛ وچان گلاس هٿ ۾ کڻي ٽڙندو اٿي ٿو.<br>هو سڌو دري؛ وٽ وڃي بيهي ٿو |



واچوڙن ۾ لاٽ

۽ ٻاهر اونده ۾ ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. ٻاهر ڪجهه به ناهي. رئيس مايوس ٿي ٻه ٽي قدم واپس موٽي ٿو.

اوچتو ڪو آواز ٿئي ٿو. رئيس ڇرڪي وري دريءَ ڏانهن وڃي ٿو. پر ڪجهه به نظر نٿو اچيس. مايوس ٿي اچي ٿو صوفي تي ڪري. اميد ۽ نااميدي جا تاثرات سندس منهن تي اڀرن ٿا. پگهر جا ڦڙا چهري تي چمڪڻ لڳنس ٿا. هڪ دفعو وري هو دريءَ ڏانهن وڌي ٿو. اوچتو ڪيس پري کان جيپ جي روشني نظر اچي ٿي. هن جي منهن تي اميد جي جهلڪ موٽي اچي ٿي. ڪيت ڏيئي سڄو گلاس خالي ڪري ٿو ڇڏي.

جيپ ٻاهر بيهي تائين ٻهجي وڃي ٿي. ٽڪ ڪري جيپ تي اچون ٿا، جنهن مان ٽي چار همراه ٻٽ ٻڌل ٽپو ڏيئي لهن ٿا. ۽ ڪپڙا ڇنڊي ٻٽون ڪولي ٿا ڇڏين. هو تقريباً سيٺي رئيس جا ماڻهون آهن.

تاجو پڻ بندوق سنڀالي هيٺ لهي ٿو. نوران؛ جا چوکنڀي ٻڌل آهي، تاجو ڪيس ڪلهي تي کڻي، ٻڌر لتاڙي ورانڊو اڪري ڪمري ۾ وڃي ٿو — سمورو وقت نوران هٿ پير هڻندي

| مڪالما | هدايتون |
| --- | --- |
| | رهي ٿي - پر سندس وات ھٽ ۽ پير ٻڌل آهن - تاجو نوران کي پٽ تي آڇلائي ٿو- |
| تاجو — وٺ رئيس پنھنجي امانت ۽ غيرتمند آهين تہ ٻيھر مهٽو نہ ڏجانءِ. | |
| رئيس — مڃي ڇڏيومانءِ تاجو ۽ بلاشڪ نمڪ حلال آهين. وڃ وڃي عيش ڪر. | رئيس سندس ٻني نپريءِ ٿو ۽ خوشيءَ وچان چوي ٿو- |
| | رئيس نوٽ ڀٽونءَ مان ڪڍي تاجوءَ کي انعام ڏئي ٿو- تاجو هڪ نظر رئيس کي ڏسي ٿو- تلخ مرڪ سندس چپن تي اچي وڃي ٿي- ھئي لمحي هو زمين تي تڙپندڙ نوران کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري ٿو وڃي. |
| | رئيس نوران ڏي نهاري کلي ٿو ۽ تهڪ ڏيندي در بند ڪري ٿو ڇڏي. |
| | — ڪٽ — |

| مڪالمو | هدايتون |
| --- | --- |
| | ٻاهر تاجو اڪيلو آهي- رات جي اونداهيءَ ۾ هو آهستي آهستي ورانڊي مان ٿيندو پڌر ۾ اچي ٿو ۽ پوءِ ٻُنيءَ وٽ اچي هيڏانهن هوڏانهن نهاري اڳتي وڌي ٿو. |
| | وٽس هيٺان لنگهندي اوچتو هڪ هٿ اچي سندس ڪلهي تي پوي ٿو! تاجو ڇرڪ ڀري بندوق جو رخ پٺتي ڪري ڏانهن ڪري ٿو- |
| تاجو - ڪير آهي؟ | |
| | تاجوءَ جي منهن تي خوف جا تاثرات آهن جي آهستي آهستي تبديل ٿي وڃن ٿا. |
| | هو ڇوڪري جو ساهه کڻندي چوي ٿو- |
| تاجو - او... تون...! تو ته مون کي ڊيڄاري ڇڏيو سگهڙ...! | |
| | ڪشمرا سگهڙ تي اچي ٿي جا شال اوڍي حيا کان مرڪي رهي آهي- |
| سگهڙ - اڄ ته ڏاڍو انتظار ڪرايئي تاجو! | |
| تاجو - اڄ رئيس جي ٻيگر تي ويل هئس چري، ٻيهر دير نه ٿيندي...! | |

اوچتو رئيس جي ڪمري مان نوران جي چيخ جو آواز اچي ٿو- تاجو ۽ سگهڙ مڙي اوڏانهن ڏسن ٿا-

دروازي کي زور زور سان کولڻ جا آواز اچن ٿا ۽ پوءِ نوران دروازو کولي چيخندي ٻاهر اچي ٿي - سندس پويان رئيس ٿهڪ ڏيندو، ٿيڙ کائيندو ٻاهر اچي ٿو.

نوران جي هٿ ۾ رئيس جو پستول آهي- جنهن مان هو لاڳيتو ٿي فائر ڪري ٿي. رئيس ٿڙي ٿو- نوران ڀڄي ٿي. رئيس سندس پٺيان ڊڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو- ايتري ۾ رئيس جي نظر تاجو ۽ سگهڙ تي پوي ٿي ، جي ٻئي چپ چاپ بيٺا کيس ڏسن - رئيس جي منهن مان غصو ۽ تعجب ظاهر ٿئي ٿو- هو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو پر سندس وات مان رت جي ڪرڙي نڪري ٿي- هو ٿنڀي کي هٿ ڏيئي هيٺ ڪسڪي ڪري ٿو ۽ تاجوءَ کي گهوريندو، ريڙهيون ڏيندو، ڏانهس وڌي ٿو. سندس هٿ لرزندو تاجوءَ ڏانهن وڌي ٿو. رئيس ڏندڪرٽيندو آٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اوچتو هو زمين تي ڪري ٿو ۽ مري وڃي ٿو.

نوران چيخندي، رڙيون ڪندي ٻاهر ڊوڙي رهي آهي .

— پڄاڻي —

# سنگم پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

١- آرزو [مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون] ختم

٢- سپنا " "

٣- اسڪاه ليب " "

٤- سنگم " "

٥- ماڻڪ موتي " "

٦- صبحِ ازل " "

٧- آمنگ " "

٨- تخليق جو موت " "

٩- ليڊر جو عشق " "

١٠- آب حيات " "

١١- ماستا " "

١٢- سالگره نمبر " "

١٣- من تنها منزل دور " ١٥-٠٠

١٤- سندري اتمچندائي جون شاهڪار ڪهاڻيون ختم

١٥- قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون "

١٦- سنڌو [انڊيا جي برک سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون] ١٢-٠٠

١٧- جڏهن پوڻه ٻڏي (شاعري) تاجل بيوس ختم

١٨- انبن جهليو ٻور (شاعرائو نثر) تاجل بيوس (ٻيو ڇاپو) ١٢-٠٠

١٩- سنڌ جي سياسي جدوجهد ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ختم

٢٠- حمل فقير (چونڊ مضمون) "

٢١- ڪنواري ڌرتي ليکڪ: ليونڊ بريزنيف ٢٠-٠٠

سنڌيڪار: منير چانڊيو

٢٢- هر دل اندر هڪ ڪربلا (ڪهاڻيون) خالد سنڌي ٢٠-٠٠

٢٣- سگهارو هماليه هيٺا ماڻهو [نيپال جو سفرنامو] ف-م-لاشاري ١٢-٠٠

٢٤- نه مرڻ جو ڏک (ڪهاڻيون) ايشور چندر ١٠-٠٠

٢٥- سرجيندڙ سانيهه جا (بيت) تاجل بيوس ١٢-٠٠

٢٦- ترقي پسند ادب جا معمار (تحقيق) خاڪي جويو ١٢-٠٠

٢٧- واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) قمر شهباز-/٣٠-/٥٠




❋ ڪي لکي ڄاڻن، پر لکڻ جا ڏوڻي. ڪي لکڻ جا نااهل، پر قلم جا ڪاروباري. قمر شهباز ڪي يارن چيو "ڪمرشل باز"، پر هي اهو ڪاروباري ڪونهي، جيڪو قلم جي ساک نه ڄاڻي. ڏوڻي ڪونهي، سخت سرگرم، ذات ـ ڏڏي آهي. هرفن فولا، هرڪم سولا. شاعري، ناٽڪ، ڪهاڻي، لطيفو، گنڀير تـوڙي طنزي ۽ مذاقي موضوع، سڀني پاسن لکيو اٿس. تنهن ڪري ويل ۾ آهي ۽ وير پرايا اٿس. تڏهن به اهو وکر وهائيندو اچي، جنهن جا خريدار گهٽتا نه آهن. هن افسانوي ادب جي ميدان ۾ ڪيڏو ڪم ڪيو آهي، تنهن جو ڪجهه اندازو هن ڪتاب ڏسڻ سان ٿيندو. —— شمشيرالحيدري

❋ سڀ ڪان پهريائين هي ڳالهه نوٽ ڪجي ته مـون ۾ ڪنهن جي به غيرواجبي تعريف ڪرڻ جي عادت ڪانهي. مونکي جڏهن به خبر پئي ته قمر شهباز جي لکيل ڊرامي يا مزاحيه خاڪي ۾ ڪم ڪرڻو آهي ته تمام گهڻو خوش ٿيو آهيان، ڇاڪاڻ ته ڊائلاگن جي لکڻيءَ ۾ ساٿس ٻرميچڻ ڏاڍو ڏکيو آهـي. گفتگوءَ جي انداز ۾ رواني ۽ ڪردار جي مماثلت ته ڪو ڪاٽڻ سڪي. جي ڊائلاگن جي ادا ڪرڻ لاءِ ڪو سٺو اداڪار ميسر ٿي وڃي ته ڊرامي جا جيئرا جاڳندا ڪردار، ڳوٺ، شهر واهڻ، اندا، منڊا، لولا لنگڙا، سڀ ڊرامي جي ڏٺندڙ يا ڏسندڙ جي سامهون اچي بيهي رهندا. مان ته سمجهان ٿو ته سندن مشاهدو تمام وسيع ۽ گهرو آهي تڏهن ته سندن ڊرامي ۾ ايڏي قوت آهي. ——نورمحمد لاشاري

❋ قمر ڪان وڏيڪ سٺو ۽ تکو ريڊيو ڊراما ليکڪ اڄ تائين ته ڪونه ڄائو ۽ هن ڪان پوءِ ڄمي اها ئي ڳالهه آهي. —— نثار ميمڻ

❋ قمر شهباز انهن چند سنڌي ليکڪن مان هڪ آهـي، جن کي ڪامياب ڊراما لکڻ جـي ڏات مليل آهي. ڊرامي جي فني باريڪين ۽ خوبين جي ڄاڻ ۾ قمر جو مٽ شايد ئي ڪو هجي! مون ٽيليويزن، اسٽيج ۽ فلم لاءِ قمر جا لکيل انيڪ اسڪرپٽ ڊائريڪٽ ڪيا آهـن. قمر جي اها فني خوبي آهي جو هو ڊائريڪٽر جو نقطه نظر گهڙيءَ ڪن ۾ سمجهيو وڃي.
—— غلام حيدر صديقي